منصور پبليڪيشن جو

# ڪهاڻي

نمبر ۲۵

# مرڪ تي منع

(ڪهاڻيون)

سندري اتم چنداڻي

# MURK TE MANAH

Short Stories

By

SUNDRI UTTAMCHANDANI

DECEMBER 1992

PRICE RS. 30/-

PUBLISHED By

JAI SINDHI PUBLICATIONS

9A/6 JETHI BEHAN SOCIETY

MAHIM, BOMBAY-400 016

Tel. 456884 - 464941

Copies 1000

# مرڪ ٿي مڻع

ڪهاڻيون

سندري اُتمچنداڻي

ڇاپو پهريون

ڊسمبر ١٩٩٢

قيمت ٽيهه رپيا

جئه سنڌي پبليڪيشن

9A/6 جيٺي ڀيڻ سوسائٽي

ماهيم، ممبئي 400 016

فون: 456884 - 464941

ڪاپيون هڪ هزار

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١ - ليڊيز هاسٽل | ٩ |
| ٢ - سوڙ جي مدد | ٢٣ |
| ٣ - مڇيل ماسي | ٦٠ |
| ٤ - ٻادن جا سمسان محل | ٦٥ |
| ٥ - رج جو درياهه | ٧٢ |
| ٦ - هو ليکڪ ڪين هو | ٩٥ |
| ٧ - الڳه راهون | ١٠٨ |
| ٨ - سواگت | ١٢٠ |
| ٩ - وڏا ٻه ٻار | ١٢٨ |
| ١٠ - مرڪ لئي مدع | ١٣٨ |

# ڪجهه اسان جي طرفان ....

سندري اُتمچنداڻي جي ڪهاڻين جو اُنون مجموعو اوهان جي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي خوشي ٿي رهي آهي.

هڪ معياري ڪهاڻيءَ جون سڀئي خصوصيتون، اوهان کي هن جي ڪهاڻين ۾ نظر اينديون. زندگيءَ جي مسئلن کي مد نظر رکي لکيل سندس ڪهاڻين جا مرڪزي خيال، نهايت ئي سهڻي، پر اثر ۽ محاوريدار ٻوليءَ سان نڀاهيل ملندا. سندس ڪهاڻيون پاڻ کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

هن جا ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ ڪافي مقبول ٿيا آهن ۽ سنڌ ۾ ٻه ور ور ڪري پڻ ڇپيا آهن. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿيون آهن.

نهرو امن انعام، ساهتيه اڪادميءَ انعام، گورڪي پرسڪار ۽ ٻين ڪيترن ئي انعامن سان سندس ساهتڪ شيوائن جو قدر ڪيو ويو آهي.

— پبلشر

# قرب جون ڪٿيون

سندريءَ جي حقيقت نگاري، ڪهاڻيءَ جو سٽاءُ، ڪردار شناسي پنهنجو مثال پاڻ آهن. هوءَ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جو انڪشاف ائين ڪندي آهي، جو اهو نه مڻ نه چٽ هوندو آهي. ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ۾ اڻ چيتائي ۽ اوچتي هوندي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هن جي ڳٺيل ٽوررائي ۽ ان جو گهاٽو اختصار اُهي آهي جو دل کي موهي ٿو. هونئن ته نثر پنڌ ڪندو آهي ۽ نظم رقص ڪندو آهي پر سندريءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ نثر به رقص ڪندو نظر اچي ٿو. مان هن جي اثر کان ڪافي متاثر آهيان.

— شيخ اياز

سندريءَ جي رفيق حيات سندري اتم چنداڻيءَ کي اَدب ۾ 'خاتون اول' جو اعزاز حاصل آهي. سندريءَ منهنجي ذهن ۽ شعور جي کيتر ۾ ان وقت نرگس ۽ نازبو جا ٻوٽا لڳايا هئا جڏهن مون سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'پوري' پڙهيو هو. 'پوري' ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻي آهي، جيڪا منهنجي راءِ موجب دنيا جي وڏين ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي.

— تاجل 'بيوس'

سندريءَ جي لکڻي لاکيڻي ۽ ٻولي ٻهڳڻي نه آهي ئي. انڪري سندس ڪافي ڪهاڻيون وقت

جي ڪسوٽيءَ تي ڪنهجي يادگار ٿيون آهن. هنجي
ڪهاڻين ۾ نه رڳو ٻاهرين دنيا ۽ اندرين من جي دنيا
جي ٻه ڪشمڪش هوندي آهي ته فن ۽ فڪر
جو به مٿر ميلاپ هوندو آهي. — اي. جي. اُتم

◈ اسڪولي حياتيءَ ۾ سنڌريءَ ملڪ جي آزاديءَ
واري هلچل ۾ ڀرپور ورتو. ملڪ جي ورهاڱي بعد
پنهنجن ڪهاڻين ۽ ناولن ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي
محفوظ رکڻ واري هلچل کي زور وٺايو. هن پنهنجين
ڪهاڻين کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن کي پالڻ تاتڻ ۾
هنجي گهوٽ سنڌس مدد ڪئي آهي.
— پوپٽي هيرانندڻي

◈ سنڌريءَ جي ڪهاڻين جي چڪنيءَ چادر کي
جا جهالر لڳل آهي ان ۾ گهرو جيون ۾ روز مرهه
واري ڳالهائڻ ۾ اصطلاحي ۽ محاوريدار ٻوليءَ جا موتي
مڙهيل آهن جن جي بدولت سنڌس ڪهاڻيءَ ۾ خاص
خوبصورتي لکڙي ٿي اچي. — پريو ڪفا

◈ سنڌري ڪهڙي ڪهاڻيءَ جا موضوع، انهن
کي نباهڻ جو طريقو، ڪهڙي ٻولي ۽ محاورو نه
مقبول آهي ٿي، ٻر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ پيغام ٻـه
آهي، ظاهري نه ٻر سهج نموني. انسان جي هر عمر
جي جذبات کي ٿون بخوبي سمجهين ٿي. مان ته
چوانءَ ٿي سنڌري، صحت موڪل ڏئيڻي ته سال ۾

تي چار ڪتاب ڇپاءِ. اهو ڇهڙيون ڪهاڻيون وري ڪير لکندو؟ — ڪلا پرڪاش

◊ سندري- سنڌيءَ جي اها پوک ليکڪا آهي، جنهن جون رچنائون صرف ونڊر ميسر نه ڪنديون آهن، بلڪ انساني زندگيءَ کي سمجهڻ ان بابت سوچڻ ۽ ان کي بهتر بڻائڻ لاءِ آماده ڪنديون آهن. سندريءَ جي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ خاص طور سنڌي وچولي درجي جي جيون جي صحيح ترجماني هوندي آهي.
— گوبند مالهي

سندريءَ جي افسانوي اَدب ۾ هڪ خاص ڇاپ آهي. سندس ڪهاڻين جو ٺيٺ سنڌي ماحول، جيئون سان جڙيل ڪردار، گهريلو اصطلاحي ٻولي ۽ نزاڪت واري گهڙت سندس لکڻين کي انوکو رنگ بخشين ٿيون. — ڪيرت ٻاٻاڻي

◊ اڃا ته تنهنجو قلم نه فقط جوان آهي، پر جاندار به آهي. — هري دلگير

◊ هن پيڙهيءَ جي روح جي چالبو ڪي مولڪي ڪتاب جي هر صفحي تي وسيل نظر آئي. — هولارام 'هنس'

◊ توهان اسان ٻارن جي پريرڻا آهيو. انڊيا ۾ سڪول پڙهندي توهان جا ناول ۽ ڪهاڻيون چاهه سان پڙهي ته سنڌي اَدب لاءِ چاهه جاڳيو هو. — ڪملا گوڪلاڻي

# رچنا سنسار

رچنا جي مهراڻ ۾
مٿان ته گل ڦل باغ بهار پئي ڏنا
ٻر ڪٿي گنگا جل جهڙي، شفاف شيشي هيٺان
جو نظر وٺي
ته مارا!
مڙئي خزانا سولهن جا،
ماڻڪ موتي، ڪٽيون ڪوڏيون،
هٿن ۾ گهٽ ڪين هئا!
پر انمت آڪاس جو اڻاڌڙ پکيئڙو
سطح تي ڇهنگ هڻي
بس ٻگو ئي ٻگو پيو وڃي.
اڙي من پکيئڙا!
ڪٿي پيو ڳولين ترپتي؟
ترپتيءَ لاءِ ته بڻيو آهي، هي ڪيڏو وڏو سنسار ..
ترپتي جو ڀان رکندي به
اڙي او آڪاس واسي!
ڪهڙا پيو ڇهنگ جهڙ جهاڳين؟

# موکيہ

تڏھن عمر اُھڙي ھئي جو،
ڌاڻھن جي سنسار جي ڪا پوم ئي ڪين ھئي.
سوُمرَلي اُماس ...
اُسر جو گونگي ٽبي ڏٺي آئي ھئي اُمڙ
وار ڇنڊيندي، گيت ھو سندس مکہ ۾
"ھن ڌاڻھنءَ جي درياھہ ۾ ڪا گونگي ٽبي ڏي
نہ مڙا موکيہ لنھندو ٿئي ... ... "
ڌاڻھن جو درياھہ ... موکيہ ...
ٻال من پڇيو 'ڪھڙي آھي اھا ليلا ؟'
ڌاڻھنءَ جو درياھہ ؟ ...
ٽبي ؟ ...
موکيہ؟ ...
سال گذري ويا ...
ڪارا وار ٿي ويا،
چاندي‌ءَ جون لڙون.
ساڳيو سوال
ڪھڙي آھي اھا ليلا؟
ڌاڻھن جو درياھہ!...
گونگي ٽبي!!...
تڏھن موکيہ!!!

سندري اُتمچنداڻي

هيءُ سڀ اُن جي نانءِ،
جنهن ههڙي جيئري ئي،
مونتي ساهتڪ تاجمحل
اَڏي ڇڏيو آهي.
سندري

# لیڊيز هاسٽل

سڄي هاسٽل جو چڪر هڻي وارڊن هاڻي پنهنجي روم ۾ پهچي وئي هئي، مگر جيستائين پنهنجي روم جو دروازو نه بند ڪيو هئائين، تيستائين هاسٽل جي ڪمپائونڊ ۾ پٿر جي گول ٿلهي تي ويٺل چوڪريون ٻوٿن ۾ ڪپڙا هڻي به کل کي دٻائي ويٺيون هيون. وارڊن جي در بند ٿيڻ جو آواز ٿيو ۽ هنن چوڪرين جي دٻيل کل ڦوهاڙي وانگر وهي نڪتي.

هڪ چيو "هي مٿين درجن واريون اسان کي فرسٽ ايئر فولس چونديون آهن نه، اڄ اسان جي رومن جا دروازا اهڙا صفائيءَ سان بند ڪري آيون آهيون جو سڀني وارڊن کي به فول بڻائي ڇڏيو سين."

ٻيءَ چيو "بس ڪر هاڻي. سونا ٽون جلدي ٻڌاءِ پوءِ ڇا ٿيو."

سونا ٻڌو ساهه کڻي ٻانهن ۽ گوڏن کي ميڙيندي چيو جڏهن پوٽن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تنهن ڪيڏو الساهه اٿو؟ هڻي منهنجي گوڏي ۾ چهنڊڙيون پائي، ٻانهن ۾ چموٽا هڻي، پٺيان چوٽي ڇڪي ڇڪي منهنجو ته دم ڪڍي ڇڏيو اٿو.... ...."

هڪ چيو "ته تو اڇي اڇي ٻاهه لڳڻ واريءَ ڳالھ تي چپ ڇو ساڌي؟ اسين ويٺا چئون 'ٻوءِ ڇا ٿيو' 'ٻوءِ ڇا ٿيو' ۽ تون آهين جا اوندهه ۾ ويٺي ٻريان وارڊن جي پٺ کي چرندو ڏسين!"

ٻيءَ چيو "جلدي ٻڌاءِ جلدي ٻــڌاءِ. اڄ وارڊن اڪيلي هئي ويٺل ڏسي ٻه هــا، ته ٻـه چوي ها "امتحان کان پوءِ هڪ رات ته ڇوڪرين جي زبان تي ٽالو نه لڳايان ... ....!"

اڌ ۾ ڇڏيل ڳالھ جاري ڪندي سونا چيو "مٿي جو ٻاهه پٽي لڳي ته هيٺ رهندڙ ماڻهن مان ڪنهن جي اک ڇرڪي ويئي. بس پوءِ ڇا هــو رڙو رڙ مچي ويئي. منٿين مڪان واريءَ کي جڏهن خبر پيئي ته سندس تي رڪٽي ۾ پيئي ٻاهر لڳي، ڏاڍهن ٺنڊيئي پنهنجون گرم لوئيون وٺي ٻاهر جي مچ متان وڌائين.

ٻاهر يڪدم اُجهامي ويئي. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته ڪنهن چلهه جي ٽڪر ڪــي گاسليٽ ۾ ٻوڙي ڪٽي تيلي ڏلي هئي.

ان مهل سس لمهن اچا گهر ۾ مس گهڙيون هيون. اڻين پٺي لڳو سڌن داخــل ٿيڻ لام ڪوئي پوست پريسٽ سيبولو ويٺو هو.

سس ويچاري رٺي کي گــروهه جـــي ڪٺاهي جي ڳيلي ٻڌي، چيو، "وري ٻه شڪرانا مالڪ جا جو عقل

آيم، جو لوئي وجهي ٻاهر، يڪدم وسائي ڇڏيم."

سوٽا کان سوالن جي ٻوڇار ٿي وئي "سچ پچ ڪو روح هو، ٻاهر ڏسڻ وارو؟ .... ڀلا ڳاڙها ساوا ڇانور ڪو نه لڳا؟ ...."

سوٽا چيو، "اهو ته عجيب واقعو ڏهن ٻارهن ڏينهن کان روز ٿي رهيو هو. ڪٿي نه ڪٿي ڳاڙهن ساون ڇانورن جي هڪ ٻري نظر ايندي هئي پوءِ ٿي دڙڪڻ ڦٽي ڪرڻ جا آواز يا هندن مٿان پاڻي يا اڱڻن جي ڀور هارجي وڃڻ ڪري جهڙا عجيب واقعا ٿيندا هئا. هن ٻاهر کان اڱڻ ڳاڙهن ساون ڇانورن جي ٻري ڪٿي نه نظر ڪين آئي. پر ٻاهر لڳڻ واريءَ ڳالهه هٿي وڌي ڏيڻ واريءَ سس ٻائيءَ کي ٻه رت جو دورو ڏئي ڇڏيو. ويچاري هڪ طرف ٻانهڻ مس پڄڻ لڳي ته ٻئي طرف ڏاڪڻن جا در پٽجڻ لڳي. پوءِ ته روز روز جي هيءَ نئين روبڪار بند ڇو ٿي ٿئي. مٿان هيءَ رڏٽي واري ٻاهر! سڀ چوڻس، "پڪ ئي پڪ پتر ناراض ٿيا آهيئي تنهنجي جان وٺڻ ٿا چاهين ته تنهنجي گهر اندر گهڙڻ مهل ڇو ٻاهر لڳي؟"

مائيءَ کي ڏڪڻي اهڙي لڳي جو رات جو ننڊ ئي نه پئي اچيس. اڳي ننهن کي هر وقت پيئي ڏنيندي هئي. پر هاڻي ڊپ جي ماري ننهن کي ئي ڪين ڪڇندي هئي. مگر هڪ ڏينهن رات جو ١١ ٻجي

جي سنسناهٽ واري وقت اوچتو سمنڊ لهرن جون
رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. همٿ اسين پنهنجي گهرن ۾ هڪ
ٻئي سان لڳي سمهڻ پيا هئاسين. دل ۾ چيوسين هاڻي
انهيءَ روح اڇي نهٽس کي ڳڙ کان ورتو آهي. ڏکڻ
ٻڄڻ جا ڏاڍا ٻئي آواز آيا، پر ڪنهن جو مٿي چڙهڻ
جي همت ڪري سگهي!"

ڇوڪرين جي ميڙاڪي اوچتو هڪ ڪيڪ ٻڌي
۽ سمنڊ ته ساهه مٺ ۾ اچي ويو.

لمهن ري سونا ڏاڍيءَ بهادريءَ سان چيو، "گوپي!
توهان سڀئي قصي ٻڌڻ مهل ته ٻڌيئن ٿي ته وچي
پنهنجي روم ۾ سمهي پئو. ڪمزور دل ماڻهن کي ڀهڙيون
ڳالهيون نه ٻڌڻ کپن."

هڪ ڇوڪريءَ چيس، "فرسٽ ائيڊ فول ات
ات، هاٽ ٽيبل (هاٽ ٽوبل) نه ٿي ٿوئي."

ٻيءَ چيس، "پيچ هتان، اسان جو ته ٿي مزو وڃائين"

پر گوپي، اٿي چوٿي. سولا ڪي چنبڙي پئي ڇي
سيئي منهنجي روم ۾ هلو. گهڻي رد بدل کان پوءِ
نيٺ سيني کي گوپيءَ جي روم ۾ ٿي هلڻو پيو. روم ۾
سڀ وارو ٻلب ٻئي ٻرندو پيو ته گوپي ٻئي ٽپ پيريءَ
نگاهه سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. سولا پڇيو آخر
آهي ڇا جو هيڏو ٻيئي ڏڪين؟"

گوپيءَ چيو، "منهنجو جو مان وڃي هاسٽل جي

پٺ واري جهنگل ۾ سٽيءَ جي چبوتري تي پڙهڻ ويٺيس. اوچتو ئي اوچتو ڪنهن روح اچي منهنجي مٿان ڪپهه اڇلي. مان يڪدم پٺي آئس ان مهل ڪان منهنجي دل پيئي ڌڪ ڌڪ ڪري ۽ مٿان هي توهان جون ٽپ واريون ڳالهيون ... "

اس چيڙائڻ لاءِ هڪڙيءَ چيو، "اڙي ٻـڌو ٻڌو! سٽيءَ جي چبوتري وٽ ڪپهه اڇلائڻ وارو هتي ٻه ٻيو اچيو. برابر ڪڏهنجي جتيءَ جـو آواز هـو جو ويجهو پوندو ٿي آيو.

"گوپيءَ جو ته ساهه وڃي لڪيءَ ۾ ڦاٿو. پر سونا کيس مٿي تي ٿپڪي هڻي چيو، "ڦت ڦتا هوندو اهو گورکو پهري وارو ..." همت ٻڌي جڏهن هڪڙيءَ ٻاهر اچي تصديق ڪئي تڏهن سونا جي ڳالهه برابر نڪتي.

محفل ۾ وري جان آئي ته سڀئي اچي سـونا کي پوءِ واري ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳيون.

سونا کين ٽارڻ لڳي ڇو ته ڳالهه پيرائتي ٻـڌائيون ته سڄو مزو ئي ڪري ويندو. اڄ اهڙا ردبـدل ئي پئي هلي ته گوپـيءَ وٽـي ڪيڪون ڪيون، پيلي جهڙي هٿڻ ئي وئي. همت پئي چنبڙيائين "چـاهـي چاهي؟" ڪوي مس ٿاپر ۾ آنداٽولس ته ساڙهيءَ جو پلاءُ ڪٽي سيٺي کي ڏيکارڻ لڳي. ساڙهيءَ تي رت جا گول گول نشان لڳل هئا هراس ۾ اچـي وئي سڄي

محفل. ٻيون ڇوڪريون جان کٽي پنهنجون ساڙهيون ڏسن ۾ انهن تي ٻه ايڪڙ ٻيڪڙ رت جا نشان هئا ئي هئا. سيٺڻي ڊوڪي ڪمري کان ٻاهر آيون.

پر سونا همت نه هاري ڪمري ۾ ئي ويٺي رهي. سيٺڻي ڊيڙي ڪمري ۾ موٽي آيون مگر رت جي داغن جو راز سونا اڃا به ڪاله تي سلي سگهي. آخر گوپيءَ ڏڪندي ڏڪندي پنهنجي ٻئگ پلنگ هيٺان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ۽ هڪ رنگين ساڙهي ڪڍي سيٺڻي جي اکيان ئي اڇهي مٽائڻ لڳي.

سونا اٿي گوپيءَ جو بسترو ڇنڊڻ لڳي ليڪن اوچتو ئي سندس همت رکجي ويو. سيٺڻي سڪيون سونا وانگر بستري کي ڏسڻ لڳيون. اهو ڏسڻ چا هو بس گوپيءَ کي هسٽيريا وٺي ويئي. وٺي زور زور سان ڪيڪون ڪرڻ لڳي. چوي "هاڻي مونکي پڪ آهي ته ڪا نه ڪا آتما منهنجي پٺيان پيئي آهي نه ته هنن ئي هي رت جا ٽيڪا ڇو لڳل هجن ها؟" سيٺڻي ڊوڪيندڙيون وري به ورانڊي ۾ پهچي آيون.

رات جي سڏائي ۾ گهٽا ٽوپ الدڪار وچم هاسٽل جي فقط هڪ ئي روم ۾ بتيءَ جو هيڊو شعاع ڏسي ۽ ڪيڪون پڌي هاسٽل جون سڀ ڇوڪريون جاڳي پيئون. مٽيمن ماڻ ئي رهندڙ ايم. اي، بي. اي وارين الان ئي هڪ ٻئي کي چيو، "هي فرسٽ ييئر ڦولس

اسانکي مدد ڪرڻ لئي ڪو به ڏيندو." انهن مان هڪ جي پيرڻ ڪانٽا ته هيٺ ايف جي ڇوڪرين ۾ هئي. هن مٺاس رڙ ڪري پڇيو ”ڇا تون آهي ڪانٽا؟“ ڪانٽا ڌيمي آواز ۾ چيو، ”آئون اتي آهيان، مان مٿي ٿي اچان.“

ڪانٽا جي پهچڻ ڪانپور ۾ مٿين ماڙين وارين ڇوڪرين جي ڪل ٽولي بند ٿي ويئي. ڪي ته هيٺ به لهي آيون ۽ اچي گوپيءَ جي هٿن لي رس جا چٺا ڏنائون. ڳالهه ڪنهنکي به سمجهه ۾ نه پئي آئي. هڪڙي ايم. اي. پڙهندڙ يشودا نالي ڇوڪريءَ چيو، ”پوتن پرائن ۾ ته مهندجو وشواس ڪونهي پر هن گهٽنا لاءِ مان پڪدم ته ڪا به راءِ نٿي ڏيئي سگهان.“ هندجي هلڻي وچڻ لي گوپي سندس نقل ڪري چيو، ”ڀائي پوتن پرائن ۾ ته مهندجو وشواس ڪونهي ... ڌ لهري ڪي آئي آهي فرست پيشر فولس اڳيان رباب ڏيکارڻ! رهي ڏيکاري هڪ رات هن ڪمري ۾ ... !“

سونا چيو، ”هل مان ٿي توسان هن ڪمري ۾ هلي سمهان گهٽو ڏيندينءَ.“

گوپيءَ ٿر ٽڪڙ ۾ ڪمس چمڙي چيو، ”ها ها ها... بس ڪر. بابا! مان خود ٿي هلي ٿي تو وٽ سمهان. هڻ هن روم کي تالو. رکو هن باهه لڳڻ ۽ ڳاڙهن ساون جانورن جي پرين واري ڳالهه مونکي نه ٻڌائج.“

سونا چيو، ”ڇوري ان ڳالهه جي پڇاڙي ٻڌنديءَ
ته پاڻ ڊپ ٿي لهي ويندءَ.“

اڃا ٽالو ئي ويٺي پاڻاٺون ته ٻيءَ واريءَ روم مان
رڙيون واڪا اچڻ لڳا. گوپيءَ سونا کي ڪپڙن کان
پڪڙي بيٺي ته خدارا موکي هڪ پل به اڪيلو
نه ڇڏج.“

ٻئي واري ڪمري جون چارئي ڇوڪريون وهاڻا
کڻي ٻاهر نڪري آيون. ڇي اسين نه هلي ٿا هال ۾
سمهون.

سونا چيو، ”پر ٿيو ڇو؟“

”ڇو؟ اڄ پاڻي پورنما جي ڪمري ۾ به ساڳيو
گوپيءَ جي ڪمري وارو روح هندل ئي اينٽي پيٽي رت
جا داغ ڪري ويو آهي.“

”او نه ئي“ گوپيءَ کان ٽڪر ۾ نڪري ويو.
سندس ڪاڏي اهڙو زور سان ڏڪڻ لڳي جو هٿڙي
ڊپ واري وائو منبل ۾ به سيٺي ڪان ڪل ڇڙي وئي.

مٿان پالڪمين مان وڏن درجن واريون ڇوڪريون
اڃا به هي ملاڪڙو ڏسي رهيون هيون. سونا هڪانڌا کي
سڏ ڪري چيو، ”تنهنجي ڀيڻ جي ڪمري ۾ جڳهه
هجي ته گوپيءَ کي موڪليان موانکي نه لڳي ٿو
اڄ سندس هارٽ فيل ٿي ويندي.“

”ٻ ٻ ٻ ٻ“ ڪندي ساڳيءَ طرح ڪاڏي ڏڪائيندي

گوپي اصل سونا کي ويڙهجي ويٺي. ”چي مان اوهان
هيٺرين ڇٽين سان گڏ هال ۾ سمهنديس.“
سونا چيو، ”اسين ته سڄي رات ويهي جدن پوئن
جون ڳالهيون ڪنداسين، پوءِ؟“
ٻيءَ ڇوڪريءَ سر وڌايو، ”ها انجام ڪر ته اسان کي
روڪيندينءَ ڪير.“

گوپيءَ چيو ”ٻ ٻ پل ڪ ڪجو.“
ڇوڪريون هال جون سڀ ٻتيون ٻاري ڳ.ڏو ڳوڙي
سان لائي سونا جي ڳالهه ٻڌڻ ويٺيون. گوپيءَ چيو،
”سرڪي اچو نه اچا“ سڀ اچا ۽ سرڪي آيون. ڪنهن
گوپيءَ مٿان پنهنجي ٽنگ رکي ڪنهن ٻانهن.
اوچتو هڪڙيءَ چيو، ”گوپيءَ مٿان ٽنگ رکڻ سان
سندس ٻپ ۽ ڏڪٽي پسرجي اسان ۾ تو هليو اچي.“
ٻيءَ چيو، ”آڙي ها ڙي.“ چاليءَ ٽـي همٿ رکي
چياڻين، ”مون گوپيءَ مٿان رڳو ٻانهن رکي، ڏسو نه دل
ڪيئن پيئي ڌڪ ڌڪ ڪري ...“
ٿهڪڙو جو پيو ته خود گوپيءَ به (ڏڪڻ بند ڪري
ڇڏيو.) کل روڪي نه سگهي.
سونا چيو، ”هوءَ جيڪا ٻاڙي واري سس ۽ ننهن
جي ڳالهه ويٺي ٻڌايومانو تــه ”مـان ڏ ڪ راحس
اوچتو انهن جون ڏڙيون ۽ ڪنهن جي ڏڪڻ ٻجڻ هٽڻ
جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيا. ڪنهنکي به همٿ نه ٿئي جو

مٿي وڃي. آخر هڪ پروفيسر همت ٻڌي مٿي ويو. اَسين ٻيون پاڙيواريون سڀ ساهه قبض ڪيو هيٺ بيٺيون هيون. ڇا ٻڌون ته پروفيسر اڃا اُلهيءَ سس ننهن جو در کڙڪائي. در کليو ته آواز سڄو هيٺ ڇٽو ٻڌڻ ۾ آيو. سس در کوليندي چيو، "ڏٺءِ پروفيسر صاحب! هي سڀ ساوا ڳاڙها چانور پرين ۾ رڃهي هن منهنجي ننهن ڀائيءَ سيڏي وٽ ڦٽا ڪيا آهن ...
ٺڪ مٿان ٻڌن هٿڙ جو آواز آيو.

"مگر هنڪي ماريو ڇو ٿا؟" هي پروفيسر جو آواز هو.

"مارياس نه؟ مٿس هٿي هجيس ها ته ڇوڪريءَ کي اماري ٻاڙي منهن ۾ هٽان ها. ڇا ٿي ڇوڪريءَ سڄي پاڙي کي اڇايو آهي! اڃا ته هي سڳا ويٺي ڳاڙها ساوا ڪيائين. اڃا ته اَلاجي ڪهڙا کيل ڪري ها سڄي پاڙي کي ڊيڄارڻ لاءِ!"

"پلا باهه ڪيئن لڳي؟" پروفيسر سس کان سوال ڪيو.

"پڇ نه اُلهيءَ ڪرم ڇنڊيءَ کان ... ڇوڪي ٿي جنهن مهل سس ننهن ٻاهران آياسين ۽ تالو کولي اندر ٿياسين ننهن مهل ڪيس اُڃ لڳي. رڌڻي ۾ ويٺي پاڻي پيئڻ ته پيو وڃي لڳس گاسليٽ جي دٻي کي گاسليٽ پيو ڇلهه جي ڏڪر مٿان هارجي. هن ٺپاڳيءَ ۾ ڪٺنديءَ

اُٺڪر کي ڪري ٽيلي ھڏيئين ٻوءِ وڃــي ھلي ٻاھر ڪاڪوس ڏي. ان وچ ۾ ھيٺ وارن جــي نظر رڌڙي جي دريءَ مان ٻاھر جي ٻنيت ٽي وچـي پيئي. ٽن وٽي رڙيون ڪيون. موٽڪي ۽ ٽڏي تــي عقل اَچي ويو جو بلشيڪيٽ ڪٽي ٻاھر مٽان وڌم.”

ھيءَ ڳالھ ٻڌي ڇوڪرين ٽھڪڙن سان ھال ڀري ڇڏيو.

سوتا چيو، ”پروفيسر جڏھن ھيٺ آيو تڏھن ڇوڪ لڳو، ھن ڳالھ ۾ ندھن جو ذرو ۽ ڏوھ ڪونھي.”
ڇوڪرين رڙ ڪري سوتا کي ورائي ويڙھون ڇي اھو پروفيسر ڇريو ته ڪين ھو؟

سوتا چيو، ”نه ٻاٻيون ھو ته مَن ودِيا جو مشھور پروفيسر ھــو. ڇــوڪ لڳو، ھـــن ۾ ڏوھ سڄو ســس جو آھي. ندھن کي ناھي ماءُ، ناھي پيءُ. گھوٽ ھلدو ويو ولائت. سس اھڙي ظاھري واري جو ساھڙي سڌ ۽ رکڻ نه ڏنيس. سو ڇوڪري اَندر ۾ اَڪيلي ٿــي ٿــي اَچي دماغي مريض بڻجڻ لائين پھتي آھي.‘ پروفيسر چي ڳالھ، اَسان مَن سان ھمٿين ته اَسان کـي ۽ اِئين لڳو. ڇوڪري ۽ ته بيءَ طرح ته ٻلڪل گونگي ڳاڻ ھئي. ســس کي چئبو ھو ته ندھن کي ھيٺ نـــہ ٿي موڪلين چوندي ھئي ته ندھن جو پير اَندر ڇڱو آھي ٻين سان ڳالھائيندي ته ڪرجي پوندي.

"باپ ڙي" ڇوڪرن ڳڻجي رڙ ڪئي. وائو منجهل ۽ هاڻي ٻئي جي جاءِ ڦماس والاري. پر گوپيءَ جي "۽ هي رت جا داغ ... ..." هٿي وري واڪا ورڪ ٻڪاڙي وڌو.

هڪ چيو، "رت جا ڦڙا پڻ ۽ ڳاڙهي مس وڃهي الهيءَ ڪانئا ڦٽا ڪيا هوندا."

گوپيءَ چيو، "مگر ڪانئا ته مٿي وڃي پيڻ وٽ، الڪانپوءِ توهين منهنجي پاسي واريءَ روم مان رڙيون ڪري ٻاهر نڪتيون ....!"

ڳالهه برابر هئي.

هڪ ڪني رات پريان ورانڊي مان ڇير جو آواز هلندو هال ڏي اچڻ لڳو. هاڻي هلڪو ڪل ڪل جو آواز به هلندو ٿي آيو هن پيري گوپيءَ ساڙهيءَ ٻڌي پلنگ منهن تي وڌي سونا ڪي چيلهه ۽ ٻانهون وڏي چڙيون ۽ ڏنت ماري پئجي وهي. پر سنڌس سولر سچو انهن پٺي ڪڙيءَ والڪر ڏکيو جو ڇوڪريون ٻوٽ ۽ ڪپڙو ننڍي ڪلڪ ڪي روڪڻ لڳيون. ڇو ته ڪل ۽ ڇير جو آواز بلڪل هال جي در ڪاٺين اچي پهتو هو.

اوچتو هال جو بيڪڙيل در کلي پيو. در جا کليو چڻ ننڍل هانوَ تي ٿڌو چنڊو پيو. ڇوڪريون هڪ ٻئي جا هٿ پنهنجي چالين تي رکي ٻڌڪا ساهه کڻي پشودا ۽ موهنا کي چوڻ لڳيون، "ڇڳو توهان سياڻيون

ٺهيون آهيو ڪل ڪِل ڪنديون ڇيڙ پائي آسمان کي ڏڪائي آيون آهيو. ڏسجو آسمانجو ٻه وارو ايندو."

يشودا کلي چيو، "مگر ان مهل اسين ڪونه هونداسين. توهانجي هاسٽل ۾، ڪي ٻيون فرسٽ ايپرل فولس هونديون. ڀورين ٻڌايو توهالڪي ڪير پيٺي رت جا داغ ڪنهن جا هئا؟"

گوپي يڪدم مڙهن تان ساڙهيءَ جو پلئه هٽائي آئي وٺي.

موهنا چيو، "هيءَ ٻلي ڪتي سمهي پيئي هئي."

يشودا چيو، "ٻلي نه ڪتي ڇتهس. اڙي ڪٽي! اهي رت جا داغ مڇرن جا آليئي."

سڀ اکيون ڦاڙي يشودا کي ڏسڻ لڳيون يشودا چيو، "توهان وٽان ٽي، مٿي پنهنجي ڪمري ۾ واپس ته نند ئي نه پئي آئي. ڪتاب کڻي پڙهڻ ويهي رهيس. اوچتو ٻالهن تي مڇر چڪ پاتو. مون ته مٿان کڻي ڏڪ هڻيو مانس مڇر مري ويو پر ڇڳو موئو مڇر هو جو ٻالهن تي رت جو داغ ٿي پيو. ٿوري دير کان پوءِ وهاڻي تي ٻه ساڳيو موئو مڇر ڏٺم. ڏڪ هڻيو مانس ته وهاڻي تي ساڳيو رت جو داغ ٿي پيو جهڙو هيٺ گوڏيءَ جي هند تي ڏٺو هوم. پوءِ ته هڪ ٻئي پٺيان اٺين ٻه چار مڇر هند تي ماريم. سڄي چادر تي رت جا داغ آئي ويئي. هان ڏسو توهانجي وشواس لاءِ کڻي

آئي آهيان. پڪ ٿي پڪ هاسٽل جي ٻاهران ڪو مُٽل جانور ڪُنو ٿيو آهي، جنهن تي هيڏا موٽا مڇر آيا آهن."

گوپيءَ ڊگهو ساهه کڻي اکيون ڦاڙي چيو، ”سچي ٿا چئو؟ يشودا ديدي!“ ۽ سندس هٿ کڻي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيائين، ”ڏسو تـا ديـدي منهنجي دل ڪيئن پيئي ڌڪ ڌڪ ڪري!“

يشودا سندس گول ڳل تي چمو ڏئي پيار سان چيو، ”آري ها!“

گوپيءَ مچلجي چيو، ”۽ هوءَ ڪپهه جهڙا ڪڏهن روح ستيءَ جي چبوتري تي اُڇلي؟“

يشودا سندس ٻئي ڳل ٻئي لوڏا ڏياريندي چيو، ”ٻگلي ستيءَ جي چبوتري پوسان ڪپهه جو وڻ آهي. هنن ڏينهن ۾ ڪپهه جون ڦٽيون ڦاٽنديون آهن. سياڙي ڏسج سڄا پٽ ڪپهه جي رڳشي سان ڀريا پيا هوندا.“

”او ٿي اي اي“ ڪندي گوپي اٿـــي ٻيٺي ۽ ڪير جو ڪل روڪي سگهي.

# سرءِ جي منڊ

لڏهن هي سڀ هوئي ڪين، هيڏو هال اَڏ پٽ لائين گولائيءَ ۾ لهيل صوفا، ڏاڻي پاسي اَٺن ڪرسين سان ڊائيننگ ٽيبل، ڇت ۾ ٻه جهار ۽ انهن جي وچ ۾ هيڏو وڏو پکو. لائين ته ڏاڻي پاسي واريءَ پٽ ۾ هڪ ايئر ڪنڊيشن ٻه هٽائي ڇڏي اٿم. پر مٿس ڊارميڪا جي پٽين وارو طاق ائين لڳل آهي جو ڏاڻي پاسي واريءَ پٽ جي ڪٻٽن مان هڪ ڪٻٽ آهي... ۽ اهو وقت ئي پيو هو جڏهن سنڌ مان لڏي آيا هئاسين.

گهر ٻه هي ڪين هو تڏهن، انيڙي اٿرڪ هئي. مون ٻاهر پٺي ساهڙيءَن سان اَ مٺ ٽوُ راند ڪئي. سياڳچند اسانجي گهر جي دڪيءَ ئي پيو رکيو ته مان ٻه سنڌس هٿ ۾ هٿ ڏيئي راند ڇڏي وچ لڳيس. سهڻيل مانيٽي لهڻي ۾ سياڳچند چيو، "ڪيئن سوني؟ .. "

مون ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهنس نهاريو. هو ڇپ چاپ مرڪي رهيو هو. ذرا پنيان منهن ورايم. ساهيڙيون راند ڦٽي ڪري وڃي ڇڪيون هيون. منهن اونداهي ۾ هونءَ ئي ٽي ويٺي هئي. مون وري دڪيءَ تي

پيو هيٺ پيو مٿي ڪيل سياڄچند ڏي ڏٺو. ائين پئي لڳو ڄڻ سندس مرڪ چپن جي موتين ۾ هميشه لاءِ اٽڪي ويئي آهي.

"ڪيئن سولي! ..اڄ مان وڏيڪ سٺو ٿو لڳان نه؟"

اوهه! هاڻي وڃي منهنجي نظر سندس ڪپڙن تي پيئي. نئون سباڻل، ڳوڙهي رنگ جو چوڙيدار ۽ ڪرتو پاتو آيو هو سياڄچند.

سندس هٿ ڦٽو ڪري، مون وات تي هٿ رکي وڏي ٽهڪ ڏنا، "واڙوُ .. توهين ته اڄ ننڍا ٿي پيا آهيو بلڪل چوڏهن سالن جا... نه، توهين چوڏهن جا نه چوڏهون ته منهنجو شروع ٿيو آهي. توهين پندرهن جا ٿا لڳو."

"نه مان آهيان نه پندرهن" سياڄچند مونکي ڳراٽڙي ڪڍي پاتي.

ان مهل مونکي ڇا ٿيو، مان اڄ به چئي نٿي سگهان. مٿي ۾ گهمراٽي، ڇاتيءَ ۾ دڪ دڪ. فقط اهي ٻه ڳالهيون ياد آهن. منهنجي ماءُ اچي دروازو کوليو، ليستائين سياڄچند مونکي ڳراٽڙي پائي هٿ هٽائي ڇڏيو هو. منهنجي ماءُ سياڄچند جي اندر گهڙنديئي، هٿ سان کٽ جي لوهار مٿان پيل ڪپڙي کي صفا ڪئو ۽ کيس وهڻ لاءِ چئي، پر ٻه اهي رهي. مٿي تي ڏنو اچا به هنئيرو کساڻي چيائين، "اڄ ڪٿي؟"

کي پلي وٺي وڃون شيوا ٽي. سپاٽي کان وٺي ڪانه هلي سگهندي.”

سپاڳڇند جو مدهن نديو ٿيندو ڏسي، مدهنجي ماءُ چيو، ”پي ڪانئي ڳالهه ڪانهي، سونا جي اڄ پڪ ٿا ڏيون.”

”چوڪرو پدهنجي آسپاس جو آهي؟“

”نه ڪٿيءَ ڪان دروَ جن جو مامو آيو آهي، پريو پڪليو گهر آهي زال کي گذرندي اچا چيهه مهنا ٿيا اٿس“

”پار؟“

”نه آهن، پر ڏاڏي، ناني وٽيون اٿن سڀيائڻ واريون.”

”پر عمر به هوندي ... ڪم چگو نه ٿيو.”

”لوهانڪي نه خبر آهي اسانجي ڪٿيءَ جي. وڏيون ته چئن چئن پارن تي ڏاڀون اٿم. ولهچارن ورلي مونکان ڪوڙي پائي به ڪين ...“ دکهو ساهه کڻيو اميءَ؟

”نه ... پلي اڄ ڪٿمپ ۾ ڪير ورهائي اچون؟”

”ها، پاڻليون سويل رکي ويٺي. آهي ڪير واري.”

اڄ ڪير جون پاڻليون ڪٽائي ڪٿمپ جي وڏوائن واري ٽڪر ۾ آيا سين. هڪ هڪ گهر ۾ هڪ هڪ پاڻلي ڏيئي رهيا هئاسين جو مون پڇيو ’پاري دادي چو ڪالهه آئي؟‘

ٿورو مُنجهي سياڳچند چيو، ”ڇوي ٿـــي آڄ ڪان
وٺي نہ ايندي‌ئس.“
ڪير ڏيئي موٽي رهيا هئاسين. سياڳچند چيو، ”نہ
ڏون برابر ٻيئي سان شادي ڪري ويندين ڇا؟“
ٻيئو اڪر اڻون هو. ٻيو سڀ نہ ميوءَ ٻہ ڇيو هـو.
ڊڪ ڊڪ ٽيڙ لڳي چاتيءَ ۾. ’ٻـلو ٻـلو ٻـلو.‘
منهنجو ٻيءَ اڇي اکين اڳيان ٻيٺو.

”اڇا وار، اڇيون مڇيون. منهن ۾ گهنج....“

وڏوائن واري ڪٿمپ کان موٽياسين ٿي نہ چندرو ماما اسان ٻنهي کي سڏ ڪيو. دڪان اڳيان اُن مهل ڪوليائين ويٺي. هڪ لهه ٿيل ڪپڙو اڳيان وڌائـــي چيائين، ”سوني ڏيءَ! هـــيءُ ٽڪر ڪٽي وچ فراڪ سبائي پائج.“

”ڇو ماما؟“

”نياڻيءَ کي ڪجهہ ڏيو نہ برڪت ٿيندي.“

”وٺ ڇوري وٺ!“ سياڳچند ڳالهائيندي منهنجي چوٽي پٽي چيو، ”ماما تو ڏنيئي، ٺون فراڪ ٽمسو ملبيئي!“

مون ڪپڙو جيءَ سان جڙيو وٺي گهر ڏانهن ڊڪ پاتي. امي جي نظر گهٽ هئي. نوار جي ڪٽ جي ڪنڊ تي ويٺي مالها ڦيريائين. مون ڪپڙو گوڏيءَ ۾ وجهي رکيو.

ماءُ چيو، ”روئي ٿاهي اَٽم. پٽ گهر کي چوڪندو ڏيئي، سکيڙو ڪاٽي وٺ. مهمان ايندا ته ٽول ٻڌنگ ۽ ٽوڪي ٽي وٺي اَچڻو پوندو. ڇوڪرا ته نيٺي وڏهي ويا آهن، سي اَلاجي ڪيڏي مهل اَچن ....“

بابا پوريان هڪ پراڻي آرام ڪرسيءَ ۾ ڪڏو ٿيندي ڪنگهڪار ڪئي.

”پوءِ! پوءِ!! پوءِ!!!“ اَندر ۾ اُنهيءَ هڪ لفظ ماتدائي ڪٽي وڌي.

موهن چوڪندو ڏنو، ماني کاڌي، ڪپڙي واري ٿونٽڙي ڪنڌن ۾ ڪم ٿي ويس. شام گذري، رات گذري ماڻ نه موٽيس. پٽي ڏينهن منجهند جو جڏهن گهر موٽيس تڏهن اکيون ٿاڪي ويئون سيدو جون گهر سڄو پوليس جوڪي بيٺي پيو هو.

”ڪيڏاهن ويئي هئين؟ چوري!“ ههُ چوٽي پئي.

”ڪهڙو ڪارو منهن ڪري وئي هئين؟ ڪ ته؟“ وڏي پيرڻ ٿڦڙ هنيو.

”وچاڻه ته سڄي گهر جي پٽ؟ ڪهڙو منهن ڏٺي ڪٽمب ۾ جيئندا سين؟“ پيءُ پيرڻ رڙ ڪئي.

ياءُ اکيون ٽوٽاري اَڳيان بيهي ڏڪايو، ”اڙي ڳاله ڪر ته ڪهڙي بدمعاش سان پڳي هئينءَ؟“

پٽي ياءُ آهستي چيو، ”سيٺ ڳچند سوشل ورڪر ته سڄو وقت ڪٽمب ۾ آيو هو.“

هاڻي منهنجو به پارو چڙهي ويو. همت واري ڦوٽڙي اڇلي کٽ تي وڃي اونڌي منهن سمهيس چيم ”نٿي پڙهايان نٿي پڙهايان.“ ۽ رڙيون ڪري رئڻ لڳيس.

سڀ ٻار به ڳالهائي رهيا هئا ته چوريءَ کي جيڪي ڏسڻ آيا سي ته ويا هليا، پر ٻارڙي به ته اها خبر باهه وانگر پکيڙائي ويا آهن ته چوري شايد قتل آهي. هاڻي سڀئي ڪيئن ڪرائجيس .... مار ڏجيس! ....

ان وچ ۾ بابو ڏاڍي پنهنجي پراڻيءَ آرام ڪرسيءَ مان اٿي، منهنجي ڀر ۾ اچي کٽ جي ايس تي ويٺو. منهنجي مٿي تي هٿ گھمائي چيائين، ”پٽ ڳالهه ڪر نه، رات ڪٿي اُڪي هئينءَ ڪاڏو رکي ڇڏيوسين تو لاءِ ....“

”ڪاڏو؟ — بک ته لڳي ....“

بابي مولڪي آرستو اُٿاري، هلي رڌڻي ۾ ماني کارائي. سيدي ماٺ ڪٺي ڪئي. پر نگاهه قيديءَ تي هئن. مان رڌڻي مان ٻاهر آيس ته سوالن جي ٻي ٻوڇار شروع ٿي ويئي. ”هئي ڦوٽڙيءَ وارو ڪپڙو ڪنهن ڏنو توکي؟ ڇو ورتئه؟ .... ڪنهن کان ورتئه؟ ٻڌي نه ٿي مڃينءَ ....“

هيڏانهن ته وايومنڊل هڪ زهه ڪشيل ڪمان بڻجي پيو .... اوچتو منهنجي ساهيڙي چندري اچي اسان

اسان وٽ پهتي. وڏيءَ ڀيڻ يڪدم سوال ڪيو ”ڇو آئي آهين اون، چندري؟“

چندري سهمجي وئي. آهستي چيائين، ”دادا سياڳچند مڪو آهي.“

مون سندس فراڪ کي هٿ لائي چيو، ”اوکي ڪنهن ڏنو هيءُ فراڪ؟“

”چندرو ماما.“

”مونکي به ڏاو آڻس. تو ڪنهن کان سبايو.“

ڇوڪ مان مونکي نوامت وٽ ٻانهن وجهي چندريءَ چيو، ”منهنجي ڀيڻ، اوکي به سبي ڏيندي. چندرو ماما چيو، آڻن نماڻين کي فراڪ ڏيندس.“

”ها“ مون سندي جهلن ڏي نهاريو. سندن اکين ۾ تارا ڦڙي گهري رهيا هئا.

”مگر راس سڀي ڪيڏانهن ويئينءَ؟“ وڏيءَ ڀيڻ رڙ ڪئي.

”ماسي ٻپان وٽ.“ ٻيپ ۾ جڙ گولي چڙي مولڪان.

”لڪ لعنت هجيئي“ وڏيءَ ڀيڻ ٻسواڻبو اگهيو منهنجي منهن ۾. پر ڪمان جي زهه بلڪل پلسي ٿي وئي. پوءِ به ماءُ مٿي ٿي ٻس ڌڪ هڻي چيو، ”ٻسر چنڊيءَ کان پڇو ته سهڻن ٻڪين چو؟“

مان ”ٻلو ماٺهو“ ... چئي ٻڪ پائي گهر کان ٻاهر نڪري ويس. رستي ۾ فراڪ جو ڪپڙو ياد آيو ته

ٻڪندي وري اندر ويس ۽ ڦونڊڙي ڪڍي ٻڪندي
نڪري آيس. هڪ سٽ لڪ جي جهونڪي وانگر
ڪنن ۾ پيئي جا. اُن مهل ڪا پاڙيواري اَمـڙيءَ کي
چئي رهي هئي، ”مان ته اهڙيءَ ڇوريءَ جي ڇوڙي
ڇڙي ڳاڙها مرچ لوڻ ٻرڪي مارياس ... “

مون ٻڪندي اچي سياڳچند جي گهر داخل ڪيو.
سندس زال پاربتيءَ مونکي ڳراٽڙي پائي سمجهايو،
”مٺان ڪرين ٻڌي سان شادي. هاءِ ڪانه پيئي آهي.
اهڙا گهڻيئي جـوان ڇوڪرا پيا آهـن. ڪڏهن تورو
ڪمائيندا هوندا، توکي دادهن ڪنهن کـان دان ۾
مٿهن وٺي ڏيندو ... “

”ها ها ڇو نه وٺي ڏيي اڙي آسائڻي سونو ڪا ...“

چندريءَ چيو، ”مان وڃان ٿي.“

مون چيو ”مان به تو سان ٿي هلان.“

چندريءَ جي پيرن فراڪ ڇا سڀي ڏنـو، منهنجي
زندگيءَ جي گاڏيءَ کي ڦيٿا هٿي ڇڏيائين. پکو پڙن
ڪري ڇڏيم ته سلائيءَ واري ٻڌيندي يس. سياڳچند جي
مدد سان مٿين اچي وياسي. هاڻي مٽ ڪوسي هئي.
اهو ڏينهن ۽ آءُ جڏهن پيرن ڏنو ماءُ پيءُ کي مان
پيئي پاليان. چمپ سڀ ڇڏيائون. پائون کـي گوليون ۽
بالن لاءِ مون وٽان پئسا مليا ته موڪلـان اماڻيا اڳيئي
هئا، هاڻ وڌيڪ اماڻيا ٿي وڃا.

دادا سياڳچند آزاديءَ سان گهر ۾ ايندو هو، مونکي وٺي ويندو هو. ڪير ورهاڱي بعد ٿيو ته سياڳچند جاين جي دلاليءَ کي لڳي ويو.

مون چيو، "مونکي ته جاءِ ڪٿي مان پئسا جمع ڪندي وينديس توهان وٽ."

"ٻهراڻ هل شهر ۾ جايون ڏس ته سهڻين. ڏسون ڪهڙي ٿي جاءِ پسند ڪري سونو."

شهر ... جايون ... اڏ ٿهل ... سڄون ٿهيل ... مينهوڳي جاين جي ڪنڌرن ۾ هيٺ مٿي سياڳچند جي ٻانهن پڪڙي هلڻ. ٻرسات جون ٻهراون ٻولڻون... هيڄ ٻري ڪل...

"تون ته ڪلهن ٿي ڪلهن ٻٽي، ڪڏهن مونٽي ته نظر ويٺي اُٿي؟"

مون ڪل روڪي سياڳچند ڏي اهاريو. ٻنهي هٿن ۾ سندس منهن پڪڙي چيم، "چو چئي، دادا ڪيڏو منهن لٿل آهي توهانجو!"

سياڳچند ٻڪدم ڪٽي مونکي ڀاڪر پاتو. مونکي الاجي ڇو وري دڪ ٿيڻ لڳي. ڏاڍو اميو منهن ڪري چيائين، "توکي ڪهڙي خبر سياڳ جو ڀاڳ بلڪل ٻدلجي ويو آهي."

مون چيو، "ڪيئن؟ — ڇو."

چيائين، "ٻاروتيءَ مونکي طلاق ڏئي ڇڏيو آهي."

"مطلب؟ مطلب هاڻي ڪپڙا ڪير ڌوئي ڏيندي."
"روٽي به نه ٺهي ڏيندي؟"
"نه ڪجهه نه ڪندي منهنجي لاءِ."
"نه ڪري ته نه ڪري مان ڪري ڏيندسانءِ." مون وري سياڳي دادا جو منهن پڪڙيو. هن به مونکي ڀاڪرپائي منهن کڻي منهنجي ڇاتيءَ ۾ ڏنيو.

خبر ناهي ان مهل ڪٿان ڪاڻي سڪي هئي جا اندر ۾ ڇوڙ لڳي "پراڻي مون کان ڀاڪر نه پارائڻ آهي." ضدي ته مان آهيان ئي. انهيءَ اندر جي آواز کي کڻي آڳو نو ڏيکاريم. سياڳي دادا مونکي هڪ ٻانهن سان ڀاڪر ۾ ڀري ڪلي چيو "هي ڇا ڀيٽي ڪرين منهنجي امڙي گڏي؟ ڪنهن کي ڀيٽي چوائين؟"

هن ڀيري مون پاڻ ڇڏايو. چيم "اٿين نه ڪجو آهي دادا!"

مگر اهو 'اٿين نه ڪجو آهي' ايترو پيو هو جو سياڳچند وري ري مونکي ڀاڪر ٿي پاتو.

مان هاڻي سنڌس گهر ۾ ڪيس ڪپڙا استري ڪري ڏيندي هيس. ٻهرين پاڙيسيءَ جا به ڪندي هيس پر پاڙيسي نوڪريءَ تي هلي ويندي هئي. ان مهل گهر جي راڻي مان هيس ۽ راجا سياڳچند.

پاڙي وڌڙهي ۾ ڪانا ڦوسي ٿيڻ لڳي ته سونا سياڳچند کي ڦاسايو آهي پر جن جو مونسان ڇڳو ٿي

ڏيٺ ويٺ جو رستو هو، ان هميشه اِئين ٿي چيو ته،
"سياڳچند جا ٻه عجب چٽا هيٺري ننڍڙي ڇوڪريءَ
تي آهڙو ڪٺي جادو ڦيريو آٿس جو سڄو ڏينهن
ڇيليءَ وانگر پنيان لڳي پيئي ڦريس!"

مان پنهنجي ضدي طبيعت سبب هي سڀ ٻڌي
آچا ٻه وڏيڪ سياڳ دادا سان گهمڻ لڳيس. هيٺرو
ٻاهر نڪرڻ لاءِ سٺا ڪپڙا ضروري هئا. مشين ته مون وٽ
هئي. سلائي به جهڙي تهڙي آئي ٿي. اِنڪري سڀهي
مان گهر ايندي ئي مشين ڪڍي ٻاري اوڙي وارن جا
ڪپڙا سبي وٺندي هئس.

صبح جو سويل شيوا جي ٻهالي سياڳچند سان
اڪري ويندي هيس.

جيڪي ڏينهن سياڳ دادا کهن ضروري ڪم تي
هليو ويندو هو انهن ڏينهن تي مان ڪپڙا سبندي
هئس. گهر ۾ ڪن وقتن تي چانور آٽو ٻه لڌ هوندو
هو. تڏهن اَمي نماٽاٽيءَ سان پڇندي هئي، "ڪجهه
ڏيئي ويئون آٽي لهي ڪپڙا سباڻ وارئون؟ ڏايو
کون سڪايو آئن لهوجو..."

"خون ٿيون سڪائين ته ڏيئي ٻه ڏس، سٺو ٿيون
ويڻ ته."

"ڏسان ته ڇا ڏنو اٿن."

تڏهن ٻون جي ٿهي ڪڍي ڏيکاريندي هئس ماءُ کي.

چوندي هئي. ”اڄ پٺاڻن کي دڪان تي ڪونه مڪم،
راس سڄي ٽونڪار پئي هلئس. اُن تي ڪانه ڪٽي
اٿائين .. پاٺڻن کي چوان ٿي، وڃي هنن رڍن مان
ڪٽڪ ۽ چانور ڪٺائي اچي سيڏي واري ڪان.“

مان چپ چاپ پئسا ڪڍي ماءُ جي ٿـــريءَ تي
رکندي هئس ۽ وري سڀڻ کي لڳي ويندي هئس.

هڪ ڏينهن پڇيم، وڏي پيڻ اما کـــي چئي رهي
هئي، ”تون به حد آهين، ڇوڪريءَ کي ڪجهه . پيڙڻ
ته ڏيڻ. ڪڏهن ڇڱي گهر ۾ شادي ڪرائي ڇڏجيس. اجائي
بدنامي ورتندي ٿي وڃي. سياڳچڻ توهان کي گهرو ٿو
لڳي پر جيڪي اسهن وينا ساهري گهر پڏون ســو
توهين پاڙي ۾ رهندي به نٽا پڏو شايد.“

هي سـڀ پڌرن مهل مون ند جو بهالو ڪيو هو ۽
اِئين ئي پيٽي رهيس. ليڪن اندرئي اندر مونکي لڳو
مان هڪ وڏي جنگ جي ميدان ۾ بيٺي هئس. رڍين
جو لشڪر ڪنو ڪري رهي هئس، جنهن کـي ولي
غريبيءَ جو قلعو ٽوڙي اندر داخل ٿيڻو هـــو، جتي
ڪوئي جوان شهزادو منهنجي سپني جو راجا قيد هو،
مان ڪيس ڏنڻي ليڻي وڻڻ سان مفت جو مـــال هٿ
ڪرڻ جي زنجيرن کـــان آزاد ڪـــري ساڻس شادي
ڪنديس ... “

مگر ٿيو ڇا ... اهي اڏ نهيل جاٺون جن جي ڇيت

لئي ڪو ٻڪي ٻڪڙ به ڪين هوندو هو، فقط سياڳچند
جي شاعراڻي ٻوليءَ سان سهائيءَ جي سنهيءَ چادر ۾
ويڙهجي ويندا هئا اسان جا سرير. هوا جي جهوٽن
۾ سانوڻ رت جهڙا گلن سان سينگاريل جهولا نظر
ايندا هئا ... ڪنهن ٻڪي ٻڪرڙ جي هاڪي آواز تي
مان ته چرڪ پوي سياڳچند سان چنبڙي پوندي هئس
۽ لڱين اسان ملهايو هئي سون اڌ جڙيل مڪان ۾،
جتي نه در هئا ۽ نه پولت هئا اجڙي وڃي جڏهن
انهن اڌ جڙيل مڪانن ۾ منهنجي چوڏهن پندرهن
سورهن ورهين لائين زندگي ... تڏهن منهنجي ناري
سوير اندر سرجندا جو احساس ٿيو. مان سمجهي ويس
ناريءَ کي قدرتي ماتا جو روپ ڇو سمجهه ويندو آهي.
پر اهو سڀ ٻڌڻ سان سياڳچند جو منهن لهي ويو.
چياڻين انهيءَ سوال کي نه ڏسڻو آهي ۽ هي پيو ڪم
لکتو آهي، هڪ اسپتال ۾ نرسين جي ڏاڍي کوٽ
آهي، منهنجي هڪ دوست ڪو لاءِ وڏي پگهار تي
نوڪري ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي. سياڳچند جي
وهنوار ۾ ان مهل اهڙي تماشائي هئي، جو مون هڪدم
ها ڪري ڇڏي اڄ سوچيان پيئي جڏهن سياڳچند ور
ور ڪري مونکي چيو هوندو ته مونکي سماج جو
ڊرو نه ٻڌپ ڪونهي، اهو ان مهل ايڏو ڏنل هو جو ان

مهل مان نرس جي نوڪريءَ لاءِ اگر نه ڪريان ها ته شايد مهنجي پيرن تي ڪري پوي ها.

خير، نرس جي نوڪري ته هڪ بهانو هو. ڊاڪٽر سياڳچند جو دوست هــو. مونکي چيائين، ”نرسن جي پهرين ڪجهه تپاس ڪبي آهي ۽ مونکي ابتائي بيهوشيءَ جي دوا سنگهائي ڇڏيائين.“

ان ڏينهن شام ٽائين نرس جي ڊيوٽي ڏيڻ بدران مان خود ئي نيم بيهوشيءَ ۾ اسپتال ۾ پيئي هئس. هي سڀ ڇا هو؟ ڇا لاءِ هو؟ اهو نه اڄ تي سمجهان. چو ته هفتي کن اندر ئي مونکي چيو ويــو هــاڻــي اسپتال ۾ نرسن جي ڪوٽ ڪاڻهي، تون پلي سلائي ڪري پنهنجي آجيوڪا ڪيائدي ڪر.

سياڳچند پوي پري هلي مسواڙ تي هڪ گهر ورتو هاڻ هو جاڻ جي دلاليءَ مان چڱو ڪمائڻ لڳو هو. پارٽيءَ کي پنهنجي ٻن ٻارن سوڌو گهر ۾ ڇڏي سياڳچند پنهنجي نئين گهر ۾ مونسان گڏ رهڻ لڳو. مان رات جو هميشه ماءُ وٽ هلي ايندي هئس. پهرين ته پيئرن ڏاڍا پٽڻ ڪيا. پر جڏهن ڏٺائون مان روزانو ماءُ کي نديون پائرن، انهي پيٽ جي پالنا لاءِ خرچ ڏيڻ لڳي آهيان تڏهن چپ ٿي ويٺون. ڪڏهن ڪڏهن تڏهن ته ٽوڪات نڪرندا هئا. جڻ لال لوٽي ته سڄي رات جلي پوري ٿي هئي، پـر ڪٿي ڪا

ڪانئي ٽانڊو ٻڻجي رڳ ۾ ٻڪي. ٻنهي هٿي جا واڳ
لڳڻ سان رڪ اڏامڻ ٽي چمڪات ڪري چڙهي ٽي ويئي،
”سونا سچي ڪيئن سڙي رڪ ٿي آهـي سندس جيءُ
اڄا ٻه ڄر ورتو آهي!“

انهن گهڙ ۾ سياڳچند ڪــــي رڏي پڇائي ڪاراڻ
پيارڻ ۾ مون پاڻ کي گهر گرهڻيءَ جي روپ ۾ قبول
ڪري ورتو. پر وري هي ڇا ٿـي ٿيو منهنجي
اندر! ... سچي جان جنگ جو ميدان ٻڻجي ٽي ويئي،
جتي لٽيل ڦريل جهانسيءَ جي راڻي ٻاڪاري ٽي اٿي
”اڙي غدارو! منهنجي سوٽ جـي رٿين سـه لشڪر
جن جن پنهنجين ٽجوڙين ۾ بند ڪري رکيو آهي، ٽن
تي شل دوزخ جي باهه وسندي. منهنجي ڌرتيءَ جو
شهزادو اڄا به ڌيتي ليتيءَ جي لاڳي ڪــوٽ اندر
قيد آهي ... مان آهيان جا غلاميءَ جـون زنجيرون،
غريبيءَ جا پڇڪر ٽوري ٽشي سگهان ...؟“

خبر ناهي ڪيئن منهنجي اندر جـي ـ ـي آراهيءَ
جي جاڻ سياڳچند کي معلوم ٿي ويئي. هن هڪ ڏينهن
مونکي ڏاڍو ڌمڪايو، ”ڇاهي اهـــو سڀ؟ ڇاجي
بي آرامي؟ ڇا لئه هيڏو رودن مچايو اٿيئي .. ؟ ..
مون تو ٽي ڪو ٻڌن ڪيئن وڌو آهي. توکي هر طرح
سکي رکيو اٿم. ڪهڙي گهر جـي ڇوڪري آهين ..
ياد ڪر. اڄ تنهنجي ڪيمت ۾ ڪيڏا وڳا ٿـا لڳن؟

مٺيا ۽ گهٽ ڪوله اٿيئي. تون پاڻئين نه ٿي، اهو ٻيو سوال آهي. باقي سوالا ڇورا، مٺيون، سوا والا هرڪا چيز ته، نهي ويٺي آهي تنهنجي! تنهنجين ٻيئرن کي ڇا مليو آهي؟ ٻيا مڙس مائٽجو اولاد. ڪٺي هڪ ۾ سڳو ۽ اٽن، ٻوءِ ڇا؟ ٻونگرا ته ڪٿي ٻلين کي ۽ آهن .... ! "

روڊن ڪٽان اڇي ٻوڏ جي چڙهائي شروع ڪئي مون وٽ! رڙي چيم، "سياڳچند مان خود ٻه اڌ ٿي سمجهي سگهان مونکي ڪهڙو ڏک آهي ...."

"شڪ جي باهه ۾ سڙندي هوندينءَ. سمجهندي هوندينءَ مان پارٻتيءَ وٽ ويندو هوندس، جو ٻارن جي پرورش کي پنهنجو فرض سمجهي ڪجهه ڪيس ڏيسان ويٺو ...."

چڻ منهنجي هٿن جا ڪبوتر اڏامي ويا مونکي ته خبر ۽ ڪين هئي ته سياڳچند ٻارن جي پڙهائي لاءِ زال کي مدد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. هاٺي شڪ جاڳيو ته ڪڏهن سياڳچند مونکي خالي گهڙي وانگر ڇو لڳندو آهي. ٻارن جو فرض آهي ته زال لاءِ ته انهن کان وڏو فرض آهي. ٻر مان اڇا ڪجهه چوان ٿي چوان سياڳچند رڙ ڪري چيو، "سوچ ڪيڏيون گلائون ٻڌندي ۽ تو سان نباهيو اٿم تو سان نالي ڪالهوءَ پارٻتيءَ ڏي ڪڏهن اڪ ڪٺي ۽ نه نهاريو

اُتم ۽ ٽون آهين جا مولڪي ٻــلا وانگر ٻـــي ويٺي آهين ... "

خبر ناهي ڇا ڪجهه هو هن جهڳڙي جـي اندر. مـون ماءُ جي گهر پهچي، پاڻ سان انجام ڪري ڇڏيو ته وري هن در تي نه ايندس.

من چيو، "ٻـلا وانگر ٻـــي ويٺي آهين سياڳچيند ڪي؟ پر مکه ڪولي ڏس! پياسو خشڪ چپن وارو هـي تنهنجو ئي ته مکه آهي جو امبرس لاءِ واجهائي رهيو آهي. پياس روڊن پري ڇڏيو آهي تنهنجي هانوَ ۾..."

---

ٽڏهن سرهه جي موسم اچا ڪين شـروع ٿي هئي. منهنجي سرير جي ٽڙليءَ تي بهار جي مند گـــل ڦل باغ بهارون لايو بيٺي هئي. ٽيهن ڪـــان مٿي هوندي منهنجي عمر، جڏهن ليلان داديءَ جو پاءُ رمون، هڪ هڙ ۾ ڪجهه ڪپڙا مون وٽ ڇڏي وڃڻ لڳو.

"اڙي پاڻي هيڏانهن هيڏانهن، ڪجهه سمجهاءِ ته سهين ڪهڙي ڪپڙي مان ڇا ڇا سبڻو آهي؟"

رمو منهنجي سامهون مشن وٽ اچهجي ويـو. هـوَ سـڌو سڌو منهنجي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. منهنجي مـــن جي درياءَ ۾ هڪ مڇليءَ اُڇل کاڌي "اڙي شهزادا!"

ڪجهه دير ڪالپوءَ رموءَ جي ٽاب جڏهـن منهنجي نظرن کي جهڪائي ڇڏيو، تڏهن چيائين، "اهو سـب

ليلان اَچي ڪندي. مان چپ رهيس. اِنهن تي ڪنهن پڇيم "اهو سڀ" ڇا؟ ليڪن اَهڙي ڪا مورچا موٽي چڙهي ويٺي هئي جو ڪجهه ڪڇي ته اهو سگهيس پر رموءَ کي وڇڙ کان روڪي به نه سگهيس ..

ٻئي ڏينهن صبح جو ليلان ۽ رمو مهنجي گهر گهري آيا. ليلان چيو هي مهنجو ٽرم جو پــاڻ ڏنو، سوليا! بس ڇوڪري تي ٻيو اَٽيڪي ٿو ٿي."

مان ڪلڻ لڳيس. پوري ڪٿي زندگيءَ جي سڄين وادين ڏي ڏسندي چيم، "واهه ڀائــي ليلان! ڏاڍا وڏا وڏا چرچا پيئي ڪرين مولسان ... هـل ڀلا ٻڌاءِ هين ڪپڙن مان ڇا ڇا تيار ڪرڻو آهي ... "

انهن ڪپڙن جي سلسلي ۾ رموءَ روز اَچـڻ شروع ڪيو. چيائين، "شهر ۾ هل لـــ، ٿوکي هڪ دوست کان ٻڌئيون سڀڻ جو آرڊر وٺي ڏيان. بس ٿوکي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوندي."

"عجيب ڳالهه پيو چوين رمو! آرڊر لاءِ ڪم نه ڪيو ته آرڊر پورو ڪيئن ڪري ڏيو؟"

"سوليا! ڪم ايترو سولو ۽ گهٽو ملندو جو ٻه مشهور رکي ماڻهو ڪم تي لڳائي، توهان پيا آرڊر وٺڻ نڪري پئج."

"اِنهن؟" مونکي لڳو مهنجي ٻين هينئان ٻـــ لڪڙيون ڪڙيون ڪيون وٺون آهن. جن تي ٻيهي مان

هاڻي آسمان کي ٻه ڇهي سگهنديس. "ليڪن رمو هڪ ڳالهه ٻڌاءِ، محنت هوءَ ڪندا روز ٢٠ رپين جي مان جڏهن ڪين ڏهه ڏينهن ڏهه پاڻ وٽ رکنديس تڏهن ته مان پيا آرڊر وٺڻ نه ڪرنديس. اها نڳي ناهي؟"

"اهو ته دنيا جو دستور آهي. نه ته دنيا ۾ جاين جوڙڻ وارا مزور غريب ڇو هجن. جهوپڙن ۾ ڇو رهن ..."

"بس بس پيا وڌيڪ مثال نه ڏي. مان هن سلائيءَ ۾ ئي خوش آهيان. ٻين جي محنت رس ڪري کان تڏهن کان ته ..." منهنجا لفظ وات ۾ ئي رهجي ويا رموءَ جي شڪل ايتري لهي ويئي جو مونکي کل اچي ويئي ... ڇيم تنهنجو بئروميٽر ڇو هيٺ ٿــي ويو رمو؟"

مٿي ڇت ڏي ڏسندي رموءَ چيو، "ڪنهنجي دل جي ڪنهنکي ڪهڙي خبر ... ! "

اها "ڪنهنکي" اڄ مان آهيان نه، رموءَ جهڙي شخص تان ته قربان ٿي ويندس. رموءَ کي ٻه ڪهڙي خبر ته سندس جهڙي سهڻي موهيندڙ شخص لاءِ مان ڪيڏو تڙپي رهيس ۽ ڦاٿيس وڃــي سياڳچند جهڙي پاڻ کان وڏي ٻيءَ جيڏي شخص جي چڪر ۾ ... !

سمو اچي ويو جڏهن زندگي هندورو ٻڌجي پيئي. گهر جي هڪ روم صاف ڪري ٻهرين ٻه مشينون، ٽن

لاءِ به ڇوڪريون رکيم. آرڊر وٺڻ لاءِ پيٽيڪوٽن سميت لاءِ چار مشينون رکيم ۽ مان هتي رموءَ ساڻ گڏ بمبئيءَ جي شاهي رستن تي، هوٽلن ۾، باغن ۾، ريلوي پلين جي مٿان ...

رموءَ چيو، ”ڪشمير هلندينءَ سوالا؟“

”ڇو؟“

”سوال آهي؟ سڀ جوڙا هتي مون ڪٿي ڪندا آهن؟“ ان مهل اسين هڪ ريلوي پل جي مٿان بيٺل هئاسين. مونکي لڳو جنوريءَ جي هوا ڪشمير کان هتي آئي آهي. پلئه ۽ ساري ٽڏڪار سميٽي، جا اچي مونتي وسائي اٿس ته ... ”او ني!“ مون ڏڪندي ٻئي ٻانهون ٻڌي ٽڏ کان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪئي ... پر رموءَ اڪ ساڻ پيار جو چٽاڪ اهڙو هنيو ۽ مٿان چيائين، ”ٻانهن ۾ ڀاڪر ۾ دٻائين ته ٽڏ ٿي ٿي؟ ... “

آهه ... سندس باقي اڌ ته ڇپل سٽ ساري سرير ۾ وڄ جي ڌارا کي ڦٽڪائي وئي. هيٺ ريل جي پٽڙن تان ريلون گم ٿيون مٿي آسمان ۾ سج ٿي پاري جي اڌ جو لهه هو ۽ هيءَ پل، هندورو هئي جنهن ۾ رمو ۽ مان ويٺا لڏي رهيا هئاسين ته راڌا ڪرشن هئاسين ... ڪجهه دير ڪالپوءِ اندت ۾، ڦهليل خوشي.

کي سمهنديندي، پاڻکي هڪ عجيب درد ۾ مبتلا ڏٺم.
ٻکهو ساهہ کڻي چيم ”هلون ؟ ...“

رمو پل جي ڪٽهڙي کي آڌار ڪري بيٺو هو.
منڊر موڪ سندس مک تي هئي، نهاري نهاري
رهيو هو مون ڏانهن يڪٽڪ ڌيري چيائين، ”سونيا!
تون واقعي خوبصورت آهين ! ...“

اڙي اڙي هي ته هن ڇوڪري مونتي آڪاس
ڀاڻي وڌو! مان هڪ بي آرام خوشيءَ کان اکين ۾
ڳوڙها آڻي ڪانڌ لڳيس ... ”هلون هاڻي رمئيا! ...
ماڻهو پيا اچن وڃن“ هاڻي رمو ٻانهون ٻڌي هلڻ
لڳو ...

ڪهڙو آهي قدرت جو قانون! رمو ته اهڙو جوان سڻو
پڻي هليو ۽ مان ... مان ته جڻ هڪ ٻڍل پيڪ هئس.
پوءِ مان پڪتڪي ور ور ڪري اکري تـــي وڃي.
اي -هاري ول ٻڌجي پيٺي هئس، ڪاش ڪنهن ور
جو سهارو هجي ... رموءَ منهنجي ڏوڪ ڪـــي جهلي
منهنجي پيرن ڏي ڏسندي چيو، ”چمپل ۾ ڪجهه
لڳي پيو توکي؟“

”ها“ مون ڪنهن غمجي سور کان ڪڙاهي چيو.
رموءَ يڪدم هڪ پنو ڪسي مان ڪڍي ڪٽي منهنجي
پيرن اڳيان رکيو. چيائين، ”هن تي پير رک ... بدا
چمپل جي.“ پير ۾ ڪا تور پوڄي وڃي هئي! چمپل

مان پير ٿي نه نڪري. رءون هيٺ وڃي مهنجو پير چمپل کان آجو ڪري، پٽي لڳي رکيو ۽ يڪدم پٺين سان ٽاپ ليڪي ورتائين. وري به پنهنجي ٽئي هٿن سان مهنجو پير مٿي ڪري هڪ ٻيرو مٿس پيار سان پٽي هٿ ڦيرائي وري پير کي چمپل ۾ وڌائين. جڏهن وقت مهنجي پير مٿان سندس هٿ گهمي رهيا هئا، تڏهن وقت ائين لڳو ڄڻ ڪي زور زور سان گهمرائي هٿي مونکي ابتڙ جي ميزان مان ڪڍي ڇڏيو آهي. تڏهن پٽي هٿ هيٺ رءوءَ جي ڪلهن تي رکي، ان ڇڪر کي سهاري ورتم ...

هلندي هلندي هڪ ترڇيءَ نظر سان مونڏي ڏسندي رءوءَ چيو، ”سو ابا! هڪ ڳالهه پڇانءِ؟“ مون ڪلهي ڏاو، ”ڳالهه پڇڻ لاءِ موڪل وٺڻ جي هيءَ ڪهڙي قسم جي ارچڻ آئي آهي تو وٽ؟“

”تو مهنجي ڪلهن تي هٿ رکيا ... ڇو.“

ڪيس رستي ۾ هڪ هند ٻهاري سندس سندر مٺهن کي نظر سان ڇهندي چيم، ”ڇو؟ ... تون مونکان ڏهه سال ننڍو ڇو آهين؟ ... ”ٻهرين ان جو جواب ڏي ...“

ڪڏهن وٽ ڪوئي جواب ڪين هو. اهـا رات ڪيئن گذري ... بس مونکي ٿي خبر ... هن ننڍين ناتي مونکي بي آرام ڪري وڌو.

صبح جا ڏهه مس لڳا هوندا جو رمو اچي پرگهٽ ٿيو. مان راس ڪان ونـــي وري اهو ئي سوچي رهي هئس ته رموءَ سان هاڻ وڌيڪ رستو وڌائڻ نه گهرجي. پر اکيون منهنجون ڏهن وڃڻ تائين ٻه ڪيڏو انتظار ڪري چڪيون هيون!... ڪيتري ڦڙتي اچي ويئي منهنجي انگ انگ ۾...

رموءَ هڪ پئڪيٽ ڪڍي ڏنو مونکي.

پڇيم "ڇاهي هنم؟"

رموءَ جي شرارت ڀري مرڪ سان پنهنجي مرڪ ٻه ملندي ڏٺم.

"چمپل"

"او چمپل!" پئڪيٽ کولي، پـمت لـــي اچلي، پنهي پيرن ۾ چمپل پائي ٻيٺس ڪاش! شڪرانن سان ويڙهي سگهان رموءَ کي.

کلي چيم، "رمو! ايترو خيال نه زندگيءَ ۾ ڪنهن نه رکيو منهنجو."

هت مهٽيندو رمو ڪڻڻ لڳو، "پلا هي ٻه ڪو وڏو خيال رکڻ آهي؟... هل پلا هاڻي... هڪ تمام وڏو آرڊر سبڻ لاءِ مليو آهي. پوءِ شايد هڪ ٻه چوڪري وڌيڪ وهاڙي پوندءِ مشهن لي."

هاڻي مشين هلائڻ وارن چوڪرين ۾ سر پر ٿي.

مون چيو، "هتي جاءِ هدن لاءِ ئي سوڙهي آهي..."

ڇوڪرين ٻڪي آواز ۾ چيو، ”اسانکي ڏجو پنهنجي گهر مان سڀ ايندڙ سين.“

”اوڪي! ...“ ڇاتيءَ تي هٿ رکي، ڪنڌ کي اڳيان جهڪائي رمو اهڙي انداز ۾ چيو، جو کل ڦٽي نڪتي ٽين کان.

ٽئون آرڊر وٺڻ لاءِ اسين ٻئي گهر کان ٻاهر ٿي اڪتاسين ته منهنجي وڏي ڀيڻ اچي پرگهٽ ٿي. مونکي چيائين، ”اڄ مان آئي آهيان، تون ڇو ٿي وڃين؟“

جواب رموءَ ڏنو، ”ڏيدي! هڪ وڏو آرڊر مليو آهي. اسين منجهند تائين موٽي اينداسين. مونکي به ڪم لاءِ وڃڻو آهي.“

وڌيڪ ڏيڏيءَ ڇا ٿي چيو سو ٻڌڻو ڪين هو ... اسين ڇمپل سان پٽ پٽ ڪندي مان ٻن اڳ مليل آرڊر جا باڪس کڻي رموءَ سان ٽڪڙي ٽڪڙي اڪري آيس. رمو مونکي هڪ باغيچي ۾ وٺي هليو.

”ڇاهي هتي رمو؟“

”تون هتي بينچ تي ويهه، ته سهين. هان ڏس هي گلاب“ رموءَ گلاب جو گل کڻي مونکي هٿ ۾ ڏنو. مونکي اڄ ٿي خبر پئي ته رموءَ جا هٿ ۽ هٿن جون آڱريون به گلاب جي پنکڙين وانگر نرم آهن .. گلاب

کي سگهڻي مُن جا ڪهڙا ٻٽ ڪلي پيا، ڇڏي نٿي سگهان.

رمو چيو، ”مون اڄ توکي ڪلهوڪيءَ ڳالهه جو جواب ڏيڻ لاءِ هتي وٺي آيو آهي. اسين ڇوڪرا ويهن سالن جا هجون يا سٺاويهن جا، ڪوئي فرق نہ پوي.“

”۽ اسين ڇوڪريون سٺاويهن جون هجون يا سٺيهن جون هجون تڏهن بہ ڪوئي فرق نٿو پوي؟“

”نہ... پريم جي جهان ۾ عمر جا فرق بيوقوف ڳڻيندا آهن...“

”پريم! ... ڇا پيو چوين رمو؟“

”پاڻ کي دوکو نہ ڏي سونيا!“ رمو دور دور ڏسندي بہ ڪٿهن اندرينءَ اکين سان مونکي جاچي رهيو هو... مان اچانڪ ڀر ۾ ويٺل رمو جي گوڏن تي سر رکي روئي پيس...

رمو منهنجي مٿان هلڪو جهڪي منهنجي اونڌريءَ وٽ پنهنجو منهن آندو... موت هنڪان وڌ مٺو ڪيئن هوندو! ڪڙو ڪيئن هوندو! ... هاهاڪار هو منهنجي تن بدن ۾! سک، دک، اميد، نااميدي، من ساگر ۾ اٿندڙ لهرون بڻجي ور ور ڪنڌيون ڇهي آيون، جو اکيون منهنجون سيلاب بڻجي پيئون...

”مان تو سان شادي ڪندس سونيا“ هن ڪن وٽ

مونکي ڪهڙي هيءَ ڳالهه چئي! ٻرهمانڊ ۾ جولٽون
ٽمڪڻ لڳيون! تنهن هوائون انهن کي وسائڻ لاءِ آيون.
"رمو خبر اٿيئي مونکي ڪنهن وقت سياڳچند دي
سنگهه بدنام ڪري ڇڏيو هو؟ ... "

"مونکي انسان ڪوئي واسطو ڪينهي." ...

"مونکي تو وانگر ٻئي کي مدد ڪري چاڙهڻ جو
ڏانءُ ڪونهي، نه تو وانگر موتين جهڙا ڏند ڪڍي
کلڻ ٿي اچيم! نه موهيندڙ مرڪ آهي سدائين
منهنجي منهن تي."

"سا ليا! ڪي ڇا آهي ڇا ناهي، انجي لوڪي
ڪهڙي خبر. تو وٽ بس هڪ ڳالهه تارون ٽار پريل
آهي ... "

رموءَ جو هي ماٺ ماٺ سان ڏسڻ جو سپاءُ!

"ڪهڙي"

" ... ... "

وري پڇيم ڪهڙي ڳالهه آهي موءِ تارون ٽار پريل؟...
پنهنجي ٽڙيل گل جهڙي منهن کي منهنجي ويجهو آڻي
تو چوي، "پيار ... تنهنجو مون لاءِ پيار ...!!"

منهنجو منهن ڳاڙهو ٿيو يا نه پر اکيون پياو سان
پرجي، ڇپر جهڪائي، ٻنهي تي ويٺيون. سندس ڇاتيءَ
تي مڪون هڻي چيم، "تون ستائين تو مونکي رمو!
ڏاڍو تو ستائين!" رموءَ ڪٺي منهنجي ڪاڏيءَ تي هٿ رکيو.

اَچانڪ مونکي ڳالهہ ياد اَچي ويئي، مان منهن ڦيرائي ٻاهي رهيس.

”وري ڪهڙو ڳرهڻ ڏنو مٺڙم؟“

ٻڌي ساهہ کڻي چيم، ”رمو تون مونکان ڪيترو لنڊو آهين، تنهنجي گهر وارا اصل ڪونہ مڃيندا...“

منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺـي ٿـو چوي ”پنهنجي گهر وارن کي مڃائڻ جو ذمو منهنجو.“

هائو ذمو ٻرابر کنيائين. رموءَ جي ٻيڙيءَ ماءُ جڏهن مولکي ڏٺو تڏهن ڀاڪر ۾ ڀري مٿي تـي ڪري چمي ڏنائين. ڇـڪ شايد انهن اصل ٿڌي جل جيان ڏوڪيندا ٿار وجهندا ايندا آهن! تـڏهـن ڪنهن مٿل ڙي من! لون انهن ڇو وسهي وهندو آهين تہ هـيءُ سڪن جو پرواهہ ڪو ندي نارو آهي جـو سـدا پيو وهندو هتي تہ بس نديءَ ۾ پاڻي اچي چڙهڻ لڳو هو ...

ان ڏينهن منهنجي مـاسـيءَ ولائت مــان لکيو ’منهنجي جاءِ صفا ڪرائي ڇڏجو، مان مهني اڌ هلي اچان شايد. ڪا اهڙي بيماري اٿم جنهن جو علاج هتي پوريءَ طرح ٿي نہ ٿو سگهي.‘ مان ماسيءَ جي گهر جي ڪنجي کڻي رموءَ سان گڏ ماسيءَ جي گهر جي صفائي ڪرڻ نڪري پيس. رمو، هڪ ماڻي ۽ مزور کي هيٺان وٺندو هليو. لفٽ ۾ چڙهي ڇهين ماڙي تي پهتاسين. رموءَ هٿ کان ڇڪي ٻالڪنيءَ ۾ هلي بيهاريو، ”سونيا!

اسين ٽڙيءَ کان ڪيڏو مٿي آهيون اَڄ؟ آڪاس ڏس
ڪيئن هيٺ لهي آيو آهي!" مان وانڱڙي اُسي هن
شاعراڻي اظهار کي محسوس ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ
لڳس پر مونکي ته ڪجهه محسوس ٿيو ئي ڪين ٿي.
ڪلاڪ کن کان پوءِ جڏهن پٽي ٺوڪي سڄو گهر صاف
ڪري هيٺ هليا ويا ۽ مان ماسيءَ جي باٿ ٽب مان
ٻرڳي ٻاهر آيس ته ڏٺم رمو هيٺ مٿهن ڌوئي وري ٻه
وڄي بالڪنيءَ ۾ ويٺو آهي. آس پاس ۾ ڪا ٻه ڇهه
ماڙ ڄڳهه ڪين هئي. اڪري مونکي لڳو رمو سڄو
تو چوي ٿو. آسمان هيٺ لهي آيو آهي ... مان ٽلهي
ٽوال سان پنهنجا ڀڳها واسينگ وار سڪائي رهي
هئس جو رموءَ چيو، "اڙي هيٺ سڪانبا آهن وار!"
ٻاڻ ٽي منهنجي پنيان ٻيهي وارن کي ٽوال سان اگهڻ
۽ هر هر چمڻ لڳو.

مٿان چيائين، "امي چوي ٿي هن مهني ٺوهاڻجي
شادي ڪنديس. مون چيو، "منهنجي اميءَ ته ڏاجو
ٺاهڻ شروع ڪيو آهي. منهنجو پناءَ پنهنجي ڪنهن
سهڪار دوست کان اهڙيون اڇيون ساڙهيون وٺي آيو
آهي جو منهنجون ته اکيون ئي ڇرخ ٿي ويئون. اميءَ
ڇيس هي سڀ سونيا جي ڏاجي لاءِ رکيا ... جڏهن
خبر پيس مگڻي ٿوسان ٿيڻ واري آهي تڏهن کان لڳو
ڇمائين، رمو سڀ لنا کان ائيو آهي. ٽوڪي ويندو پر

اميءَ ٻه وارا اکر ٻڌايس تہ ـــ جڏهن وڏيءَ عمر وارو
مرد ننڍيءَ عمر واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري
سگهي ٿو، تہ جڏهن ننڍيءَ عمر واري مرد سان وڏيءَ
عمر واري ڇوڪري ڇو نہ شادي ڪري ... خير بهرحال
ڪالهہ مهمانن جي خوشيءَ ۾ هزار رپيا اميءَ کي ڪيڏي
ڏنائين تہ ڪجهہ ٻيو اڃا، گهڻو ٿورائتو ٿيندي تہ
ٿورائتي اڄڪلهہ مال پاڻي حرام ملڻ لڳو آهي ... ”

رموءَ چيو، ”گهر تہ منهنجو ڏسي آئي آهين. هڙو
ماسيءَ جي گهر جهڙو سينگاريل ناهي، پر سٺو
آهي .. “ مون رموءَ جي ڳالهيءَ تي سوچيو ڪٿي منهنجو
ڪٽيل واسينگن وارو مٺو رڪيو”. منهنجو رمو سٺو آهي
تہ گهر ڀلي غار ڇو نہ هجي، ڇاهي وڻ مٿان پکيءَ جي
آکيري جيان هجي ... “ رموءَ مولڪي پاڪر ۽ پوري
هلي ڀلڀ جي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺو. ڪو ڌڪ ڪونہ
هو، ڪو پڙ ڪونہ هو. جهڙي ڪي همشهہ هڪ ٻي وچڻ
وارا آهن، سي اڄ ٿي ڇو نہ هڪ ٻي وچن!

هيءَ ’اڄ‘ ڏاڍي لمبي لي ويئي. روز اها ’اڄ‘ اچڻ
لڳي. هفتي اندر ۾ ٿي ماٺي ۾ ڏاڍي جهہ پڇهہ ٿيڻ
لڳي تہ روز ڇوڪري نڪري وڃي صبح ساڻ. هاڻي
تہ آرڊر بہ گهٽجي ڪان ٿي آئي، جنهن مشغولن مان
گهٽائي بہ ڪجهون ائس.

ٻنهي ڪميز ۽ ماءُ جهڳڙا ڪرڻ لڳيون. پيءُ تہ هاڻي

ٻستري مان اٿندو ئي مشڪل هو. مان صبح جو سوير اٿي ڪڏهن پيدل، ڪڏهن مٽي، ڪڏهن ٽيڪا، ڪجهه ٻه رڪي وٺندي هيس، ڦلڪن لاءِ اٽو ماسيءَ جي گهر ۾ وڃي رکندو هوس. عجيب سک هو هن ننڍڙي گرهستيءَ ۾. ڪهڙيون لڳيون هيون اسانجون ڳالهيون ۽ ڳالهين جي لنباڻي گهٽ ٿي، نه همت هٿن ۾ وڌهي ائين ٿي سمر هانوس واري جهولي ۾ پيا الڏاڊا هئاسين. زموءَ جي ڊيوٽي هونءَ نه ڪڏهن ڏينهن ڪڏهن رات هئي. هاڻي هن پنهنجي پين دوستن کي ٻه رات جي ڊيوٽيءَ کان ڇڏائي ڏنو هو. اسين ٻئي ڇٽا ڏينهن سڄو ماسيءَ جي جاءِ ۾ ڪاٽي، رات جو پنهنجن گهرن ۾ پهچي ويندا هئاسين. گهڙيءَ ويل هن بهار جي مدد کي سڏيو هوم، جو اها گهڙي سٽ پنجي وڃي هئي!

ڪجهه عرصي کانپوءِ هڪڙي ڳالهه ٿي. گهر ۾ ماءُ ۽ پيءُ چوڻ لڳهون، "سونيا! پنهنجي شڪل ڏسي اٿيئي آرسيءَ ۾؟"

هاڻو ڏيان سان شڪل ڏٺم ته، خود به حيران ٿي ويس. مولڪي هي ڇا ٿي ويو هو! ڇمڙي منهن تي ٻولي پنجي ويئي هئي، سڀئي اندران ماس ٿي ڄڻ کورجي ويو هو. واقعي پريم ۾ انسان پاڳل بڻجو

ٿوي. رمز کي هٿن سان ڪارائيندي مون پاڻ نہ ڇڙ
ڀلائي ئي ڇڏيو هو.

ماءُ چيو، ”رشين مٿين ڇيو آهي 'گهڻ مٺائي
جي بہ چڱي ناهي.' تون جو آرٻزن وانگر پنهنجا ڏينهن
رات ٻڪندي ٿي رهين، سو هٿي ڳاري پاڻ کي چٽ
ڪري ڇڏيو اٿيئي.“

مان حسرت ڀريءَ نگاهہ سان پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسڻ
لڳس. ماءُ چيو، ”هاڻي ڀانو ڪمائڻ لڳا آهيو، توکي
گهڻي هڻ ٻچاڙ ڪرڻ جو ضرور ئي ڪهڙو آهي؟“
ڪلهي چيم، ”ڇو مونهنجو ڏاڍو ناهڻ وسري ويو اٿوَ
ڇا؟“

پيڻ چيو، ”هيءَ پاڻهن جو الاجي ڪٿان سٺ
ساڙهين ۽ ريشم جا وٺي آيو آهي، سي ڪو لاءِ ئي نہ
آهن!“

ٻرائو انهن ئي هو. مون ان ڏينهن پنهنجون ساڙهيون
هڪ وڏيءَ پيٽيءَ ۾ ڪاهي رکيون. ٻريسون ۽ هائوس
ڪوٽ راس جو ويهي ڪٽيم ۽ سڀڻ وارن ڇوڪرن
کي سڀڻ لاءِ ڏنيئي، مان وري بہ صبح ساڻ اڪري
ويس.

مان ڳوي ويٺي آهيان، ماس ڪورجي ويو اٿم.
... انهن جو ٿيو آهي؟ ويچارن ئي ويچارن ۾ هلندي
دڪين وٽ ٽايو اچي ويو. سيمينٽ جو ڏاڪو ڳل ۾

لڳو. ڳل ڦٽيو ڪين. شڪر، ٻر اوڪل ٽرين ۾ چڙهي، ماستر واري مڪان ۾ پهتس، ٽرستائين ڳـل سڄو ڪارو ٿي ويو.

آتي پهچنديئي ڳل کي ڏسي، رمو ڪجهه اهڙي عجيب نگاهه سان مون ڏي ڏٺو، جو مان سواريجي ويس. اسين جهولي تي وڃي ويٺاسين. رمو ماٺ هو. "چو ماٺ آهين رمو؟ هيڏو ڏک ڪاڻي آئي آهيان ته اهو به اٿو پڇين ته ڇا لڳو. اَلا ڪيڏو سور آهي!" رمو چيو، "ڏک ته مون کاڌو آهي."

مان سندس سڄو بدن هٿن سان ڇهي ڇهي ڇوڙ لڳيس، "ڪٿان ڏکو کاڌءِ... ڪٿي ڏک لڳو اٿيئي؟"

رمو هڪ چٺي ڪـڍي ڪٽي مونکي پڪڙائي. "ڪڏهن لکي آهي؟" مـون ٻئي ٻانهون رمو جي ڳلي ۾ ڪٽي وڌيون ...

"سياڳچند ... "

ناٿو ٻڌي دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. چٺي پڙهي ته اوسان ڪي خطا ٿي ويا. هي ڇا ٿي ويو هو سياڳچند کي؟ ڏاڍي نانڪي زبان ۾ لکيو هٿائين، "سونيا منهنجي آهي. تون منهنجي عمر ڏس رمو پياءَ! سونيا جي بدن لي هر انچ مٿان منهنجي ڇاپ آهي ... " وغيره.

مونکي لڳو ڌرتي ڦيٽي ڏڏي. پنهنکه تـان اهي

پٽ تي ٽڙي ويٺس. رموءَ جي گوڏي تي ڪٺي سِر رکيم. رموءَ چيو، ”ڇا تو ٿڪيئي؟“

اهو ڏينهن اسان جو ڪيئن روئندي گذريو. بس پرماتما تو ڄاڻي. مان آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس. هڪ ڀيرو ته ٻچي بالڪنيءَ مان ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم. پر رموءَ ٻڪ وجهي مونکي گود ۾ کڻي ورتو. چوڻ لڳو، ”مونکي ته تون بالڪل ٻار پيئي لڳين .. “ ڳل تي هٿ لائي چيائين، ”پيو ڪير ڄڻڪر ڳل تي هڙو ڪارو داغ ڏسي ته خبر ناهي ڪهڙا شڪ آڻي ٿو لي ...“

رموءَ جي هيءَ سمت ڇا هئي؟ بس ڪنهن ويس مڏيءَ ڪاليءَ سان! هي ڇا ٿي ويو؟ ... پريم جو هيرو وشواس جي مندر ۾ ڪهوڳهلو ٿيڻ شروع ٿي ويو هو! ڪير ڄاڻي ڪيڏي مهل ڪري پوي...!!

بس وقت تي ڪين لڳو. ٻرابر هڪ ڏينهن اهو هيرو ڪري ٽي پيو. رموءَ جي نگاهه بدلجي وئي. ڪيس منهنجي هر ڳالهه ۾ شڪ اچڻ لڳو. سامهون دريءَ ۾ هڪ گنديءَ صورت واري ماڻهوءَ مٿي نهاريو. اسان جي جاءِ ته ڇهه ماڙ هئي، هن چوٿين ماڙي تان بالڪنيءَ طرف نظر ڪئي ۽ رموءَ چيو، ”ڏسجي ٿو هيءُ ته هڪڙو لنهنجو پراڻي جنم وارو لڳو آهي...“

"منهنجي رهڻ کانسواءِ ڪوني لهاري ٻــ، سهڻن مونڊي ته اکيون ڪيئي ڇڏيانس."

"پڪ؟"

"پڪ چا. منديءَ تي ٿڪ سمجهو، منهنجي ڳالهه" مان سندس گوڏي تي سمهيل هئس ان مهل چرچي جي انداز ۾ چيائين، "ڪيترا پيرا مان ڪمهه نـ ء بيهه ونـڻ هيٺ هليو ويندو آهيان. پــوءِ وڃي اڪ ملائيندي هوندينءَ."

"آڙي اما!" مان رڙ ڪري اُٿي ويٺس.

"هي چا ٿي ويو آهي توکي رمو! منهنجا ته چيچ چيچي پيا آهن اڄ ..."

"اڙي چرچو به نٿي سهي سگهين؟ مان ته سايا مان پيو گذران. کهڙيون کهڙيون چوکريون پيٺون پنيان پون؛ ماڻهه شادي شادي، ڪري جان ڪيئي ڇڏي آهي."

"هل ته ٻڌهڻ کان مهورت ڪرائي وٺون."

"ڪڏهن ڪهڙي آهي؟"

"اڪڙ ڪيٿن ناهي هڪ ٻئي کانسواءِ ساري رات گذارڻ ڪيڏي ڏکي ٿي لڳي."

"ٺهڪ آهي هفتي اندر اما کــي چئي مهورت ڪرائي ٿا وٺون ..."

ٿوري دير ترسي چيائين، ”مگر هي تنهنجو ٻچڙو ٻارهين سياڪڙند ته ڪوله رولو وڃهندو وري ... “

”ڇا لاءِ؟“

”تنهنجي سولهن جو جنهن هڪ ٻيرو خزانو لٽي ڏنو سو ڪيئن ٿڦندو هوندو ٿولاءِ سو تون ته سمجهي سگهندين ئي.“

”ايڏي سهڻي ته مان آهيان ئي ڪين ... “

”ڪپڙ ٻـلا آهين. سولبا ٿوڪـو ٻنهنجي خبر ئي ڪانهي ... هن هڪ مهني جي اندر، هن ماسيءَ جي اڪيليءَ جاءِ ۾ خبر ناهي ڪيترا ٻهرا لـو مـولڪي ڪڪيو آهي ... “

”ءَ منهنجو ڇا ٻورو رس سمت ته خلاص ٿـي وٻو آهـي؟ گهـر ۾ ته آرسي ڪنهو منهن ۾ ڏٺـن لـه ڏس ايڏو ڇو ٿي ٻڏڪين آردرن ونڻ لاءِ جڏهن ملن ئي ٻه ڪين ٿا ... “

رمو ٻڪڙڪ منهنجي منهن ۾ ڏسـنـدو رهيو، ٻوءِ چيائين، ”هاڻي ڪجهه ڏينهن هڪٻئي کـان الڳ گذاري ٿا ڏسـون ... “

”مون لماڻا نيرط متي ڪٽي الدر ئي الـدر ۾ اِلتجا ڪئي ته اها سزا لـه ڏي رمـو! ... تـو ٻدا جيئڻ ڪونهي منهنجو. مگر ائين هـار مڃڻ منهنجي سياءَ ۾

ٻي ڪانهي. اٿي چيم، "پوءِ نه هاڻي ٻي ٿا هڻني لاءِ
قلف لڳائي هلون ماسيءَ جي مڪان کي."

"هلون ٿا" چئي رمو به هڪدم اٿي بيٺو.

هاءِ ڙي هاءِ. هي ڇا ٿي ويو! منهنجي نه هٿن جا
ڪبوتر ٻي اڏامي ويا ... مون سمجهو هـــوَ مولڪي
پڪڙي وهاري ڇڏيندو ... مگر هي ته بس اڏي ٻي
ويٺو هو.

ليڪن سچ پچ ڪبوتر تڏهن اڏاڻا جڏهن مون
رموءَ جي وڇوڙي ۾ ٻي ڏينهن ٽڙندي گذاريا. پنهنجو
ڏاجو پڪ ڪري ورتم اوان پلنگ دڪان تـــي تيار
ڪرائي رکائي آيس؟ مٿان ڪنهن اچي ڪن ۾ ڦوڪ
ڏني ته رمو ته دوستن سان گڏ سينگاپور هليو ويو.

ههڙو ڌڪ! ڪوئي ليل به لظو نه اچي!! ... سچتا
ماتا! اوکي ڌرتيءَ جاءِ ڏني مونکي تـــه ڪوئي به
آسرو ڪونهي ... شاعر جي سٽ لکي اٿـــي من ۾

'جنهن کي ڏٺ نه ڏانءَ ــ سا ڪيئن ڪاٽي ڏينهڙا'

رات وچ ۾ ساريون روشنايون گم ٿي ويئون، بس آواز
۾ اڳل ڌرتي پڙي جلي فقط دکي رهي هئي ...

هاءِ ڙي هيءَ سوءُ جي منذ وڻن سڪل پن ڪيرائي
ڇڏيا. رسني هلندي پنهنجي پيرن جي آواز چڙڪائي
ٿي ڇڏيو ... وڻـــن ۾ نه وري نـــوان غنچا ڦٽندا پر
منهنجي سرءُ... شايد مسيح تائين هلي!!

ڪيترا سال گذاري ڇڏيا آهن هن مشين جي چڪري ڦورڻ ۾، نہ ٿڪو آهي نہ ٿڪو آهي. ڪپڙن سڀڻ جا آرڊر گهر ويٺي ملڻ لڳا آهن. هر سال لڳن مشين شامل ٿيندي رهي آهي. وڏي وسيع هال ۾ هي سڀڻ وارن جو ڪنڊب وقت جي چڪر کي مشين جي چڪر ۾ ضرب ڏيندو هلندو آهي، ڀتين جي لشڪر سان غريبيءَ جي قلعي تي سوپ نہ ڀاڙو پير هڪ جا پوت سنئين جي ڏيڍون وانگر منهنجي پنهوءَ کي پرديس ڏي اُڏائي ويا ... کهڙا ڏونگر ڏوريان کهڙا جبل جهاڳيان ... رمو! مونکي سونا مسان سونيا ڇو بڻاءِ؟ ڪيئن ٻلايان اهو پيار؟ منهنجي هر چاهنا کي پورو ڇو ڪيءِ؟ ... ڇو آندم منهنجي جيون ۾ بهار؟ ... هاڻ تہ سرهُ جي منڊ جو ڏيلي آهي نہ بهار جي اچڻ جا سيئي دروازا بند ٿي ويا آهن.

گهر ٻاهران جو باغيچو آهي اُنہ سنجها جو سمو روز ڏهڪي ويندو آهي. شفق جي اداس لالي هوائدي اُتس ساڻ هلندو ويندو آهي سي پڌاهہ آسمان تان منهنجي ماضيءَ جو ڪاروان ...

# مڇڏ ماسي

ماسڙ انهن ڏهاڙي ۾ ٻيدا وٺي آيو. ڏاڪ سان اچي ٻوٽي کي چيائين، ”هان وٽ پئسا، ڏيڙروئي وٺي آءٌ.“ ماسي ڦاڙا ٽڻا ڏر ڪڍي ٽوپو سڳو ڪرڻ وٺي هٿي؛ نڪ تـي رکيل عيڪ ذرا مٿي چاڙهي، ماسڙ جي منهن ۾ ڏسي چيائين، ”سو نئين جواني آئي اٿيئي! ٻيدا ڏيڙ تو ڪائين؟“

ماسڙ انهن کي چيو، ”ٻت! اسٽوءَ ٻاري ڏيندم ته ٻيدا ٺاهي وٺان.“

”اي ٻڍين ڪين تو، مان ڪنهن سان وٺي ڪان؟“

هاڻي ماسڙ ذرا گرم ٿي چيو، ”ها ها ٻڌان وڃنو، مولسان ٿي ٻڪين. ٻاڻ وڃنو آهين ته ٻٽي کي ڪيئن سهندينءَ؟“

انهن سٽوءَ کي ٻيلي هٿي اچي وڃي زهي. اوچتو ماسي چڙڪ ٻري، اٿي رنڌڻي ڏي هلي؛ جتي ماسڙ ٻيدا ڦوڙي پليٽ ۾ ڪٽي وڌا هئا. ماسيءَ چانڊٽ وٽ ٻيهي، چپ تي آڱر رکي، ڪجهه وقت ته ٻيٺي ڏٺو، پوءِ گرم ٿي چيائين، ”سو ٻيدا پليٽ ۾ ڦوڙي

وڃڻا آهن؟ هان؟ پوءِ ته پيدن وارن هتان سان وڃڻ،
هاڻي ته ڪپ ته پيدي هاڻو ٿيو، وري ڇوڪرو ته پيدي
۾ وڃايو اٿيئي؟ اوجهو لوڙ ته خراب ڪيئه. منهس!
هاڻي باهر اچ ته اهڙين ٻيدا ٿاهي ڏنيئي."

ماسڙ لئي لي ڪمهه وجهي ٻيدا اوتي چڙيا.

ماسيءَ لهائين گوم تي چيو، "هاڻي ته گمهه جي
ڏيڪڙي ته پليت ڪيئه نه؟"

پوني جي ڏاڏي سان دل، لهن ڏاڏيءَ کي رٿي
کان ڇڪي چيو، "تون باهر اچ ته بابا ٻيدا ٿاهي وني."

ماسيءَ پلئه ڇڏائي چيو، "اِلي ٻهئي آهيان تہ
چاهي مٿا؟"

ماسڙ کلي چيو، "اِلي ٻهئي ڏسي تہ هان ٻيدا
ڪهڻ ٿو ٿاهيان."

ماسيءَ 'پو' کي ڊگهو ڪندي چيو، "نريو ملڪ"
۾ مورو ڏئي باهر هلي وئي. پوني ڪيس ڪن ۾ چيو،
"آما! اچ بابا لوکي ڪٽي وني هلندو، اِها مونکي خبر
آهي."

ماسيءَ پهرين تہ اوڙي گهٻرائي پڇيو، "ڪٿي
وني هلندو؟" پوءِ رڙ ڪري چيائين، "اي! ٻيدا ڪاٿي
ڪٿي وني هلندين مونکي؟"

ماسڙ اندران ئي جواب ڏنو، "سنيما لي."

ماسي وري وڃي رنڌڻي جي در وٽ ٻهئي. پوني

هڪ اک بند ڪري ٽپا ڏيندي چيو، ”ڏنئہ نہ! مونکي سڀ خبر آهي.“

”هل مٺا،“ ڪندي ماسي راڌڪي ۾ وڃي پهتي ماسڙ هاڻ ڍڳرو ٿيءَ سان ٻيدو کائي رهيو هو چيائين، ”پنهنجن سئنيما جون ٽي ٽڪيٽون آڻي ڏنيون آهن.“

”پٽ نہ ڇٽيئہ ٿي ڪولہ پوءِ پٽ چاچو ٿو چوين پاڻيهجو چئہ.“

”پٽ ٿو ڪانہ ڇٽيو ڪين مون؟ مون تہ ڪونہ چيومانءِ تہ رکو ڏيئر ڇٽ.“

”جهڙو منهنجو پاڻيجو ويئو پاليئي اهڙو پٽ بہ ڪونہ پاليئي ها.“

”هاڻي بس ڪر ... پلا سيکهہ ڪر، ٽمار ٽہ ٿوءِ تہ سئنيما لي وني هلانءِ“ چوندي ماسڙ ماسيءَ کي ڪلهي لي هٿ ٿـــي لاٿو. ماسيءَ پوڙي پڙي چيو، ”پهرين اهي هٿ صابڻ سان تـــہ مل. هٿي گهر ٿي پليت ڪري ڇڏيو اٿئي. مونکي تہ نہ پليت ڪر.“

ماسڙ کلي چيو، ”توکي نہ پليت ڪيان؟... توکي نہ پليت ڪيان ... هل هاڻي هل سيکهہ ڪر سيکهہ تہ سئنيما نہ شروع ٿي وڃي.“

”وڃي ٿون ٿي آءُ. مونکي تــا پيرهيءَ ۾ اهي شوق وٽن.“

اڙي پنجاهہ سالن ۾ ٿي پاڻ کي پوڙهي سمجهہ
۽ اڃا تہ پنڌ گهڻو اڳتي پيو اٿيئي.“

”پنڌ تنهنجو هوندو اڳتي“

”منهنجو تہ هوندو ئي. مرد اسي سالن تائين بہ
بار پيدا ڪري سگهندو آهي.“

”هاڻي بس ڪر. ايترين اڳيان ڪو شرم حياءُ تہ
رکہ.“

”اڙي چري! ننڍا اسانجي اڳيان شرم ڪن ڪين
اسين هنن اڳيان شرم ڪريون! هي ٻڪيئون پنهنجي
آڳي ڏاڍيون آهن جي ماسيءَ کي وٺي و ڃ. سڀ ڏينهن
سر ٿي چڙهي ويٺي آهي. گهر ۾ اچ تہ ڳالهائڻ جو
سڪہ بہ ڪوانهي ...“

”ائين چوائين؟“

”سو رڳو چوڻي ڪرين مائٽ اولاد ٿي رهيا آهيون
۽ ائين چيائين تہ چا ٿيو. هل هاڻي هل. اجهو هٿ
بہ ملي ٿو وٺان تنهنجي سڙهي صابڻ سان.“

”چڱو منهنجو صابڻ چڱو ...“ ماسيءَ ڌمال ڪئي
۽ ماڙ اهو صابڻ رکي، گهنڊي وارو هٿ ڌوئڻ جو
صابڻ ڪڍي هٿ صاف ڪيا. ”هاڻي تہ بس.“

”بس چاجي. پهرين وات صاف ڪر اڳيان هاڻي
وهندين تہ پيدن جي ٻالس پيٺي ايندي تو مان“

”ڏاڍي پل ڪئي آتم ٻاپرياڻيءَ سان بطجي.“

”ڇو ٿو پڇتائين؟ هاڻي به ڪٺي موٽائي موڪل
نه جوءِ کي ... “

ننڍن ٻانيءَ ساڙهي ڪوٺي اڇي سس اڳيان رکي.
”امي هينئر استري ڪري آئي آهيان.“

ماسيءَ پهرين ته ننڍن جي منهن ۾ ويٺي نهاريو پوءِ مرڪي ڪٺي ساڙهي ڪوٺي ننڍن کان ورتائين. جڏهن ٻئي پير مرد ٻاهر نڪرڻ لڳا تڏهن ننڍن ٻانيءَ ٻنهي جي پٽ جي ٻانهن ڪٺي سس کي پڪڙائي.

در بند ڪري ”ماسيءَ چيو، ”هي پونو پهريدار ۽ ڏنو اٿن، ڏاڍا چالاڪ آهن اڄ ڪلهه جا پٽ اهڙا!“

# ياد جي سنسان محل مان

ڪهڙو هو سو ڪيمپ!... لفظ ته ياد اٿئا اچن، مطلب هن طرح هو - دل انهن واندڪائيءَ وارن ڏينهن ۾ رائيٽن کي وري ورچي پيٺي ڳولي - جڏهن سياري جي اوم اساڪڙيءَ ۾ اڱڻ ۾ ويٺا هوندا هئاسين. ڪڏهن اونهاري جي گرمين ۾، جڏهن ٽنڊيريءَ هيٺ جو مهوٽو ٿي لڳو - اسين ٽنڊين ۾ اڇين چادرن هيٺان ستل - رات جو دير تائين تارا ڳڻيندا رهندا هئاسين ... ...

ننڊپڻ جي اهڙي واندڪائيءَ واري سمي جو ويچار ايندي ياد اچي ٿي منهنجي ٻالپڻ جي سهيلي هري! گڏ اسڪول ويندا هئاسين - گڏ موٽندا هئاسين.

هري مهني کان بيمار هئي - اسڪول نه هلي هئي. هڪ ڏينهن مان اسڪول مان موٽيس ته اميءَ چيو مٺي وڃي ڏسي آءُ، هري اڄ مري ويئي آهي. تون سندس گهر ۾ اندر نه وڃج. هريءَ کي خراب بيماري هئي، اُنجي اڳيان نه وڃبو آهي ... ...

اهو سڀ امي ڪساهي چئي ويٺي پر جا ڳالهه مولکي سمجهه ۾ نه پئي آئي سا هئي، ’هري مري ڪيئن ويئي؟‘

ڪتاب رکي مٿي وڃي ڪٺڙي وٽ بيٺيس.
هوري کٽ تي سمهيل هئي. هيٺان لهي اٿي، هر روز
ڪيس سڏ ڪندي هئس هوءَ ڪتاب کڻي، ڊڪندي
ايندي هئي. پر اڄ هوءَ کٽ تان اٿي اچي ڪين.
ڪيئن ايڏو رسي پيئي مون سان؟ سندس ماسي ٻرتي
ٻيٺي هئي، پاڻ به ٻرتي ٻيٺو هو. پوءِ ته شايد رڙ به
هئي. پر کيس نه رلو ڪين ٿي. ماءُ جي مرڻي
چاليهو هئي ... اٿيون ڇو؟ پر هوري ڇو مري وئي؟
'ڇو مري وئي منهنجي ساهيڙي؟'
مان سڏڪندي، فراڪ جي پوي سان اکيون اگهندي،
همٿ لهي آيس. وڏي اَما شايد اميءَ کي ٻڌائي رهي
هئي. ''ليلي ماءُ جون پلي ٻيون به ڌيئر آهن، پر هوريءَ
جيڪا ماءُ جي مرڻ کانپوءِ شيوا ڪئي، سا ٻيءَ ڪنهن
به ڌيءُ ڪانه ڪئي.''
مان ڪنڌ پر ٻيٺي فراڪ سان اکيون اگهي رهي
هئس. اميءَ وهاڻن جون ڇٽون پٽي لاٿيون. اَما کي
چيائين، ''زيادتيءَ کي انهيءَ ماءُ جي شيوا ئي لـه
نهوڙي ڇڏيو. ڊاڪٽر وري سڀني کي چئي
ويو هو ته ماءُ کي وچڙندڙ بيماري آهي. توهين انهي
ڪپڙن کي به نه ڇهجو ... ''
اَما ڳالهه جو پوڳهه پاٿيندي چيو، ''هوري ته روز
ماءُ جا ڪپڙا کڻي وڃي اُن هيٺان ڌوئي وهندي هئي.

رنگيءَ جا رنگ به ڪهڙا ڇٽڪڻ! نياڻيءَ کي هيڏيءَ
هيوا جو ڦل ۽ اهو ملهيو جو نه ماڻيائين ۽ ڇوريائين،
وڃي سمنڊ ڇولن ۾ سڪي ٿي .. "

مون سڏڪن کي ڊ ٻاڻڻ لاءِ فراڪ جي ٻريءَ جو
ڪنڊو ٽڪر وات ۾ ڏ ٻائي ڇڏيو هو. ٻر اما جي هن
ڳالهه تي اهو ڏيهل ٽڪر ته وات مان نڪري آيو ۽ ٻر
هڪ اوڪارو ته سيني کي چيرڪائي ويو ..

آميءَ اچي مونکي ٻاڪڙي پاتي، "ٻت روئبو ناهي.
ٻاڻ ٻرارٿدا ڪر ته هنڙيءَ سنيءَ ڇوڪريءَ کي ڏل
سرڳ ۾ آستان ملي."

هري ٻراٻر سنې هٿي سماري جي اس ۾ ٽپهڙيءَ
جو پکڙن هي ٻري ٻري اڳهان رکي، ويٺا چٽن چادرن
تي ڪشميري يا ڪنڊيءَ جا گل ٻرهندا هئاسين.
هريءَ جو ٻرس اهڙو هوندو هو - جهڙو چانڊو.

اونهاري جي گرم راتين ۾ ڇوت تي وڃي
سهمندڙن هيوسين. وڏو هاڪي ڇوت، مٿان تارن
ڀريو آسمان ...

تارن جون کهاڻيون ته ڪتڪ جون ٿي ڪين هيون.
ڪهڙا ڪهڙا چڱا ماڻهو، ڪهڙا ڪهڙا مٺا ماڻت،
گذاري ويا هئا. انهن جا اسالا ڪٿي چوندا هئاسين،
فلاڻو هو تارو هوندو، فلاڻو هوءَ تارو هوندو ... ؟ اوچتو
ڪو ٽٽڙ تارو ڪرندو نظر آيو ته ڪروندڙيون ٿي

چونداسين ٻابا! اهو ڪڏو سوٽ آهي. ڪو ماڻهو موٽ وارو آهي. ڪهڙو آهي هي مـــرڻ جـــو ڊپ! ڳڏجي چونديون هيوسين. "ڀڳوان اڄ ڪنهن کي نه مارجانءِ."

هڪ ڏينهن برسات جي پاڻيءَ ۾ ٻڏندي اسڪول مان موٽي رهيو هيس سين ته هريءَ چيو، "ڪالهه ڏان منهنجي ماءُ بيمار ٿي پيئي آهي." چونـدي چوندي سندس آواز گهگهو ٿي ويو.

مون سندس رستو روڪي، ڳل تـــي هـٿ ڦيرائي چيو، "نه رو هري! گرو ٻابا کي چئي، جلدي چڱائينديس. مان روز چنڊ ڏي ائين چوندي هئس چنڊ! امـيءَ کي چڱاءِ ته امي اٿي، اچي ٿيي، نه منهنجي ماءُ چاڪ ٿي وئي!"

"نه مان وري گروءَ کي ڇو چوان؟ مان ته چنڊ کي چونديس. ٻر منهنجي ماءُ کي ته مون ئي بيمار ڪيو آهي. مون لڪائي لڪائي ڪينس ليل جي الڙي کارائي مرچائي گيانتنا کارايا."

"چري آهين ائين ڇو ڪيو تو؟"

هريءَ جي اکين مان نير جي ڌارا جاري ٿي وئي. هريءَ ڇو ڪيو هو ائين، اهو اما وڏيءَ جي ڳالهين منجهان مان خود ئي سمجهي وئي هئس. ٻـــ چـار ڏينهن اڳ اما وڏيءَ چيو هو، "هريءَ ويچاريءَ جي نصيب ۾ مائيءَ نڪر ته ڪولهي. نيـاڻـيءَ اسڪول

مان اچي انبري سان ٻہلوڙي ويٺي ڪاڏي. ڇيوماس، چلهڻ ڇڪي! ماليءَ ٻہ ڦلڪا اٽي پچائي ڏنائين، ته ڇوريءَ رڌڻي مان آٽي جو ڏبو ڪڍي اچي ڏيکاريو. سڄو ڏبو اگهيو پيو هو." امان جي اها ڳالهه ٻڌي مان زوريءَ زوريءَ هري کي پنهنجي گهر وٺي آيس. پر اميءَ اها جا نهار وڌي مولتي جو اصل گنهگار پٽي سمجهيم پاڻ کي. هريءَ ٻہ اها نهار ڏٺي. ڪن وت چيائين، "مولڪي ٻپ تو لڳي مان بابا وچان تي گهر."

مون صندل تي ڪاڏو پٽي ڪاڏو ... اميءَ جي نهار ٻر هاڻي نومي هٿي چيائين، "هريءَ ڪي پاڻسان ڪلهه ئہ وني اچج."

ڇو پڇڻ جي همت ڪانہ هٿي. پر ڳڻي همت ٻر ؟ منهن اميءَ ڏي، شايد سچي سوال جي نشاني ٻڻجي پئي هئس مان.

اميءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، "غريبن جو پيٽ پچوان ٻہ ئہ پري سگهي، سو اسين ڪهڙي ٻاغ جي موري آهيون؟"

ٻال هردي ٻر سڏڪو ڏٻجي ويو. اما وڏيءَ ٽوروڻي پولي ويٺي ڪاڏو، چيائين، "سڌو ٽي ٻڌائين ڏيءَ کي ته هريءَ جي ماءُ کي ڪهڙي بيماري آهي، انهيءَ گهر جو ڪو ٻہ ماڻهو بيماريءَ کي ڪٿي ايندو آهي گهر ٻر!"

ٻن ڏينهن کانپوءِ "اُما وڏي! اُما وڏي اسانجي ماءُ مري ويئي."

هي هريءَ جو ڀاءُ هو. انهن ٻئي اڳو ماءُ شايد ٻئي ڪنهن جي مٿي هئي. ڏاڍو پڪيءَ دل وارو هو. رڙائين اصل ڪين پئي.

اما وڏي جڏهن سو ڳان ٿي موٽي ته هيمت ڏاڪڙ وٽ ٻيهي اچيءَ کي سڏ ڪري چيائين جلدي پاٽي ٺهڪائي وٺ ته ڪپڙا ٻوڙيان. مان ٿڌي پاٽيءَ ۾ ٿي هيمت لهي ملي ٿي اچان ...

رات جو چنڊ نڪتو ته ڏاڍو گهوماٽيل هو. وري وري ڪو بادل مٿس اچي ٿي ويو ۽ چنڊ ۽ ٻار جي اکه مٿان لڙڪيل وارن جي ڇڳه جيان انڌڪي ڇانئو ٿي ڇڏيو. هريءَ جي 'ماءُ مري ويئي' اهو جملو وري وري منهنجي ٻال هردي ۾ ڪڪرن جي گجگوڙ تي گهٽين گهوٽن ۾ ماڻهن ۽ جانورن جي ڏکڻ ٿيڻ جي حالت جو احساس ڪرائي ٿي ويو.

ٻوري ڏينهن منهنجي ڪانپوءِ هري ۽ وچي ماءُ سان ملي. وري هڪ ٻيرو مٿي چوٽ آسي وچي چنڊ کان پڇيم "چو ته چاڪ ڪيءَ منهنجي ساهڙيءَ کو؟ چنڊ ٿوکي سچي ٻئي جي دکه جي خبر اصل ڪالهي. مان هتي چوٽ لي اڪيلي اينڌي ڪيترو ته ٻچان ٻيٺي.

منهنجي هريءَ کي چاڪ ڪرڻ ها ته مونکي اول ڪنهنجي پرواهه ٿي ها؟“

پر واريءَ مسجد ۾ ملي آخري بانگ ڏيڻ شروع ڪئي. مان ڊڪندي ڊڪندي ڏاڪا لهندي جلدي هيٺ لهي آيس. ماءُ جي پرسان وڃي ويٺس. سندس ململ جو رئو ڇڪي پنهنجي منهن اڳي ڪٽي رکيم.

”اڙي تون روئين پئي ڇا پڳلي! اباڻي وڃي سگهي ٿي. ويچاري ماءُ ڪالسواءِ ڇڏي ڇوري ٿي پوي ها، ڪڏهن مڱائيس ها، ڪڏهن پرڻائيس ها. گهر ۾ هئي نه ڪوڙي ڪوڏي به ڪانه. گوپي نه وري به سهڻي آهي سا به سندس پرڻيل پوڙ رکي ان ڏيو لاءِ ڪٽيس ها ته اڄا به الاجي ڪهڙا حال ٿين ها ...

اڄ وري زماني ڪالهوءَ هن گيت اهي فرصت جون واٽيون ۽ ڏينهن ڳولڻ شروع ڪيا آهن. ان گيت وچڙيل ميمڻ، يادن جي سنسان مڪان ۾ آٽي ڪڙا ڪيا آهن...

ڪير ڄاڻي اڀ ۾ ڪهڙو تارو ٻڻجي پئي هوندي منهنجي هري!

# رڃ جو درياهه

جلسي لئي بلڪل سهڄ سڀاءَ گڏجي ويو. پنهنجي ڪيسي مان پاڻ کي ڪارڊ ڪڍي منهنجي هٿ ۾ پڪڙائي ڇڏيو هئائين. ”ست سال گڏ پڙهيل دوست، اٿئين منهن ۾ ٿورائي سڪ پوري ڪري سگهندا سين، فرصت وقت هلندو اچج ۽ پنهنجن شعرن جي ڪتابڙي ۾ کنيو اچج.“

”اڄ ڪتابڙي منهنجي هٿ ۾ آهي؛ پر ڪلاڪ ڳاڻ هن بنگلي جي ڪمري ۾ قيد ويٺو آهيان.“ اهي اکر لکي، وري هڪ ڀيرو سورج صاحب کي اوڪر هڻان چپن موڪلي ڏنم.

بس چمتڪار ٿي ويو. خود سورج پاڻ هلندو آيو بنگلي ۾. سندس هٿ جهڙي منهنجي واري شاهي هيري ٿي جو اس جو ٿورڙو پيو ته سڄيءَ بنگلي ۾ اندر اٺ ئي رنگ ڦهلجي ويا. پاڪر پاڻي ڇپائين، ”رام تنهنجي پاپيءَ جو ڏوهه آٿي. مونکي تنهنجي اچڻ جي خبر ملي ها ته توکي هيئن يڪدم نه وڃهي اندر ڪٽي وڃان ها. تو دلدار جو نالو پساد ايندئي ڦلجي ۾ ٽيون ڏينهن شروع ڪندو آهيان نه ها ڪي ته

ننڍڙي ٻاٻيءَ منهنجو دوست وڇوڙي ڇڏيو. هاڻي
هيئن ڪر، تون ٻاٻيءَ وٽ وڃ. مان پنهنجي ٻارنڍڙ
کي ايئرپورٽ تان وٺي اچان ... "

مان آچا دوست سورج جي چمڪي جي اُٿر کان
ٻاهر ٿي نه سگهيو هوس، جو ڏٺم، نوڪر مونکي
سميتا ديويءَ جي اڳيان هلي ٻيهاريو آهي. خبر ناهي
ڪيئن پندرهن سالن جي عرصي، سميتا جي شڪل
۾ پنهنجو هڪ ٻيرو به نه ڇڏيو هو! مان هٿ جوڙي
اٿيس ته ٻيٺو ٿي رهيس. هوءِ ٻهرين تي، مونکي
ڇاچيندي رهي. پوءِ کلي چيائين "ها رام! هتي جا
حيدرآباد وارا سگهتي! اڇو اچو وهو ۽ ٻاٻا اڳيان
هلندي هلي، مان جڻ ڪنهن جادو تي تار ٿي سندس
پٺيان گهليو ويس. ايترو امپراٽو ڪمرو هو ندو، سو ته
مون سڄي عمر به نه سوچيو هو! ايئرڪنڊيشن جي
هلڪيءَ ٻدٻوءِ ڪري، ڪنهن عجيب خوشبوءِ سان
ماٺ ڪيو ويو هو. هڪڙو چندن جو چورس ننڍڙو
صندل رکيو هو هڪ ڪنڊ ۾، سميتا مونکي انتي
ويهڻ جو اشارو ڪيو. سڄي ڪمري ۾ ٻيو ڪٿي به
ڪا ٽيڪ وارو ڪوچ يا ڪرسي ڪانه ٿي نظر آئي؟
پوءِ به هيءَ سڄڪمد مونکي ٺي ملي. مگر هاڻي خبر
پيئي ته سڄي ڪمري کي جا چندن جي خوشبوءِ معطر
ڪري ويئي هئي سا هن تخت جي انگ انگ مان ٿي

ٻاهر نڪري رهي هئي. سنيتا منهنجي پرسان ٿي هڪ موڙي تي ويهي رهي. نوڪر هڪ ٽپائي سجائي، ٿورو سڪو ميوو بسڪيٽ ۽ پاڻي رکي ويو. هڪ گول دٻو به رکي ويو. سنيتا جي هٿن ۾ ڪابه منڊي مٽيو ڪين پيل هو، پر جنهن وقت هوءَ ڏوڏيون چاهي، مونکي ڏيندي پئي ، ويئي، تنهن وقت ائين پئي لڳو ساڳيو سورج جي منڊيءَ واري سٽ رنگ شعاع هر هر ڪمري اندر ڦهلجي پيو وڃي. ”هيءَ آڇا گلابي هٿ ڪنهن خ.د ڏي هيرن جي ڪاڻ مان نه ڪين نڪتا آهن؟“ مون تڪلف ڇڏي سندو سنيتا کان سوال ڪيو.

هن ڪلي ڇيو، ”تو هين نه آهيو پاڻي شاعر ماڻهو، ضرور ائين ئي چوندا، ٻهرحال نه ٻڌايو توهين اسان جي شاديءَ وقت نه حيدرآباد ۾ هئا، پوءِ هيڏا سال ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟ ڪهڙا ٻار آٿوَ؟ دوست ڪنهن خط پٽ چوڻ لکيوَ؟“

آڙي آڙي آڙي - يڪساهي هيترا سوال؟“

خير اهي هيون واقفيتون، ٻواڻن دوستن جون ائين حالتن سان. پــر مونکي جــو ٻڌهنجي نالي سوراج صاحب وٽ نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، سو هن والو منڊل ۾ ڳالهه ڪيئن ڪيان؟ وڏي ڳالهه ته هن سيٺ واري محل ۾ اچي مولڪان نه ٻڌهنجو سڌاري پڻ

پلجي ويو هو. ڪاش مونکي ملڪ جي ورهاڱي وقت ڪوئي ٻڌائي ها ته ماڻهوءَ کي وري وطن لاءِ هڪ وڏي شهر يا راڄداريءَ ۾ اسي ٺڪاڻو ڳولهڻ کپي. ليڪن پــوءِ مهنجا شعر انهن جنم پائڻ کـــان مرن وٽ؟ ..

ڪجهه ته چئجي پر مهنجي هيءَ ملاقات بلڪل اَجائي ويئي. نديءَ کي جڏهن ســـورج ۽ سڀيتا جي مهلن ماڙين جون ڳالهيون ٻڌايم، تڏهن يڪدم واٽ تي همت رکي چيائين، "وري نــه وڃجو انهن وٽ. اسين جوڳ پوري ئي سڌا آهيون. اسان کي پاڻ جي جو تيڙو ئي ڪونهي. مهنجي دوست کي ڇڏي وڃجي زال جي اَرداسيءَ ۾! ڇي ڇي. پاڻ سان گڏ توهان کي ٻه ايئرپورٽ تي وٺي وڃي ها ته ڇا ٿئيس ها؟"

ان 'ڇا' کي ته مون ئي ٿي سمجهو نديءَ کي ڇا سمجهايان؟ مهنجي همت جي منڍي تــه پيرن جو بوٽ ٿي وڳو پئي لڳو. شڪل تــه مــون آرسيءَ ۾ ڪانه ڏٺي پيئي، پر جيڪي اسين ٻئي دوست پاڻ ۾ لڳندا هئاسين، سي شايد هاڻي ڪجهه ٻــه نــه لڳندا هجون. ڪٿي هوءَ اوچو مٿي عرش ۽ ڪٿي مان هوس پورو مٿي پوُن ... ڇي ڇي هي پسند خيال ۽ هڪ شاعر وٽ! شاعر آهي تصور جي دنيا جــو سمراٽ!

”خودي کي ڪر بلند اتنا ڪ خدا بندي سي خود
پوڇي بتا تيري رضا ڪيا هيءِ“ ...

‘محض ٻڪواس ڏيڻ لاءِ ڪوهه جي پاڙيءَ ۾
ڦوڪجڻ ڦاٽڻ واري شامت ... ’

هي خيال ڏيندا ورونڪڙ سورج جو آڌر ياڪر ۽ سنيتا جي ننڍڙي ۽ سونهن، خبر ناهي ڪهڙي ڪهڙي چيز هئي، جا مونکي ڇڪيندي وري به هن جي در تي وٺي وئي. ٻاهرئين ڪمري ۾ ائين پهچي اَچانڪ پير مونکي لاءِ مجبور ڪرڻ لڳا. ڇو ته ‘مان هن ماڻهن کي اهو ٻڌائيندس ته مان فقط ماڻ لاءِ نه آيو آهيان پر نوڪريءَ جي غرض ڪٿي آيو آهيان اهڙي خيال اچڻ سان. ڇو بدن ٻکهر ٻکهر ٿي ويو.’ پر، ”صاحب ۽ مائي گهر ۾ ڪونهي.“ نوڪر جي ڳالهه مونکي شانتي ڏيئي ڇڏي.

اوچتو گهر اندران ٻه پريون نڪتيون ۽ ٻاهر باغيچي ۾ پهچي ”ڊرائيور! ڊرائيور!“ جي رڙ ڪندي وڃي فيروز رنگ جي هڪ ننڍڙيءَ موٽرڪار ۾ ويٺيون. ڊرائيور آيو ۽ چيو ”ڊانس ڪلاس جانا هي؟“ ڇوڪري اڙامي ڪٿي ويو. هاءِ ڙي مان! .. سندن پيءُ جو جگري دوست! مون ڏي نظر ٿي ات، پيتن! تنهن ڏينهن سنيتا ساڻس سياڻپ ۽ ڪرائي هئي پر شايد مان ٿي ائين ڪنڊ ۾ ٿي بيٺو هوس .. اڪري .. ۽ ياد

اڇي پنهنجي ڪڪي اندائي. ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهيان ما! مونکي هڪ شاديءَ لائق ڌيءَ به آهي!!

اڄ ڪلهوڪي ڳالهه آهي مان ۽ سورج ڦليليءَ ڏي وڃڻ لاءِ صبح جو اٿي هٿن منهن ڌوئي ٻرڻ وانگر اڌم مچائيندا، ڦليليءَ تي اڪري ويندا هئاسين. ڪاٿي جوابداري ڪالهه هئي ۽ هيڏي جوابداريءَ هيٺ سڄا ڪاما آئي جهڪي پيا آهن! ٻير ٻير ۾ ڪري موٽي رهڻو هوس، جو اوچتو ٻنگلي ۾ سڄيتي اچي ويٺي. اٿين محسوس ٿيو ڄڻ جهڪي سورج مکي گل، سورج نڪرڻ سان مٿي منهن کڻي بيٺا. سڀئي نوڪرن کي اڪٿو اڪٿو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندو ڏسي مان ٿم ٿي ويس. ڳالهه ڇا هئي، جو هنن کي پنهنجي صاحب جي موٽر جو هارن سڃاتل هو، جنهن ڪري سڀ ڪڙا ٿي بيٺا، مگر مونکي ته هنن جي ڇرڪ جو ڪارڻ تڏهن سمجهه ۾ آيو جڏهن ڦاٽڪ مان موٽر کي اندر گهڙندو ڏٺم. سورج لٿو ته سندس پٺيان هڪ ڪرسچن ڇوڪري به لٿي جنهن جي هٿ ۾ ڪي پئڪيٽ هئا. انهن ته سورج جا هٿ به خالي ڪانه هئا. هڪ به پئڪيٽ سندس به هٿ ۾ هو. ڪرسچن ڇوڪريءَ لهندي ئي ٿورو پريرو بيٺل پولوءَ کي سڏيو ۽ ڊڪيءَ مان وسڪيءَ جو ڪوڪو ڪڍڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ هال جي ٻاهرئين در کي ڪنجيءَ سان کولڻ لڳي. ان وچ ۾ سورج مونسان

هٿ مليو ۽ چڪي اندرئين ڪمري مان لنگهي اندرئين پاسي ڪان ئي هال ۾ ولي هليو، جتي ڪرسچن روزي، گلاس ۾ برف ۽ وسڪي وجهي ڪاجن باداميون ۽ چيز لڳ، جو پليٽون رکي ويٺي هئي.

مون هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چيو، ''پاپي ڪٿي آهي؟'' 'هو نڊي ائي ڪٿي' چئي سورج وسڪي ڪنئين مونکي هڪ گلاس پڪڙائي ۽ پاڻ ڪٽي ڪرائي پيئڻ لڳو. ڏيري ڏيري جهونيون يادگيريون دهرائيندي دهرائيندي هڪ عجيب ڳالهه تي پهتي ويو..

''هيءَ تنهنجي پاپي آهي نه، هتي اچي ڏاڍي لکي ٿي پيئي آهي.''

''اڇا!!''

''ها پاپي ڳالهه ئي نه پڇ. هاڻي هيءَ ويچاري روزي، ڪيس ڇا ٿي ڪري؟ مڙس نه مان سندس ئي آهيان. ڪير به مونکي ڪالنس ڪسي ڪال سگهندي ...''

منهنجو ساهه اندر ئي اندر رڪجڻ ۽ گهٽجڻ لڳو. هي آهي منهنجو سورج! ڇا اهو ساڳيو سورج آهي؟

هاڻي سورج جي اکين ۾ لالي ۽ منهن تي خنڪي هئي. اک پٽي چيائين، ''آخر هنن ڇوڪرن کي به ته روزي کپي...''

”يعني؟ ... انهيءَ جو مطلب آهي روزيءَ جهڙين ڇوڪرين کي؟ ...“

”ها ڇو، نيڪ آهي ڇا؟ ... حقيقت ۾ چاهي ته سڀيتا کي ڪم ڪو به ڪونهي. اجايو ويهي ويهي ويٺي پور پچائي. ورڻي اولاد مان به ڪين ٿيو. وڏي ڳالهه ڪئي آڳا ١٤ ورهين جي هئي ته ضد ڪري ويٺي ته مونکي پارسي ڇوڪري سان شادي ڪرڻي آهي. مون ته چيو زهر ڏيئي ڇوڪريءَ کي ٿي پورو ڪري ڇڏجي. اڄ هوندي ٻانس نه وڃدي ٻاسري!“ ...

سورج جون ڳالهيون هاڻي منهنجي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هيون. ڪنن ۾ آڱريون وجهي چيم ”اولاد لاءِ ڪوئي پيءُ ائين به چئي سگهندو آهي؟“

”اَڙي اولاد؟ خبر اٿيئي ڪهڙا ڳل کلايا اولاد؟ شاديءَ جي چئن مهنن کانپوءِ سڌي واپس اچي هن گهر ۾ ويٺي ... ۽ ماڻس؟ ... بس وساڻل ڏيئي جي به وٿ ته هوندي، هن زال جون ته جڙ پاڙون ئي سڙي ويئون.“

سورج جي اکين ۾ لڙڪ شامل ٿيندو پئي ويو. ائين پئي لڳو شايد ... شايد روئي به وجهي. ان مهل روزيءَ چيو، ”توهانجا دوست ته اچڻ کان آيا آهن، خون ڪريان؟“

”نه، اڄ رام آهي ته سڀني دوستن جي ڪمي

پوري ٿي ويئي آهي.“ سورج جا لفظ ٿـوارن ويئائي رهيا هئا ... هو اٿي روزيءَ جـي ڪمـوسيءَ پڌيان وڃي اڀئو ”روزي! تـون بلڪل ٺيڪ آهين نہ؟“
روزيءَ چيو، ”يس باس.“

”ناهين! هون ناهين ناهين. آيـي بـاس ناهين.“
سورج هيٺ سان ڪنهن تصور جي غبار ڪـي هٽائڻ لڳو. مان اندر ۾ ششدر، سگريٽ جـي پڇاڙي پير سان چٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿيس تہ هال جـي در وٽ ڪنهن جاوي جو احساس ٿيو. ڪنڌ مٿي ڪٽي ڇـا ڏسـان سنيتا! بلڪل ٿـي آپسرا جيان ٻرواجمان!!!
سورج جي بہ نظر ان طرف ويئي چيائين، ”هلو سنيتا! هلي اچ هڪ پيگ ٻيو آهي باقي ...“

سنيتا اندر تہ اچي ئي رهي هئي، پـر اٿين چڱ هنن سيٽي چيڻ، ويندي مائٽن سان بہ هٿجو ڪوئي لاڳاپو ڪين هو. موليڪي تـہ اٿين محسوس ٿيو جڻ ديو لوڪ کان اچي رهي آهي پير پٽ تي ڪاڻ البس، جڻ هڪ اپسرا ترندي مون تائين اچـي پهتي هئي! آهستي چيائين، ”توهانجو نون آيـو هو. توهانکي گهر ڪونيو آئن.“

مون واچ ڏٺي، ”اوهہ! هيڏو وقت گذري ويو!“
سورج جهومندي چيو، ”گذري نہ، اڏامـي ويـو چئہ نوسمتا!“ مون من ۾ ڏايڪي ٻـي ٽڪي ڳالهہ چئي!

وقت ته سنيتا سان گڏ رهڻ مهل اڏامڻ کپي. روزيءَ سان گڏ رهندي ته وقت اڏامڻ جو سوال نٿي ٿو اٿي، مون ڪجهه شڪجندي پنهنجي اچڻ جو مقصد ياد ڪندي سورج کي چيو، "ڪالهه تنهنجو منهنجي گهر اچڻ جو وارو آهي پاپيءَ کي به وٺي اچ."

سورج ڪوچ تي ويٺي رهيو. "ضرور ضرور" چئي اٿڻ جي ڪيائين. پر اٿي نه سگهيو.

ڊرائيور کي پڇڻ سان گڏ ويندو ڏٺو هـو مون. آخر سنيتا ئي پنهنجي ڪار ڪڍي، مون کي چڙهڻ هاي.

سنيتا ڪار هلائي رهي هئي- مان اُن ۾ سوار هئس. هڪ ڪن لاءِ ائين پئي لڳو، ڳوٺ ۾ پئي چٽا گهوڙي تي چڙهي سرڪاري باغ ڏي سير لاءِ پيا وڃـون ۽ گهوڙي جي واڳ سنيتا جي هٿ ۾ آهي مـان فقط سندس پٺيان ويٺو آهيان ...

"واهه زمانا!" منهنجي وات مان نڪري ويو.

"توهان ڪجهه چيو؟" سنيتا موٽر جي رفتار ڍلي ڪئي.

"نه ... ڪا مطلب جي ڳالهه ڪانه هئي."

سنيتا مرڪي هڪ نهار مون طرف اُڇلائي ۽ وري سٽيئرنگ ويل ۾ ڌيان لڳائي رفتار تيز ڪري ڇڏيائين. ٺاريءَ جي هيءَ نهار، شفقت سان ڀرپور! تڏهن دل چيو جهڪي سورج سان نه سلي سگهيئين، سو اگـو

سنيتا کي ٻڌائي ڇڏين تہ شايد تنهنجي اڄوڪي ڪاهہ سڦلي ٿئي ... مون جهلي چيم "توهين مونکي گهر ڇڏڻ هلو، اها ڇا ... منهنجي خوش قسمتي ناهي؟"

هاڻي موٽر جي رفتار تمام ڍلي ڪري ڇڏي سنيتا. وري مون طرف نهاريندي چيائين، "ڀلا اوچتو ئي مان 'تون' مان 'توهين' ڪيئن ٿي ويس؟... توهانجي قسمت سٺي آهي، ان ڳالهہ سان تہ مان سهمت آهيان."

"مطلب؟" مون تڪڙ ۾ پڇيو.

سنيتا کلڻ لڳي. "'مطلب' تہ ائين ٿا پڇو، ڄڻ مون توهانجي ڪا چوري پڪڙي ورتي آهي."

"تہ ڪِہ پڪڙي اٿئي منهنجي چوري تڏهن؟"

مون پاڻ کي تمام ڪان آجو سمجهو ۽ ڪار جي سيٽ تي ٽيڪ ڏئي ڇڏيم.

هاڻي سنيتا ڪار رستي جي، هڪ اهڙي ٽڪر تي بيهاري ڇڏي، جتي هن ڪار، ٻين ڪارن جي رستي روڪ ڪاڻ تي ڪئي.

آهستي چيائين، "توهين پڇندا، ڪار ڇو بيهاريئہ؟"

"ها" ... مان موٽهاري ۾ نہ هوس ائي "تہ ٻڌام" ...

ڪجهہ مون طرف ڏسندي، ڪجهہ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ رومال کي تهہ ڪندي ۽ اکيون هيٺ ڪندي سنيتا چيو،

”ڪالهه مون ۽ سورج ويٺي هڪ ڳالهه تي بحث ڪيو ...“

”ڪهڙي ڳالهه تي؟“ مونکان خبر ناهي ڇو ڇرڪ نڪري ويو.

”توهان ته بارن وانگر ٿا ڇرڪ پئو.“

مون پاڻ کي ضابطي ۾ آڻي کلي ڏنو.

”سورج ۽ مون سوچيو آهي ته اَنڊيا ۾ جيڪا اَسين پنهنجي ڪنسرن (Concern) سوريه ڏارا جي هڪ نئين آفيس کولي رهيا آهيون اُن ۾، توهانکي پڪي رکي ڇڏيون ...“

مان وائڙو ٿي نهارڻ لڳس. دل ۾ چيم ”اهو ئي ته توهان کان گهرڻ آيو هوس ...“

”اڳلي ۾ ان پراڻي جي هلائيندڙ، مان رهندس، پر ماڻهن مٿان نظرداري رکڻ، سڀ ڪم سنڀالڻ، توهان جي ذمي هوندو ... دل ۾ ڪابه غلطفهمي اصل نه آڻجو، مان توهان جي پاس ڪونه هوندس، اهو منهنجو اَنجام آهي توهانسان. مان اهائي هوندس توهانجي پاڻ کان وڌيڪ جگري دوست جيڪي پنهنجي سڀني ۽ بس ...“

جذبي وهيڻي منهنجي دل اُڇلجي پيئي. مون سندس پٺي هٿ ڪٿي ڪري، پنهنجين اکين سان ڇهائي ورتا.

موٽر وري هلي رهي هئي. مان اکيون بند ڪري، پنهنجي هن اوچتي هٿن کي اکين سان ڇهاڻ واري واقعي لاءِ سوچي رهيو هوس. تـــڏا نرم گلابي هٿ! من چيو، ”آن بولـــت ميري برتا جاني ـ آنند آنند سکھ پايو“ (بنا ٻڌائي تو منهنجي حالت ڄاڻي ورتي ـ ڪيڏو سک مليو آهي مونکي!)

”هاڻي هتان شايد ڏائي پاسي هلڻو آهي نه.“

”ها ها ...“ مون اکيون کولي ڏٺو. برابر ڏائي طرف ئي هلڻو هو، ”بس هن روڊ تـــي پنڄون نمبر بنگلو“ ۽ ڪن ئي ڪار ماسيءَ جي بنگلي اندر پهچي وئي.

سنيتا کي مان گهر اندر وٺي ويس. هـــوءَ ممّيءَ سان هلڪو ٻاڪر پائي گڏي.

”سورج جي زال سنيتا!“ مون ممّيءَ کي ۽ داديءَ کي سنيتا جي سڃاڻپ ڏني.

”توهان سمجهو، مان نـــه سڃاڻندي سانس؟ .. ائين ته ٻئي ڪنهن هنڌ ڏسانس ها ته شايد پڇاس ها، پيلا تون سنيتا ۽ سورج پـرڪاش جـــي ڏيءَ ته ناهين؟“

ٺهڪ ڏيئي سڀ کلياسين.

ممّيءَ چيو، ”سنيپال ته مون ۽ پنهنجي سوٽر جي گهڻت ڪاله ڪئي آهي، هيءَ پنهنجو شاعر مهاشيه،

هو وِلهن جو ٻوڇاري آهي .. پر تون تہ ڏهر کان ڏهہ سال ننڍي ٻڍڙي لڳين!"

ڏاڏيءَ چيو، "ڇٽ پٽ ڇٽ. هن الميءَ کي تنهنجي شاديءَ تي مان اُتي تہ وڃي آئي هئس. تنهنجي سورج کو شاديءَ جو کارڊ ۽ هڪ لمبي چٺي ڪي هئي سکو ۾. وري اِهي سال گذري ويا آهن. اوچتو هاڻي اچي لٿا آهن ممبئيءَ ۾، ڇي ڏاڏي! اسين سورج سان گڏجي آيا آهيون. هيترن سالن کان پوءِ سورج ياد آيو اٿن!"

مون ڏاڏيءَ جا ڪلها لوڏائي چيو، "ايترن سالن ۾ سورج ڪيترو مٿي چڙهي ويو آهي، اها بہ ڪا خبر اٿيئي؟"

"پٽ! چنڊ وري ڪو هيٺ لٿو آهي ڇا؟"

"شاعريءَ ۾ هئن بہ ڏاڍو ڳالو ڪيو آهي، هرڪو سنڌي سنڌس گيتن ۽ ڪلامن مان واقف آهي. پر سڏامو تہ سدامو اُهي آهي ـــ" الميءَ جو مٺهن ڦڪو ڦيڪو ڏسي، مون يڪدم ڏاڏيءَ جي وات تي ڪٽي هٿ رکيو.

راس جو ڪڏهن ڏاڏي منهنجي پر ۾ اچي سمهي، تڏهن پهريون سوال اهو ئي ڪيائين، "تو سڏامي واري ڳالهہ تي منهنجو وات ڇو بند ڪيو؟"

مون کلي ڪٽي کيس ڇاتيءَ سان لڳايو، "ڏاڏي! هن

دوست کان ان پولس موري ڀرتا جاني ..." سنڌس
کن وٽ چيم. الميءَ لڳڏهن مونکي وڌيڪ قرب
ڏيڻي چيو، "ڪجهه ڀڳهار ڀڳهار جي ڳالهه اٿئي؟"
"سچي لڳين آفيس جو منيجر آءٌ مونکي ٿا ڪن."
سڪ جو ساهه ڪنيو نانيءَ، "اوهه، هدا ڀاسو ڏ ڏي
پريشاني ٿي ٿئي. اڄ داديءَ به پڇيو ته ڪهڙا ڏينهن
امڙيءَ ۾ رهڻ جو سوچي آيا آهيو، پيار کان اڪيلا
ٿيندا هوندا موڙپور ۾.

نئينءَ آفيس جي مهورت وقت، الميءَ هڪ شيشي
جي ڪوڻي ڏسي چيو، توهين وهندا هن ڪوٺيءَ ۾...
سچي آفيس مٿان نظرداري ڪرڻ؟"
"ان اها ڪوٺي، سورج جي پوريءَ لاءِ آهي سورج
چوي ٿو سچو ڏينهن گهر ۾ ويهي، "سنيتا پوري ٿي
ٿئي ۽ پوءِ رات جو پيٽي مون سان جهاموٽيون پائي. الڪان
هڪڙي ٻرانچ سنڀالڻ جو بوجه سر کان هولڊس ته
مولڪي ته ته حيران ڪندي."
"اَڇا؟"

نانيءَ جي الهي "اَڇا" ۾ ڇا ڇا سمايل هو، سو
منهنجي دل خوب ٿي جاڻو. گهر موٽڻ تي ناني
ماسيءَ کي چوڻ لڳي، "ڏسو ته ڪودا ڀهاڙ اڪيلا ڇوها."
ماسيءَ ڪڏهن ۾ پڇيو، "ڇو لوڪري نه ملي ڇا
سڏامي کي ڪرشن وٽان؟"

کلندي چيم، ”اهـــا ڳالهه ناهي ماسي! نوڪري نه ملي، پر مشڪري ڪرڻي پوندي، سا به سورج ڪمار جي جوءِ جي نالي ۾ ...“

ماسي ڦٽ ڪري ڪوچ تي ويهي رهي، ڪجهه سوچي چيائين، ”نوڪري وٺي ڪاري ڪتي جي نالي ۾ هجي، تنهنجو ڇا؟ توکي پگهار سان ڪم اهو ته ملندءِ نه؟“

”پوءِ به ڪجهه ملندس ماسي“ کلندي نلديءَ چيو، ”هڪ پوري هوندي شيشي جي پيڙي ۾، سندس ساهوڻ ويندل ۽ هـــي ويچارو شاعري ڪندو ڪين مشڪري؟ مهني ۾ آفيس تي ويندي ٻڌ ...“ الديءَ وڏو ٽهڪ ڏنو.

ڪهڙو شڪي آهي هيءَ ناريءَ جو من! ...

ڪيڏي راس گذري پئي، انهن نه هئي منهنجي نيڻن ۾. هڪ عجيب ماس لڳي ويٺي هئي من کي.

الديءَ رڌڻي جو ڪم ڪار سميٽي، جڏهن مونکي جاڳيل آئي ڏٺو، تڏهن منهنجي شعرن لکڻ جـــي ڊائري کڻي آئي هٿ ۾ ڏنائين.

”اڙي هيءَ ڇو؟“

”لوهين شعر لکڻ جي موڊ ۾ جو آهيو.“

شعر لکڻ جي موڊ ۾ هوس يا نه، اها پـــي ڳالهه هئي. باقي منهنجو آچانڪ ئي سميتا جي ٽڏن گلابي

هٿن کي ڪٽي اُکين ٿي رکڻ وارو واقعو اُڃا به مونکي عجب کان آزاد نه ڪري سگهيو هو.

پنهنجو وهاڻو کڻي تـي رکـي ننڍي منهنجي پلنگ. وٽ بيٺيءَ جو ٻڌڻ ٿي ڏٺايو ته ڪيس پاڻهه. کان چڪي چيم، "ڪيڏانهن ٿي وڃين؟"

"اَڙي بابا اُ-يءَ جو گهر هيڏو وڏو آهي، ڪڏهن نه ڪڏهن روم ۾ وڃي سمهي پوندس. ٻئيءَ ۾ پلا ننڊ ڪٿي ايندي آهي مونکي؟"

المديءَ . و هٿ چهي سندس ساري وجود تي نظر ورائي ڪيس وچڻ ڏنم. جوتپور جـي ننڍڙي گهر ۾ جڏهن رات جـو مونکي شعر لکڻ جـي موڊ هوندي هئي، تڏهن المدي اُکيون پوري جاڳندي رهندي هئي. سندس هن اشڪام قربانيءَ اڳيان مَن جهڪي پيو. ان مهل جيڪو شعر منهنجي هٿ سان لکجي ويو، انهيءَ المديءَ سنيتا عجيب اموني نئون نالو ڪموندني پاڻي اُلي ڪڙيون ٽيون.

سوريه تارا انٽرنيشنل جو ڪم سڄو مونکي نـي سنڀالڻو هو پر ٻه ورين ممن ٻراڄ ۾ مهنو کن ڪم سکڻ ٿي لڳي ويو- آفيس کان موٽندي سورج هاڻ روزيءَ ۽ مونکي ساڻ ڪري، ڪڏهن پڪچر هائوس، ڪڏهن ڪنهن ڪلب وغيره ۾ هليو هلندو هـو. تـو ن ٿي ڏينهن ۾ مان سمجهي ويس تـه سورج فقط سنيتا کي

پاڻ ڪان پوءِ رکڻ ۾ روزيءَ جي ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ رهڻ لاءِ هيءَ سوريہ الٽرشنل کولڻ جو اُتساهت ڪيو آهي. پر دوستيءَ جي وچ جا ناٺي جي ديوار ڪڙي هئي ته دوست کي ڏکيو ڪيئن ڏيکارجي. روزي ته بس ناٺي جي لالچ سبب ئي سورج جو ساٿ ٿي ڏنو. هاڻ موهنکي سڌيتا لاءِ تمام گهڻو احساس ٿيڻ لڳو. پر سورج ئي ته مهنجو دوست هو. من ئي من ۾ ڪيس ڏوراپا ڏيندو هوس ته يار! سچ ڇڏي وڃي ڪوڙ تي پيو آهين.

هڪ ڏينهن ته پڙ پڌرا ٿي پيا. سورج کي روزيءَ صاف صاف چئي ڏنو ته 'تو مهنجو قدر نه ڪيو آهي. مان ولائت ۾ اوڪريءَ لاءِ ٿي وڃان.'

سورج اچي موهن ڳالهه ڪئي ڇي ڏس، پنهنجي حق پٽڻي زال ڪسان وڌيڪ گهرايانس پوءِ ۾ ... ... "

موهنکي وجهه ملي وڃو سڌيتا جو پاسو کڻڻ جو. مون چيو، "اهوئي ته هن خريد ڪيل پانهين جو نڌرو آهي. هن جو پيسٽ پرجڻ جو ئي لاهي."

سورج چيو، "پر بيوقوف ڇوي تــي مهنجي ماءُ کي جاهه وٺي ڏي. پڇيس تنهنجي ماءُ منهنجي ڪير لڳي!"

مون چيو، "دوست اهو ته پارو اڇلي ڏس."

منهنجي من کي پڪ هئي ته هيءَ عورت جنهن ملڻ کان پوءِ سورج کي ڇڏي ويندي.

سورج روزيءَ کي جاءِ وٺي ڏني يا نه، ان کان اڳ ئي مونکي سوريه ڏارا انٽرنيشنل جي سنيتا واري برانچ ۾ وڃڻو پيو.

سنيتا چيو، "مان ته هتي بور ٿي پئي آهيان."
مون چيو "هتي ته ڪم ايڏو هوندو جو بور ٿيڻ جي فرصت ئي ڪين هوندي توهان کي."

"ڪي ائين منيجر مونکي ڪم سيکاريو ڪي منهنجو ئي من ٿو لڳي ڪم ۾. اسان صحيون ڪندي آهيان سي به ايڏا ڪجهه سمجهڻ جي ... خير هاڻ ته توهانجي ڪمپني ملندي ..."

ڇا اهو ڪوئي ڪنهنجي ڪمپنيءَ لاءِ پريشان ٿو ٿئي، ڇا اهو اها پريشاني، پريشان ڪندڙ ڊر جا سڀ پور کولي سگهند ڦهلايو ڇڏي ...

ڳالهه مٽائڻ لاءِ ڪلي چيم، "توهانکي ماليءَ ڪهڙي باغ مان هي گل آڻي ڏنا آهن؟ توهانجي گلدستي مان ڪيتري سٺي خوشبوءِ ٿي اچي! نه ته بمبئيءَ ۾ گلاب جا گل حيدرآباد جي گلن جهڙا سگهند وارا نه ڪين هوندا آهن ...

سنيتا هلڪو مرڪيو. گلدستي کي ڏسندي چيائين،

"هي ته آهن، 'ايور ريڊ روز'، ولائت وارو هڪ دوست ڏيئي ويو آهي."

مون چيائين ته ڏسو، بلڪل اُهي سچا نظر ايندڙ، اوس پنکڙين وارا گلاب هئا! انهن مان شيشي جي ڪٽڻ اندر گلاب جل جي سڳنڌ جو مرڪز پيو ٿي ڪوهو. پر ڪل جهڙي ڳالهه هئي. هتي ته ڪوڙا گلاب رکيل هئا ۽ سورج وٽ به روزي هئي.

سنيتا هڪ فائيل کولي، ڪٽي منهنجي اڳيان رکيو. مان سمنڊ ۽ سورج جي باري ۾ سوچيندو ڪيئن ٿي ڏسي رهيو هوس.

سنيتا اکين جي اشاري سان فائيل ۾ نهارڻ لاءِ چيو.

مار! هتي ته فائيل ۾ مٿان ئي منهنجو تازو لکيل شعر هو "ڪمود! تنهنجا ٿڌا ۽ گلابي هٿ..." هڪ ڊبل مرڪ، ٽهڪ ٻڌڻ لاءِ مک ۾ آتي هئي. مگر سامهون واري ڌر ٽهڪ ۾ شامل ٿيڻ واري آهي يا نه، ان خيال سان سنيتا ڏي ڏٺم ... هوءَ بلڪل گمڀير ۽ شانت هئي. منهنجي کل ته اڏامي وئي. ان جي جاءِ تي هڪ قسم جو ڊپ مونکي وڪڙي ويو.

سنيتا چيو، "ايڏهن هـــن عمر ۾ توهين ڪنهن ڪمودنيءَ کـــي چاهڻ لڳا آهيو؟ توهانجي نندي وچاري ته اهڙا شعر ڏسي دکي ٿيندي هوندي."

مون نڙي صاف ڪري چيو، "ننديءَ اسان شاديءَ کان اڳ ئي، منهنجي هن قسم جي شاعريءَ کي ڏسڻ شروع ڪيو هو. چوندي آهي "ڀڳوان هڪڙي قسم جي مٽي ڳوهي زال ذات کي ٺاهيو. ٻيءَ مٽيءَ مان پرشن کي ٺاهيائين. ــــ سو مان آهيان زناني مٽيءَ مان ٺهيل، ان جو هڪ حصو ..."

ٻئي هٿ هڪ ٻئي ۾ اٽڪائي، ڪاڏيءَ هيٺان رکي، ٻڌي رهي هئي سميتا هي سڀ.

مون ماٿ ڪٽي ڪئي ... ڪن رکي چيم، "ڪجهه تون به ڳالهاءِ."

ٻئي هٿ هيٺ رکي، ڏگهو ساهه کڻي سميتا چيو، "توهانجي ننديءَ جو اهو وچار بلڪل ئي سچو آهي.. ها ساري استري جاتيءَ لاءِ سچو آهي... ليڪن حالتون هر استريءَ لاءِ نياريون آهن. ڪن لاءِ اهو وقت اچي ٿو جڏهن پتي پتني هڪ ٻئي کان ڌار رهڻ لڳن ٿا. ساڳيءَ ڇت هيٺان رهندي به، هڪ ٻئي جي دک سک کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙي وقت عورت جي من ۾ اداسي ڇانئجو وڃي. سڀ سنساري خوشيون ڪيس رڃ جي درياهه جيان لڳن ٿيون .. اهڙي وقت شايد ڪم ئي سندس سهارو آهي."

مان سميتا جي برف جهڙي شفاف وجود طرف ڏسندو رهيس ... اوچتو ئي هن موراليءَ جي مٿان

وري وڃي منهنجي نظرءَ جي صورت. نظرءَ ڪي گهر جي ديگ، پال ۽ رتڙي جي ڪم ڪار، سندس وجود تي ڪارڻ جو هاڪو لهه چاڙهي ڇڏيو آهي. پر اندر ۾ وهندڙ رت جي درياهه جي ڳالهه هن ڪڏهن ڪين ڇيڙي آهي!

ڪلهي چيو سنيتا، "منهنجي اکين ڳولهي لڌل ناريءَ ڪمود تي ته تالاءُ ۾ لڳي ويا ها ... ؟"

مون جواب ڪين ڏنو. اس ان آڪــار ڏي ڏسي ڏسندو رهيس جنهن جي هر انگ مان چاڪات پئي نڪتو. جڻ پاڻيءَ مان سورج پئي چمڪيو ... پــر اندر وهندو پئي رت جو درياهه! ...

ڪيتري دير، سنيتا چــپ ويٺي رهي. آخــر جڻ ڪنهن غبار کي هٽ ـــان هٽائيندي چيائين، "سامهون ڏسو، اوهان جي ميز وٽ، ڪيڏا ماڻهو ڪٺا ٿي ويا آهن."

مون شيشي جي ڪئبن مـــان، ٿورو پرتي رکيل منهنجي ڪم ڪرڻ واريءَ ميز ڏي نهاريو، برابر ڀيڙ ڪٺي ٿي ويٺي هئي.

سنيتا ســـڏو منهنجي اکــين ۾ ڏسندي چيو، "توهين سانتاڪروز برانچ مان هـــن آفيس جي ڪم سکي آيا. هاڻي اهو مونکي سيکاريو ته هـــيءَ ڀيڙ

روز منهنجي ٽيبل وٽ آچي ... مان ڪم ۾ رڌل رهڻ ڱي چاهيان."

مان سمنڊ اڪيلن جي ماٺڪين آندران اٿهيءَ رچ جي درياهہ جو نظارو ڏسي رهيو هوس.

هڪ ڪوتا جو سرو من ۾ لهرائڻ لڳو 'ڪمود تون آهين جل جو ٻرم.'

# هو ليکڪ ڪيئن هو

هو ليکڪ ڪونه هو، پوءِ به ليکڪن جي هر محفل مشاعري ۾ ڪيس ويندل ڏسبو هو. مشاعرو هوندو ته ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا شاعر ڀاڱو وٺي رهيا آهن، سا خبر سڀني کي هوندي. ليکڪن جي سڀا ۾ اڄ ڪهڙيءَ وشيه تي بحث ٿيڻو آهي ۽ ڪهڙا ليکڪ ۽ ليکڪائون ان ۾ ڀاڱو وٺي رهيا آهن سو اخبارن کان پوءِ جي ڪنهن کان پوريءَ طرح معلوم ڪري سگهبو هو ته بس سڀني وٽان.

اُئين ته ليکڪن جي مجلس ۾ شامل ٿيڻ ڏکيو ڪونهي پر تمام سولو به ڪونهي. ڪڏهن نون ليکڪن وٽان (جيتوڻيڪ ڀاڳ کان اڳين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ هوڪو لڳون ئي آهي) ڏاڍا عجيب قصا ٻڌبا آهن. ڪو چوندو آهي مون ته ٻارهان مهينا دل ئي دل ۾ پرارٿنا پئي ڪئي ته شل ڪو ليکڪن جو سنگ ملي. ڪو چوندو مونکي هڪڙو سڄو آلبم ليکڪن ۽ ليکڪائن جي فوٽن سان ڀريل آهي. سڀني هٿين سڄو وڏو شاهي ڪبٽ ليکڪن جي ڪتابن سان ڀري ڇڏيو هو. ليکڪ ديوتائن جي سنگ ملڻ لاءِ ڀي به

هڪ اُپاسنا ڪٿي هئائين، هڪڙو وڏو ٿُلهو سيٺي سان لکپڙهه جو به رکيو هئائين. وٽس جدا جدا شهرن مان جدا جدا قومن جي ماڻهن جا خط موجود هئا. سمپادڪ کيس پنهنجون مخزنون وڪڻڻ لاءِ لکندا هئا. ليکڪ شڪرگذاريءَ جا خط لکندا هئا، جي سيٺ ڏ، سيتل وٽان پاتل واڌاين ۽ قدردانيءَ جي ڪارڻ جي موٽ ۾ ني ايندا هئا. ڪي رسڪ هردي، ناريون به کيس خط لکنديون هيون، ڪڏهن ليکڪن جي درشن ڪرائڻ لاءِ، ڪڏهن مشاعرن ۽ ليکڪن جي محفلن ۾ کين ڪارڊ لکي گهرائڻ لاءِ شڪرانا مڃيندي ..

هڪڙو ليکڪن جي محفل ۾ اچڻ بعد عجيب نموني ٿيو. هڪ ڏينهن اچي سندس گهر، ۾ سخت جهڳڙو لڳو. دالان ۾ جيڪو ننڍڙو ڪمرو هو، انهيءَ سيتل جو ٽاڻو ٽڪاڻو هو، گهر جا ٻيا ڀاتي يعني سيتل جي زال، ماءُ، ٻي ڀاڄايون، ۽ ننڍيون ڀينرون؟ ٻي ڀاڱي سڀ اندرين ٽن ڪمرن ۾ گذر ڪندا هئا. ٻاهر ۾ وڙهندا هئا، جهڳڙندا هئا ۽ نهي ويندا هئا يا رات جو ٻي ٻجي تائين پيا رهاڻيون ڪندا هئا. پر سيتل کي ڪنهن سان به مطلب ڪونه هو. زالس ڪيڏي مهل ٻئي ڪمري ۾ ايندي هئي ته سيتل کي جاڳندو ڏسندي هئي، پر يا ڪتاب هٿ ۾ يا کليل اکين ۾ خواب لهندو ٿي ڏسندي هئس. جهڳڙي جي ڏينهن ڪنوار سوڏي سچي فوج

اچي اندرڙي دروازي وٽ حاضر ٿي. هو وعاس ماءُ
ڪڻي، ”آءٌ ٿي چوان ته ٿا وڃن، آڇا اهو قرآن ڪرڻ
مان ڪيالدين ڪين ڪيالدين ٿي ڪين؟“

سيتل ڪتاب پري ڪري مرڪندو اٿي ويٺو.
وڏي ياءُ رڙ ڪئي، ”ائين ڏاڍ ڪيڻ سان هاڻي اما
ڪي ڪونه ڦسلائي سگهندين.“

اوچتي حملي تي سيتل جي مرڪ اڏامي ويئي،
پر غصو ڪين آيس رڳو عجب مان ياءُ طرف ڏسڻ
لڳو- سڄي ميڙاڪي طرف ڏسڻ لڳو- نيڙي پائنئي،
جنهن جي ڳچي ڪٽ ڪان ٿورو مٿي ٿي آئي ٿنهن
همٿ ٿي همٿ اڪاءُ ڪرائي چيو، ”اڄ فيصلو ضرور
ڪرڻو آهي.“

سيتل اهو ته ڪين پڇيو ته ڇا جو فيصلو؟ ڪيس
ته ٻار جي اڌا اهڙو موهي ڇڏيو جو، ٻالڪ ڪي ڪٽي
ڪري ڳود ۾ وهاريائين ۽ سندس ڳل پٽي چيائين،
”اڄ پٽائي ورو ڏاڍو سٺو آهي.“

ٻئين نمبر ياءُ رڙ ڪئي، ”گهر جي مٽي پليت
ڪرڻ وارو ٿون ٿي آهين سڄو ڳالهاءِ ٿيئي هير ڦير
هاڻي نه هلندو.“

سيتل کي ڳالهه نيڙهي نظر آئي. زال طرف
نهاريائين. هوءِ وسي وسي ڏوهارڻ جيان ڪنڌ ۾ ٻيٺي
هئي ... سيتل ڏٺائين، ٻين جا ڳهڙا لال ڇهرا لڳا پيا

آهن، ڪوئي جواب نه پورو ڏيندو اُسي ڪيئن، سو
زال کان اُسي پڇائين، "چنڊ مٺهوري! توکي خبر
آهي؟ ... "

"انهيءَ ڳگدام سان جيڪي وٽل ڪيا اٿيئي سي
اُسانکان ڳجها ڪولهن." نمدي ٻاهه رڙ ڪئي.

سيتل جي مکر تي مرڪ اُماس جسي چمڪ جيان
غالب هوندي به نراس هستي ڪٽي بيٺي، جنڻ پڇي
رهيو هو، "لاڻين؟ سڀ جا سڀ ڏاريا ٻڌجي ويا آهيو؟
ليڪن ڏوهه ته ٻڌايو؟" مگر اهڙو سوال ڪنهن ڪين
ٻروڙيو. هاڻي ماهَ جي هردي اندر ڪن رڳن به شايد،
اڻ چٽل آڪرن، ٻواڏو پاتو. هن سالهه سٽيءَ سان
چيو، "پٽ! گووند جي مائٽي چوائي هڪيسين
چوڪريءَ وادن ڇوائي مڪو آهي، تنهن سيتل جي
ڏيٽي ليٽي ڪونه مليو پوءِ اُسانکان چو تا گهرو!"

هاڻ ڳالهه سيتل جي سمجهه ۾ آئي. سامهيئدو ساهه
کڻيائين، پنهنجي آپي ۾ آيو ته وري اچي مرڪ سندس چپن
تي لڪ چپ ڪرڻ لڳي. گووند ڏي نهاري چيائين،
"ڪٽي زال کي مٽيا نه پانچ. ڏيٽي ليٽيءَ جي توکي
ڪهڙي ضرورت آهي؟"

وڏي ٻاهه رڙ ڪئي، "ءِ وهماٽريءَ ٻيڻ کي شينهن
ڪلهي تون چاڙهيندين؟"

سيتل جي آکين ۾ وچ جهڙو چمڪاٽ ٿيو، چارين

اندر ڪجهه ڇٻاڙي، لفرس مان چيائين، ”شينهن
۽ ته گدڙ ڪاهي چڙهندي. ڪنهن جانور جي ڪلهي
تي ئي چڙهڻو آهي ته ڪهڙو به جانور سواريءَ لاءِ
ڪارگر ٿي سگهي ٿو.“

وهيانوري ڇوڪريءَ جي شڪل ڏاڍي وڻي. هوءَ
اُتي ٻاهر هلي ويٺي. سيٺ پيرون گهجائي چيو،
”هونءَ ته هر ڳالهه لاءِ پيارا پاڻ جو رت لڳائيندا
آهيو، هيئر ڇو نه ٿا ڇڏيو ته هن ڇوڪريءَ جي
پاڻ ۾ هولدو سو ٿيندو.“ ڳالهه ڪٿري به سمجهه
ٻري هٿي، پر واپومنڊل جو ٽيل هو سو ٻادل ڇڏڻ
ٻدا ڪارهن ڪڙي لهي! وڏي پاءُ هنت اُلاري چيو،
”ٻڌ دل! هاڻي تو پاڻ کي ڇڏيو! ٻڌي ٽيو مران؟
اَلا جي ڪٿان تو جهڙو مڙس هن سنٿياڻيءَ جي پاڻ
۾ لکيو وينو هو!!“

سيٺ جي منهن جو پاو ڪڙو وڪ جهڙو ٿي ويو.
ڳوڙها ٻي چيائين، ”مونکي ته لڳي ٿو جيترو پاڻ
توهانجو اَدب رکيو آهي، اوترو ٿي ٻنهجي وڏيڪ
ستيا ااس ڪڏي آهي. مون ڪيس پڙهائڻ چاهيو،
توهانجي ااڪان ڇوان ڪنهن ميٽنگ، مشاعري تي
وٺي وڃانس، توهانجي ”ٺ.“

”ڪڏب وٺو وينو آهيان پوءِ به توهانکي راضي
ڪري ۽ سگهيو آهيان.“

”آءُ ڪڏهن ڪي راضي ڪرڻ جي مڙسي ٻه هجيئي نه!“

”ٻاٽو گهٽ وڌ ڳالهائڻ کي ته ڳالهائي مـــان ٻـه سگهان ٿو. پر مڇوريءَ سان اُتڪائي توهان ته ٻڌي سان ظلم ڪيو آهي ...“

”ظلم مون ڪيو آهي ... ظلم مون ڪيو آهي؟...“

ماءُ وڏي پٽ کي نِنڊي ڏي اُلر ڪڏو ڏنـو ته وڌي ”ٻچايو ٻچايو“ ڪيائين مڇوري ته بلڪل پرڪي هيٺ پٽ تي ڪري پيئي.

هاڻي سڀني اچي مڇوريءَ کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ... جهڳڙو ٽري ويو.

مڇوري پوري طرح ٺيڪ ٿي وئي تـــه وڏي پاءُ چيو ۽ بلڪل ٺڪن اڪـــرن ۾ چيائين، ”جيڪو پڙهيو ڳڙهيو اٿيئي ســـو هاڻي روٽـي روزيءَ لاءِ ڪم آڻ. ڪتابن سان ڪٽي ڪٻٽ پريا اٿيئي ... سنڌي ٽمپون اُلائي ڪتان ٿـــو خريد ڪـــري اچين، سڄو ڊريسنگ ٽيبل هيٺ ڪان مٿي ٿائين پري ڇڏيو اٿيئي. سنڌي ڳاڻا ٻڌڻ مان ته ڪو پيٽ ڪي لٿو ٿيئي. پوسٽ ۾ خطن جا ڍير ٿا اچن ... اُلاجي ڇورين جـا آهن، اُلاجي ڇورن جا. وڏو سنڌي قوم جـــو پوڄاري پيو سمجهين پاڻـکي ...“

سيتل اڪيون هيٺ هونديئي چيو، دادا! توهانجو غصو ئي بنياد آهي. پاڻ لاءِ تـه هرڪو ٿـــو جيئي

ڏوم لاءِ ٻه ڪجهه ته ڪرڻ ضروري آهي ... اُنهن ته
ڪمايان ٻه وينو ...”

ڇا تو ڪمائين؟ گهر ڏار ڪري وهين ۽ ٻـــه ڏي
ڏڙ نڪراڇي وڃدي ته خبر پئجي وڃيئي ته گهٽي ويهين
سؤ آهي.

هاڻي اڪي سيتل جواب ڏيڻ جـي مـوڊ ۾ هو
اڪي وڏو ياءُ وڏيڪ ٻڌڻ وارو هو. سيتل چپ چاپ
پنهنجي اوطاق ۾ اچي ويٺي رهيو.

مهوري ٻه اوطاق ۾ اچـي ويٺـي. سيتل چيو،
”يلا ڪهڙي پاسي سج اُڀريو آهي. تون تـه رات ڪان
سواءِ هن ڪمري ۾ پير نه رکندي آهين؟”

مهوريءَ دپ واري انداز ۾ چيو، ”مان توهالڪي
پنهنجي گيان ڌيان ۾ لڪندو پڙهندو ڏسـي مڃهاڻ
کين چاهندي آهيان. پر اڄ ڏسان ٿي هتي توهانکي
ڪوئي ڪو نه تو سمجهي. هي نه سڀ دليوي عيش
عشرت ۾ رڳيا پيا آهن. توهانجي اوجـل آتما کي
ڏسي ڪين سگهيا آهن ...”

سيتل پنهنجي زال مان ايڏي سمجهه جـي اُميد
ڪڏهن ڪين رکي هئي. چيائين، ”ته يلا تو ڏلي آهي
ڇا اوجل آتما؟”

”ها چو نه ڏنـي اُلـر.” هاڻي مهوريءَ جـي
ڳالهائڻ ۾ دپ بلڪل ڪين هـو. چيائين، ”هلو يلي

ڪٿي به وٺي هلو موٽڪي، مان توهان سان ڪٿي به هلنديس. اسين وڏون وڻيون پهچڻ وڏڻ جو ٻپ ڪريون باقي ننڍي ڪشن جي ڪنوار آئي آهي ته، ڏسو ڪيئن ٿي لون ڪري ڳالهائيس. سڀو ڏيهن ڊارلنگ، اچ هتي هلنداسين، اچ ننڍڙي آفيس ۾ هيٺري لڳي پهچنديس ... پڙهيل آهي ته سو چا؟ سمجهه ته آسانکي به آهي ... ”

”اڙي واه! منهوري! ته وڏيڪ پڙهائي لاءِ رکون ٿيڇر؟“

”ضرور ضرور.“

ان ڏينهن شام جو ويڄهو ٿي هڪ دوست جي گهر لمڪن جي ميٽنگ هئي. سيتل پڇيو، ”هلندينءَ هڪ ميٽنگ ۾؟“

”چيم ته، سرڳ ۾ چاهي نرڳ ۾، جتي به وٺي هلندا آئي هلنديس.“

منهوريءَ سوڏو سيتل، ليکڪن ۽ ليکڪائن جي محفل ۾ پهتو ته ڪنڊ وٺي وڃي ويٺو. ڪهاڻي پڙهائين، انتي بحث به پڙهائين، پنهنجي چڙوچڙ قوم جي انتيءَ ۽ ڳانڍاپي لاءِ خوب جوشيلا ليکچر پڙهائين. هاڻي منهوريءَ کي اشارو ڏنائين اٿ ته هلون. اوچتو هڪ ليکڪ ڪٿي سندس نالو پڇيو.

”سوتل.“

”سيتل؟“ اِس پوءِ چئي ’سيتل سيتل‘ جي لهر لڳي ويئي. هر ڪنهن جي مَن ۾ سيتل سان ملڻ جي اِڇا هئي. هڪ ليکڪا چيو، ”ڏاڍهن ڏوهين آهيو ڇپارسٽم سيتل؟ منهنجون ساهيڙيون چونديون آهن توهين ڪيتريون اخبارون ۽ ڪتاب پڙهائيندا آهيو.“ هڪ سمپادڪ اٿي چيو، ”منهنجي مخزن جون گهڻي ۾ گهڻيون ڪاپيون، پاڻ سيتل ئي هلايون آهن. پر منهنجو نالو توهان ليکڪن ۽ ليکڪائن اڳيان ظاهر ڪرڻ کان منع ڪندو هو.“ هاڻ سڄو آنالو سيتل کي ڏوب پرين انظرن سان ڏسڻ لڳو.

لڳي ٿيندي سيتل چيو، ”جل پريون نسار جون ڪنگريون نه توهين آهيو. مان فقط اها موري آهيان جتان ڪنگرين جو ڪوهه. منجهان آنڊل جل ڪيتن ڏانهن وڃي ٿو.“ هڪ وڏيءَ عمر واري ليکڪ سندس پٺيءَ تي ڏڪ هڻي چيو، ”اڙي واهه! تمثيل ته کهڙي خوب ڏني آٿيئي! تون ته اصل ليکڪن جو ابو، کو ليکڪ آهين! ڪنگرين جو پاڻي ڪيمت آباد نه ڪري ته؟... ڪت کهڙي به اُڇي چو نه هجي، اس وترت ئي وڃي پوءِ ٿو!“

ليکڪائون ته سڀ منهوريءَ کي واڙهي ويئون. سڀني سيتل جي رهن سهن، اٿڻ وهڻ، سڀاءُ ۽ سنگ ساٿ بابت، اينترا سوال پڇيا، جو لڳو ٿي، سڀني کي

سيتل لاءِ ڪا ڪهاڻي لکڻ جو شوق جاڳيو هو.

ان رات سيتل مهوريءَ ســان ڳالهين ڪرڻ ۾ ڪائي ڳهٽتائي نه پئي سمجهي. چيائين، "مهوري! ڪيئن لڳندو توکي مينگهه؟ مونکي ته ائين پئي محسوس ٿيو جڻ ڪوئي سمنڊ جو درياهه اٿلي پيو هو."

مهوريءَ مڙس جو هٿ ڇهي چيو، "ڇڱو جو وٽي هليا مونکي ٻه. درياهه نه سهين، اڌڙاپي ته مونکي ٻه نصيب ٿي."

سيتل هٿ ڇڏڻ واريءَ حرڪت تي حيران ٿي ويو هو. اي خبريءَ ۾ مهوريءَ جي گول ڏڪي ٻاهن کي، ٻنهي هٿن سان ڳوهيندي چيائين، "مهوري! پنهنجي گهر ورن جي هلت، ڪنڊي وانگر ڪين ٿي چڙي توکي! پنهنجن کي بي حساب پئسا ڪمائي ڏي ته واهه، نه ته پنهنجا ٻه ڏاريا ٿيو پون."

ائين سڪ ڏک جا ويچار ولوڙيندي، حياتيءَ جي هڪ بلڪل ئي انوکي رات، ٽڪري ٽڪري ڪري گذاري ڇڏي.

مهوري اڃا ننڊ ۾ ئي هئي، جو سيتل گهر کان ٻاهر نڪري ويو. ماڻهن جا آواز اڃا جاڳيا ڪين هئا، ٿلهن پکين کي پنهنجي ڳلي لاءِ ڏاڍو نماز پئي ٿيو، ڪوئل ته حد ڪري ڇڏي... سيتل جو واٽ جي واٽيءَ، اڃن ڳلن سان سواگت ڪيو...

مونکي وقت سيتل رات جي راڻيءَ جي اڇن گلن سان رومال ڀري ڪري ڏنو. پـر مهوري اوطاق ۾ ڪانه هئي. هوءَ ته ڪڏهوڪـر وڃي گهر جـي ڪم ڪار کي لڳي هئي. سيتل اڄ گهر جي ننڍي ڪمري ۾ گل اڇلي سڳنڌ ڦهلائي ڇڏي.

هاڻي سيتل لاءِ، مهوري، گهر ۽ اوطـــاق وچ ۾ پل ٻڌجي پئي. ڏيڍ سو ڀلڻي ڪم لاءِ هليا ويندا هئا، تڏهن مهوري سيتل کي اهي ٻڌائيندي هئي، فلاڻي ٻار کي راهڙ ڪانهي، فلاڻي کي ڪاٻي ڪانهي، فلاڻي ٻڍيس لـــي روئـو ڪيو آهـي. سيتل هاڻي 'ڏيرم'، 'اندڙو'، 'سهاڳو'، 'ٻيڙ آنڪل'، 'ننـڍو دادا' خبر ناهي ڇا ڇا سڏڻ لڳو.

انهن ڏينهن هت مٺي جـي ڀنيان رکـي ايندو پئو هو سيتل. ڪيس سارو گهر، آهي اندر ٻاڻين جا رونڻا ڏونڻا، گهرجون، خواهشون— هـڪ وڏي نـــاول جـي هسٽري جاگرافي پئي لڳيون. اوچتو هڪ وڏيءَ عمر جو ليکڪ، گهري آيو اوطاق ۾. چيائين، "هاڻي ٿي مونسان هل. ڏورانهين شهر کان ليکڪن جــــي هڪ ٽولي اچي لٿي آهي؛ انهن جي هتي رهڻ جو ۽ هتي جي سنڌي ليکڪن سان گڏجاڻي جو، بندوبست ڪرڻو آهي."

سيتل بزرگ ليکڪ سان پيرن تي هٿ رکي مليو، "سائين! توهين ڇٽا آهيو سڀ ڪم آئي ويندو."

واقعي ٻاهران آيل ٽوليءَ جي رهڻ ڪرڻ جو تمام سٺو بندوبست ٿي ويو. شام جـو پنهنجي شهر جي ليکڪن سان گڏجاڻي رکي وئي تـہ سڀئي مهمان جي اَڳ وچي سيتل ۾ ويٺي.

سيتل اُتي پنهنجي شهر جي ليکڪن ۽ ليکڪائن جي سڃاڻپ ڏني. سندس هڪ ٻولي ۽ چوڻ جو ڍنگ ڏسي، ٻوان آيل ليکڪ پڇڻ لڳا، "سيتل پـاڻ، ڇا شاعر آهي؟"

ٻئي چيو، "ڇيدي ٻولي تہ ڪنهن نـاول نويس جي اٿس."

ٽِهن چيو، "مارا! هنکي تہ هـرهـڪ ليکڪ جـا ڪتاب، العام، ويـنـدي ڪهڙيـن ٻـولين ۾ سندس لکڻين جا ترجما ٿيا آهن، سو بہ ياد آهي!"

هڪڙيءَ ٻاهران آيل شاعرا چيو، "عجب آهـي هڙي سني ساهتڪار جو آسان نـالو تـہ ڇا تخلص بہ ڪين ٻڌو آهي! هوالدو تہ پڪ شاعر. ڪهڙي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ تو هڪ هڪ جي سڃاڻپ ڏني!!"

وچ وچ ۾ ڪنهن سيتل کان سندس سڃاڻپ گهري. هو ٻڌولن تہ 'ٽرسو' ڪندو رهيو، پر آخـر ۾ چوڻهن

پنهنجي سڃاڻپ ڏيندي ڪلي چيائين، ”مان ته آهيان ٻس سيتل؛ ليڪن ته مان ڪين آهيان.“ ٻاهر وارا دنگ رهجي ويا.

# اَلڳ راهون

خبر ناهي ڪهڙيءَ ڪشيءَ ڪڍيو جو سيندرا ديويءَ جي فوٽي کي اُبتو ڪري ڇڏيم. روي گهر ۾ گهڙيو ته يڪدم سندس نظر اُبتي ٿيل فوٽي تي پئي، پڇيائين، "هيءَ فوٽو ڪنهن اُبتو ڪيو آهي؟"

هڪ پل لاءِ سوچيم چوانس، "ٻليءَ ڪيو آهي." ليڪن منهنجي سچ ڳالهائڻ جي عادت! چيم، "مون."

هو چپ چاپ پنهنجي ڪمري ڏي هليو ويو. چپ چاپ چوڻ ٺيڪ نه ٿيندو. پهرين ته مون ڏي ڪڙي نظر اُڇلائين، پوءِ فوٽي کي سڌو ڪيائين ۽ ان کان پوءِ مون طرف بلڪل ئي نه نهاريائين، جڻ مان هتي هئس ئي ڪين. دل ۾ آيم، پنهنجان چئي پڇانس، "سيندرا ديوي اگر تو لاءِ سڀڪجهه هئي ته مونکي هن گهر ۾ آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

ليڪن هيئنر اهو پهرين راس واري ساڳئي سوال جو پيارو جواب نه ملڻو ئي ڪين هو، انڪار ۾ پنهنجي موڊ خراب ڪرڻ مان ڇا وريو! مگر سوچيم پهرين راس به جڏهن هن چيو "سيندرا جهڙي لڳينءَ تڏهن نه ڏنهنجي پنيان پيس." ته به مونکي ڪو اهو

جواب اندر ۾ خاص ته ڪو نه ورتو هو، ان جو ڪارڻ شايد اِجهو سمجهائيءِ ته ڪا به ناري پنهنجيءَ جي نظر ۾ ٻي ناري هجڻ نه چاهيندي آهي ... نه. اهو مان غلط ويٺي سوچيان. هر ڪا ناري ٻي ناري ٿيڻ چاهيندي به آهي پر پنهنجي مرضيءَ سان. سندس پنهنجي ڪيس ٻيءَ ناريءَ جي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ته شايد پسند نه ڪندي آهي. ها اهائي ڳالهه ٺيڪ آهي، نه ته شاديءَ جي ڪن مهنن ڪانپوءِ رويءَ جڏهن مولڪي سيدرا ڪري. ڪاريو ته مان سندس پلنگ تان ٽپ ڏيئي اٿي چو ڪڙي ٿيس... ۽ هن ور ور ڪري سمجهايو ته سيدرا مري چڪي آهي، الله توکي حسد ڪرڻ جو ڪوئي سبب ناهي. پوءِ به مان پنهنجي اندر ۾ سانوڻيءَ جي مور وانگر هڪ ڪڙاهيندڙ آواز چئو ٻڌندي رهيس 'مان مان هجان ڪوئي مولڪي پيار ڪري فقط مان سمجهي سوچيتا سمجهي' ...

هڪ رات تمام گهڻو روئي روئي، مون کيس ٻڌايو ته "مولڪي اڳي تو، سيدرا جي هن فوتي سبب، آسان ٻنهي جي آئوٽ پيار ۾، وار جيتري وٿي پئجي ٿي وڃي."

هن پيري هو ٽپ ڏيئي منهنجي پلنگ تان اٿي ڪڙو ٿيو. سندس اکين ۾ ڪجهه چمڪي رهيو هو "مون سمجهو تو ن به الڪي پيار ڪندين جهڙي ڪي مان پيار

ڪريان ٿو.“ جاچي ڏنم جهڙي سندس اکين ۾
ڇهڪي رهيو هو سي ڳوڙها هئا، جن کي هن منهنجي
اڳيان هيٺ ڪين ڪيرايو ... پوش آخر راجا آهي ؟
راڄ هٺ !...

”روي! ... “ مون هڪ ڀيرو ڪيس ٻڌايان سڏ ۾
ڪيو، مگر ان رات هو اچڻ دوم ۾ ئي لئ...مولڪان...
منهنجي دل ڪان ... ڪجهه ڪوهه ٻوي هلي ويو هو.
هر ڪن مونکي لائين پئي محسوس ٿيو اسين ٻئي
بلڪل مختلف ماڻهو، هڪ ٻئي سان اڻڪي، هڪ
وڏي ٻيل ڪري ويٺا آهيون. هنکي سيدرا جهڙي
ڪلاڪار کپندي هئي. ڪراهت سان ڪڏهن هن لاءِ
”ناچڻي“ چئي رويءَ اڳيان حسد ۾ ڏيکاريو هو اڌم ،
انکان انڪار نٿي ڪريان. پر رويءَ جي غير حاضريءَ
۾ رويءَ کان لڪي مون خود وڃي نوٽيءَ جي ڪلاس
۾ داخلا ورتي. ان ڳالهه لاءِ مان ڪهڙو نئي ٻهانو ٻـاڌ
کي ٻڌائي سگهان. منهنجي من جي سڀل ويچار هڪ
وار انجو جواب مونکي هيءُ ڏاو، ته سويتا! تون خود
سيدرا کي پيار ڪرڻ ٿي، ڇو ته تو اسڪول ۾ ڏاٽڪ
کيليا، رڪارڊ وڄائي تن تي ناچ ڪيم، شايد تنهنجي
اندر ۾ هڪ ناچڻي ڪلاڪار جو روح لڪل آهي،
جنهنڪري رويءَ ٻهرائڻ رات چيو هو ”تون سيدرا
جهڙي لڳينءَ انڪري ته تنهنجي ٻنهان ٻيس ... “

ليڪن جڏهن مهل هـُـن سيـڊرا جي اُبتي ڪيل تصوير سڄـتي، ڪري ڪڙي نظر اُڇلي ٻئي ڪمري جو رخ رکيو، ان مهل جيءَ چيو، "اها سيڊرا اَڄ جيئري هجي ها ته سندس خون ڪري وجهان ها ..."

ليڪن منهنجي زندگيءَ کي زهر ڪرڻ لاءِ اِيترو ئي ڪوٽو نصيب ڪافي نه هو. هڪ ڏينهن رويءَ اچي چيو، "آشا ديوي آئي آهي. اَڄ رات ڪويتا پاٽ جو پروگرام هتي گهر ۾ رکيو ٿمانس."

"آشا؟ ڇپي! ڪويتا پاٽ ڪندڙ تنهنجو نالو وري آشا؟ هيڙو عام نالو! آئيشا نالو رکائي ها، آشنا نالو رکائي ها ... ڇا پاڻ ڪويتري ڪانهي؟"

"نه" رويءَ چيو، "پاڻ ٿورا لوڪ ناچ سکيل آهي، باقي ڇون ٿا ڳلي ۾ مينڌاس اَٿس."

مون چيو، "توهانجون ڪوتائون سڀني نموني پڙهي، ته مان ٽيپ ڪنديس." ۽ واقعي ٽيپ تي پرڻ جهرٻون هيون ڪوتائون ... ڪوتائون نه هيون ٿيون، چيـو ته اهي لکيل رويءَ جون هيون، پر انهن کـي سون ٿي سهاڳو ڏيڻ وارو هو آشا جو آواز.

رات جا ١٠ اچي لڳا، آشا پريشان ٿيڻ لڳي. هاڻ هن گهر وڃڻ چاهيو. رويءَ ڪلي چيو، "وڃ پلي پـر اڄا ته منهنجو فقط هڪڙو ڪـويتا سنگره بـه تنهنجي

گلي جي مٿاس ماٺيندو، سو پتا جي ٽيپ ۾ ئي پهتو آهي .. .. "

"مان سياڻي ٿي ايندس ... پڙهين ٿي... جيستائين توهانجي سڀني ڪوٺائن کي پنهنجي گلي مان لوهان لاڻين نه ڀڄايو آٿر، تيستائين بس ٿي ڪندس. اسان جي سڄي شهر مان ڪلاڪار نڪتا ئي گهٽا آهن!"

روپا چيو، "آشا ديوي! ڀورڻ سوچيو ته سهي اسانجو شهر آهي ئي ڪيترو؟ فقط پنج هزار چورس ميل ... "

آشا چيو، "مگر چوطرف جبل، آبشارن ۽ ساوڪ ڪيس سونهن ته سرڳ کان وڌيڪ بخشي آهي ... "

منهنجي من ۾ آيو ته مان چوان، 'مون پڻي توهان ٻنهي جو شهر نه ڏٺو آهي پر پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ايترو پيار ڪيو آٿر جو توهانجي ٻنهي جي پنهنجي شهر لاءِ سڪ بلڪل آءٌ ئي محسوس پئي ڪريان.' مگر اهي اکر منهنجي زبان تي اچي ئي رڪجي ويا.

روپا جا پيءُ ئي دوست آهل هئا. اصل ۾ آشا ديويءَ کي روپا جو گهر ڏيکارڻ وارا هو ئي هئا، هن ته فقط روپا جو ذڪر ڪيو هو ساڻن. آشا ديويءَ کي سندس ماڻهن وٽ ڇڏڻ لاءِ روپا جا ٻئي دوست ڪافي هئا پر روپي ته ساڻن گڏ ويو. ٽئڪسيءَ واري کي ته رپيا خرچي ڏيڻ سان چئن کان پنج ڇٽا ته ڪڍي ويا.

هن جي هلي وڃڻ کان پوءِ خبر ناهي ڪهڙيءَ احساس ڪمزوريءَ اچي ورايو. دل ۾ چيم، ’عجيب آهن هي مرد! اگر روي هڪڙو نه وڃي ها ته ڇا آءٌ ديويءَ کي ٻيا دوست اڏائي وڃن ها؟‘

ڪلاڪ کن ڪانپوءِ روي واپس موٽيو. مون ان مهل ٻيا ڪماريءَ جا ڳايل ڪي غزل ٻڌي ٽيپ تي هلايا. هڪ دردناڪ احساس من تن کي گهيري ويٺو هو. رويءَ اهڙي شرط ٽيپ رڪارڊ مان اها ٽيپ ڪڍي، آشا ديويءَ جي تازي ڳايل ٽيپ ڪڍي وڌي. منهنجي من ۾ خبر ناهي ڪهڙي واڳٽي ٻڌي هلي، جنهن کي جهوپو اچي ويو... روي جي هيءَ حماقت مونکي اصل ڪين وڻي، مان چپ چاپ اٿي ويس ۽ وڃي بيبيءَ جو بسترو وغيره ٺيڪ ڪيم. بيبي ننڊ ۾ ڏاڍي پياري پئي لڳي. ٻه ڪيس چمي ڏنم ته جاڳي پئي. بس جاڳي ڇا پئي! اصل ’پپا پپا‘ جو فساد لڳائي ڏنائين!! روي ته هڪ منٽ، هڪ چمت، آشا جا ڳايل- ٻنهنجا گيت ٻڌي رهيو هو. ڪيس بيبيءَ کي ڪٿان لام سڌ ڪيم ته جواب ٿي نه ڏنائين. شعر لکڻ مهل ته هوريءَ نه هڪجهڙي ٻڌندو ناهي. هاڻي شعر ٻڌڻ مهل به جواب نه ڏيڻ جي ڪار شروع ٿي رهي هئي. ڪنهن نمولي بيبيءَ کي ماٺ ڪرائي، مان بيبيءَ سان گڏ ٿي سمهي پيس. شايد آڌي رات جو سمو هوءِ جو اوچتو

جاڳي پيم. ڏسان ته روي اڃا به اُتي ئي آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو آهي ۽ پاسي ۾ ٽيپ رڪارڊ مان، سندس پيارا گيت آشا ديويءَ جي سريلي ڳلي مان لهرائي رهيا آهن. مون هلڪو کڙڪو ڪيو. پهرين سمجهيم ڪيس ننڊ اچي وئي آهي. ليڪن ڪن ڪاڇوءَ، ٽيپ خلاص ٿي ته ڏٺم روي اُنکي نئين سر چالو ڪري ڇڏيائين. خبر ناهي مونکي ڇا ٿي ويو. رڙ ڪري چيم ”بند ڪر، مهرباني ڪري بند ڪر روي!“ ۽ رويءَ کي به خبر ناهي ڇا ٿي ويو چيائين، ”بند نه ڪندس، نه ڪندس بند، توکي ڪهڙي ته پيءُ روم ۾ وڃي سمهه.“

مون پڇندي چيو، ”۽ تون جيڪر پيءُ روم ۾ وڃي، اها ٺيڪ ٻڌائين ته ڇاهي؟ پيءُ روم سمهڻ لاءِ ٿيندي آهي، راڳن لاءِ ته ٿيندي آهي.“

هن ڏاڍي ڪراهت سان چيو، ”پابندين ۾ ٿي ٻڌي پيئي هجين، توکي ڪهڙي خبر روح جي آزادي ڇا ٿيندي آهي ...“

مان به وهاڻو کڻي ذوم سان اُتي ڪِري پيس. چيم، ”اها روح ۽ روح جي آزادي ڪنهن استريءَ کي ماڻيندو ڏسو ته سڙي جيڪر خاڪ ٿي وڃو. اهي اسين زالون آهيون، جن جي زبان تي مهر آهي.“

رويءَ جي ڳالهائڻ ۾ نهارڻ ۾ حد کان وڌيڪ تڪار

ڏسي منهنجو روح رڙي اٿيو ڇڏيم، ”ڪهڙو آهين روي! پهرينءَ رات ڪان وٺي سندرا ناچڻيءَ جي مورتي سان گڏ جيئندو پيو. هاڻي شايد آشا ديويءَ جي ولده دليءَ سان گڏ جيئندي، ڪڏهن احساس ڪمتريءَ ۾ مرڪو پوندو.“

ان ڪالپوءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا الزام هڪيٽي ٿي هڻندا رهياسين. اف ڪهڙو آهي هي لفظن جو طوفان! جنهن ۾ سڀ پيار ۽ پريم ڇڻ پڻ ٿيو وڃي...

مان پنهنجو وهاڻو ڪڇي بيڊ روم ڪان ٻاهر آ- اڪتس، پر رويءَ ڪانسواءِ ڪٿي جاءِ هئي منهنجي وشواس پريءَ ننڊ جي!

ٻئي ڏينهن ٿي ٻه آشا ديوي وري اسانجي گهر ۾ آئي. ’اسانجي‘ نه چوان، ’رويءَ‘ جي چوان، ڇو ته روي ان رات مون ڪان جو جدا ٿيو ته وري ڪڏهن گڏ نه ٿيو. دل ڪري، اسانجون راهون بالڪل الڳ ٿي چڪيون هيون. گيتن لکڻ ڪري رويءَ کي مشهوري ملي هئي.

مشهوري نه رويءَ کي گهڻو اڳ ملي هئي، پر اهي گيت جڏهن آشا ديويءَ جي سريلي ڳلي مان ماڻهن ٻڌا، تڏهن نه روي لاءِ ڦلهن وارن ٻه دروازا کولي ڇڏيا ۽ ٻئي ٻانهون کولي روي ۽ آشا ديويءَ جو سنڪار

ڪيائون. مان روپيه سان گڏ هوندي به پاڻ کي سندس پاڇي کان وڌيڪ ڪجهه ڪين سمجهندي هئس ...

هڪ رات ته روپيه سان وري جهڳڙو ڪيم. مون چيو، ”روپي هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ آشا ديويءَ سان، گيتن کي سچلا سر ڏيڻ سٺي ڳالهه آهي؛ پر آشا سان گڏ خريدارن ڏي وڃڻ، سندس عزت ۾ پارٽيون ۽ ڪوي سميلن ڪرائڻ، سندس هرڪو عمل ڪٽڻ... مان ڇا سمجهان؟“

”آشا ديوي منهنجي ڳوائڻ آهي ... منهنجن ڪويتائن جو، سندس آواز، ملهه وڌائي ڇڏيو آهي. پوءِ به مان سندس قدر نه ڪريان؟“

”مان نه تنهنجي ڪنهن ڪم ۾ ساٿ نه ٿي ڏيئي سگهان. سيڙا وانگر نرتيه ڪلا ۾ نالو ڪڍي سگهان ها، نه اڄ فلمن ۾ تنهنجن گيتن تي منهنجا نرتيه هجن ها ... هاڻي ته مان ڏاڍي اڪيلي ٿي پيئي آهيان روپي!“

”نه ڪر نه محسوس، ڪنهن جهليو اٿئي؟ اڄ نه ميدان ۾! مڙس جي ڪويتائن جو قدر نه ٿيندئي!!“

هيءَ هڪ للڪار هئي منهنجي وجود کي. جيڪي نرتيه ڪلا سکڻ لاءِ، اڳي لڪائي ڪندي هئس، سو هاڻي پڌري پٽ ڪرڻ لڳيس. روپيه کي ڪمائي ٿي ته جام به خلاصي ورتائين. وڏي هال ۾

روءَ جي اينڪ هئي. هڪ ڪنڊ ۾ ڪشميئن سان ڀريل ڪٻٽ، ٽيپ رڪارڊ ۽ آشا جي ڳائڻ لاءِ ساز رکيل هئا.

منهنجي روم ته گهڻگهڻ ۽ سازن سان اڳ کان وڌيڪ ڀرجي ويئي هئي. ننڍڙيءَ شلپيءَ لاءِ ايترا رانديڪا اچي ڪٺا ٿيا هئا، جو اُنجي روم ۾ دڪان بنجي ويئي هئي. بس خالي ۽ صاف سٿري هئي ته هڪ ايڊ روم هئي.

ڊيري ڊيري بيڊ نالي کي ايڊ روم وڃي رهي. روي ڪڏهن مهل، آشا ديويءَ سان، ڪهڙيءَ فلم جي شوٽنگ لي ٿو وڃي، اهو به ڪيس ٻڌائڻ وسري ويندو هو. شلپيءَ کي ننڊ ۾ ڇهي ويندو هو اها عادت به ڊيري ڊيري ڪاٿس ڇڏائجي ويئي. پر ڪڏهن پنهنجو ڪوني گيمس، ڪڏهن گهٽيءَ گهوڙي ۾ ڳائجندو ٻڌائين يا رڪندو يا ٿي. ويءَ ٿي ساراهه. ٻڌائين ته بس ڀير رانديڪا وٺي ايندو شلپيءَ لاءِ، پوءِ ڏاڍو پيار ملندو هو شلپيءَ کي، ليڪن اهو به فقط ڪن گهڙين لاءِ.
مگر هيءَ ڪهڙي عجب ڳالهه پدم، دنيا وارن وٽان! ته فلمي دنيا ۾ رويءَ هلائي ڇڏيو آهي ته سنڌس گهڻن ٿي ڪو به فلمي نراڀ مولڪان نه ورتو وڃي.!
ٽرام ڪري، اوف جي هڪ چيب، همالي جي

چوٽيءَ تان ڪري پيئي! لاھيءَ سان وڳوڙجندي زمين کي ڇھندي، ھيٺ ھيٺ وڃي، ڪنھن ٽـل ترائي ۾ پيئي!!

پھاڙ جي چوٽيءَ تي سرسوتي، پنھنجي ويڻا مان مڌر سر ڪڍي برھمانڊ کي لوءِ ۾ آڻي رھي ھئي؛ مان ھيٺ ھيٺ ڪريل برف جي ڇپ جو گھرو ڏسي رھي ھئس ... جيئري ڪڪڙي کي، اُڪر ڪري جڏھن ديگڙي ۾ رڌڻ لاءِ وجھبو آھي، اُنھن ڪيڏي دير تائين اھو ڪڪڙ ٽپ ڏيندو رھندو آھي ... ڦٿڪندو رھندو آھي جھڙيءَ ڪ سندس اُڪر اُڪر مان، جان پوريءَ طرح اڪري وڃي ... ساڳي حالت ھئي ھن برف جي ڇپ جي.

”روي! منھنجي نرتيہ ڪـي ڦلاٽي قلم ۾ ساراھيو آٿن، مان ويٺو ڪشميت ڪٽي آئي آھيان. تون ڏس.“ مون من ماري چيو.

”فرصت ھوندي تہ ڏسندس، رکـي وڃ منھنجي ميز تي.“

”روي! تون مونکي سيدرا ڇو نہ ٿو سمجھين؟ سڀ چون ٿا، مان سيدرا کان بہ وڌيڪ سرس آھيان نرتيہ ۾!! ... “

”سيدرا سمجھان ٿو ڪي؟ سيدرا جي جتيءَ ۾ تون پير پائي سگھندينءَ؟ ... تنھنجو ڀـرـوـن پيرو اُرتيہ،

مون ٿنهنجي ڪاليج ۾، سيدرا سان گڏجي ڏٺو هو.
مون توکي سارهايو، همت ڇميا ... سيدرا مونکان
وڏيڪ سارهايو توکي، تنهنجي اڙاري ڇميائين ...
ڪري سگهين ٿو تون آشا ديويءَ لاءِ اِئين؟" ...

اَچانڪ ئي وچ جي چمڪاٽ جيان هڪ عجيب
حقيقت ئي وڃي نظر پيئي ڇيم، "جيئن توکي مون
ٿاٿين پهچائڻ لاءِ، سيدرا ديوي ساهه ڏيئي، توکي
آباد ڪيو، تئين مان براڻو نه ڪري سگهنديس. پر
اَلڳهه رهي، توکي آشا ديويءَ ٿاٿين پهچڻ لاءِ تنهنجي
راهه کولي سگهان ٿي ... شل اهو ڏينهن نه اچي جو
تون چوين. آشا ديوي کان ڪنهن اهه فلم ۾ منهنجو
ڪيمت نه ڳارايو وڃي!"

# سواڳت

چانڊ جي پليٽ جهڙن سان لڳائيندي وصل ڏٺو
پليٽ ۾ جهڙ مان لڙائيندڙ ابر لڏي لڏي جهڪيو پئي،
ڪڏهن لڪن جهڙن جهڙ تلاءُ ۾ ڪريو هجي ۽ ترجيو تلاءُ
کي آتما ملي وئي هجي.

اُت ڏينهن گذري چڪا هئا، جڏهن وصل هڪ
ڳوٺڙي ۾ پنهنجو خود جو درشن ڪري آيو هو، ڪيس
محسوس ٿيو هو، سندس ترجمو-روپ ۾ -جهڙو آتما جو
جهڙ لٿو هو. اڄ آنند جا ذرڙا اڏامي رهيا سندس
ساري سرير کي، ڪپهه جي ريشي جيان ويڙهي رهيا
هئا.

وصل جڏهن محل ريل مان لهي، ڳوٺ ڏي نظر وڌي
هئي، تڏهن مهل ڪيس احساس ٿيو هو، ڳوٺ جي
اولاهيءَ جو، جيڪا ڪٿي ڪٿي ٽڪيل، راهه جي
ٽٽين جي روشنيءَ کي گم ڪرڻ جي بيڪار ڪوشش
ڪري رهي هئي. ڪالهه ٿڌو ساهه کڻي ويو. سگريٽ
جو ڪش هڻي، پاڻ ڏي وري هڪ نظر اڇلايائين،
من ۾ چيائين، مون ۾ ۽ هن وچارن پاڻ ۾ ڪهڙو فرق
آهي! پاڻ مون وانگر سمجهن ٿا ته سندن اندر

ڪوئي سورج لڪل آهي، جو اُنڌڪار کي ڀڄائي ڪيندو، مگر انڌڪار ڪڏهن نہ پوريءَ طرح ڪين ويڙهي ويو آهي! اُنڌڪار جي مدد لاءِ تہ ڪوهيڙي جو لشڪر بہ اچي لٿو آهي.

هن انڌيريءَ اسٽيشن تي ڪولي ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيو! چيائين، ”سامان ڪٿان صاحب؟“

وري ڪوليءَ جي منهن ۾ نهاريو، ”سامان؟ ... سامان ڪٽنڊين؟ ... هڪ بئگ تہ آهي ... اڇا هل؛ ليڪن ڪنهن سٺيءَ هوٽل ۾ وٺي هل ... سامان کڻڻ جو نہ سهين، رستي ڏيکارڻ جو ٿي سهين، ڪجهہ تہ ضرور ڏاو توکي.“

”ٻهراڙين پيرو آيا آهيو؟ ...“

وري وٽ هزار اَنديشا هلي آيا هن سوال تي. پر پنهنجي انڌيريءَ بئگ اندر رکيل، خسيس رقم جو سوچي ڪلي ڏنائين، چيائين، ”ٻهراڙين پيرو آيو آهيان، ان ڪري ٿي تہ رستي جي خبر ڪانهي. ائين تہ هتي هڪڙو منهنجو پوڄاري رهندو آهي ...“

”ڪهڙي مندر ۾؟“

”مگر ان وٽ مولڪي هلڻو ٿي ناهي.“

”ڇو سيٺ؟“

”پاڻي لوڪان ڇا لڪايان، پوڄاري ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي اِشمت ڏيو کي اهڙيون سخت سوڻون

ٻڌائيندا آهن، جنهن جو هو سڄو ڏينهن ڏسي ويٺو آهي."

ڪوليءَ چيو، "ڏيوتا ڏينهن جو ٿي ته هوندو آهي. نه ته پوڄاري ڪيئن پوڄي ٿي نه سگهي جيڪر. منش ديهي ته مل موتر سان ڀريل پيٽي آهي، ڪير ڪندو ان جي پوڄا! سيمت؟"

"واهه، واهه" وهل ڪوليءَ ڏي نظر اُڇلي. قداور ڪوليءَ جي، ڳاڙهي پڳڪي مٿان اُڀري، هڪ عجيب ٻاچو- هو ٻنهيءَ هيٺان لنگهندي وهل جي آڪار سان ملي ساهه مڃهائي ٻئي هليو ٿي ويو ايسا ساڪار روپ ڪولي اڳيان هلندو ٿي رهيو ڳوٺ جــي ڪاٻڙ ڪوٻڙ رستي تان.

سگرٽ جي ٻڙڪي، لنڊڙن ٻوٽن جي جهنڊ انـدر اُڇلي، وهل من ئي من ۾ ڪڇي چيو، 'ڪهڙو ٻيڪار ڪم مليو آهي هڪ ليکڪ کي! آدمشماري! ... ڇيـ... ءُ ڏرلن جو هيٺرو ٻي ٿانيم هجڙ... ڦو...'

هڪ ڪڇي روڊ تــي ٻـهـڇـي ڪوليءَ چيو، "صاحب هيءَ ٿي هوٽل هتي ســب ڪـان سٺي هوٽل آٿوَ."

ڪوليءَ ٻنگر مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي.

وهل ڪانئس ٻنگر وٺي سندس ٿريءَ تــي ڪجهه رپيا ڪڍي رکيا.

ڪوليءَ صاحب جي منهن ۾ نهاريو.

وِمل چيو، "اڇا ڪجهه کپي؟ ٻئگهه ڳري ته ڪانهه هئي."

"نه نه صاحب اها ڳالهه ناهي. توهان جي ڪمري ۾ رکي ڏيانوَ؟"

"بس بس ڪٺو ٿيو." چئي وِمل منيجر سان ڳالهائڻ لڳو. ڏنائين ڪوليءَ در ڏانهن ويندي ويندي ٿوري ڪولي رهڻ کي ڇڏي ورتو.

"نالو لکايو..." منيجر ڪتاب کوليو.

"وِمل . ."

"ڀر ۾ ويٺل جوان جي چانهه جو ڪوپ پليٽ ۾ چانهه اوتيندي ترڪي ويو ۽ پٽ ۾ ٻه ٽڪر ٿي پيو.

وِمل جي نظر جوان طرف ويئي ته جوان اٿي بيٺو، "وِمل!... ليکڪ؟"

وِمل ڪلهي چيو، "ليکڪ ته ڪوئي ٻيو وِمل هوندو فلحال هي ٻندو ته آدمشماري وٺڻ لاءِ توهان جي ڳوٺ ۾ پڌاريو آهي."

"ليڪن توهان جو نالو ته وِمل آهي. بس ڏاڍي خوشي ٿي!" جوان وڌي اچي وِمل سان هٿ ملايو.

وِمل کيس ٻاڪر پائڻ چاهيو. هيڏي ڏارئي ڳوٺ ۾ ڪوئي ته ٻڌهجو هو، ڪو ته سمجهي هو ۽ 'توهان جو نالو ته وِمل آهي. اس ڏاڍي خوشي ٿي.' وِمل من

۽ ڇهون ’خبر ناهي ڪهڙو عجيب ناتو آهي هن ماڻهوءَ جو وِمل سان!‘

”ويهو چانهه پيئو.“

وِمل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”وِمل منهنجو پُٽ، ليکڪ آهي ... توهان ڪڏهن سندس ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيا آهن؟“

”منهنجو پُٽ ليکڪ به وِمل ئي آهي. خاص ڪري نالي پاڻي جو آهي.“

”اڇا؟“ اجنبيءَ هٿ ملايو. ”توهين هتي ڪيئن رهندا؟ رهي ٿو ته ويندا پر منهنجي گهر هلي رهو.“

”توهان جي گهر؟“

”عجب ڪائڻ جو ضرور ڪونهي. مس ته ڪوئي سنڌي هن ڳوٺ ۾ اچي ٿو ۽ هتي گهر ته ٿي گهڻا آهن سنڌين جا، بس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا.“

چانهه پيئڻ جي وچ ۾ ايتوئون ٿـــ، ڳالهيون ٿـــي چڪيون جو وِمل خود ٿي اُٿي کڻي اجنبيءَ سان هلڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو.

گهر ته ڳوٺ جي نموني کان بلڪل ابتڙ هو. شهري سکن جي هر چيز موجود هئي، باٿروم ۾ ٽائيلس ۽ ڪموڊ، ورانڊي ۾ ڇتيءَ جي گيلري، منهن ڌوئڻ لاءِ آرسي، پاسي ۾ برش رکڻ لاءِ جاءِ، صابڻ لاءِ پلاسٽڪ جو لوٽو، گهر جو سارو فرنيچر اچي فارميڪا

سان چمڪيل! هڪ روم ۾ هڪ صوفا سيٽ ۽ پيل هو. پٽ تي ايراني غاليچو، هڪ ڀت ۾ شيشي جو ڪٻٽ هو، جو سڄو ڪتابن سان ڀريل هو. ومل ڪتابن کي جاچڻ لڳو ته اجنبيءَ چيو، "هي ڏسو ومل جي ليکڪن جو سڄو سيٽ مون وٽ آهي. سنڌس سڀ ناول ۽ کهاڻي سنگره ڏسندا. جن ۾ ومل جي هڪ ٻه آکاڻي هوندي، سا مخزن مون وٽ ضرور هوندي."

ومل سگريٽ دکائي، اکه ماري پڇيو، "تو ته پڙهڻا والگو پيار ڪيو آهي؛ پر ڄاڻين ٿو شهر ۾ سنڌس ناولن ۽ آکاڻين لاءِ نڪتچيني ڪندي اڻهيندڙگارن ڪئي ڪئي ٻئي رکيو هوندو؟"

"آهه!" اجنبيءَ ٿڌو ساهه کنيو.

"ڏسجي وٽهي، ومل تمام گهٽو لاءِ ڪيو ته لکيو آهي."

چانيءَ تي هٿ رکي اجنبيءَ چيو، "آهه مون لاءِ ته سنڌس هڪ ناول ئي بس هو! موهس ٿي پيس سنڌس لکڻيءَ لاءِ."

"اهڙي کهڙي ڳالهه آهي هن ليکڪ جي، جيڪا ٻوکي خاص وڻي آهي؟"

"ڪمال آهي خود سنڌس فن هوالدي ۽ ٻوهين

سنڌس لکڻيءَ جي جادوءَ کي سمجهي ۽ سکيا آهيو؟
يا اَڳِ وٺو؟"

"مان ته ڪيس رواجي ليکڪ سمجهندو آهيان."

"دوست! هن ليکڪ جيڪا سمجهه ۽ پريم جي دنيا موڪلي ڏني آهي ۽ سا ڪوئي ليکڪ نه ڏئي سگهيو آهي."

وِمل کي پيار اَچي ويو هن اَجنبي شخص لئي. ڪلي پڇيائين، "تون ڇا ٿو سمجهين، تنهنجو ليکڪ ڪيتريءَ عمر جو هوندو؟"

"هوندو ٽيهن سالن کن جو..."

وِمل جي اَندر مان هڪ گرم گرم ڪش ٻاهر اُٿو 'ڪاش مٽي جي وارن ۾ هيٺرن اَڇن وارن جو فصل نه لڳل هجي ها ...' وِمل جي من ۾ آيو 'هڪ وار چئي ڏيان، مان آهيان وِمل ...' ليڪن نه، اُئين ڪرڻ سان هڪ مزو هليو ويندو ... هڪ ٻانڪ جي تصور ۾ هڪ پريم ليکڪ جي جوان موڙي اڇانڪ ٿي پئي ٿي ويندي ... دل جي هڪ گهري جذبي تي قابو پائيندي وِمل چيو، "دوست تون جنهن ليکڪ جو شيدائي آهين، انکي ڪڏهن ڏسڻ جي ڪوشش ۾ نه ڪئي اٿيئي؟"

"ڪاش مان کيس ڏسي سگهان- ڪاش هو ڪڏهن

فلم ۾ پارٽ ڪري ۽ مان اها فلم گهرائي، هتي جي سيٺي مٺ پر سنڌين کي فوري ڏيکاريان ... “

وهل جو سارو تن بدن ڪنهن جذبي سان ڪنڊاٽار ڀرجي ويو. ڪلهي چيائين، ”ڇا پنهو ڏسڻ پيارا.“

پوڄاريءَ ٻـــ مرڪي چيو، ”سوچيان پنهو جنهن ديوتا کي توهان جهڙا پانڪ اصيب ٿيا آهن ... جن جي منهن ۾ هيڏي مٺيا آهي! سو ليڪ ڇا هوندو! اُڇٽو ئي پوندو موالڪي توهانجي شهر ۾.“

چانهه سان ڀريل پليٽ ۾ اڇا ٻـــ ڇٽ وارو بلب چمڪي رهيو هو. ڳوٺ مان آدمشماري جو تعداد لهي آيس. اَڄ پوڄاريءَ جي پاڪ پري ياد چانهه جي پليٽ ۾ چمڪي اٿي آهي!

# وڏا ٻه ٻار

سيلونتي پٽائن جون ڪلاڻون ڦٽيون ڪرڻ لڳيون ته ڏٺائين ٻوڙيان ٻيئيون گلي ۽ هيران ٻماٽيءَ وڙهن. ٻنهي جا هٿ هڪٻئي جي وارن ۾ هئا ... هيوءَ ڪلن واري رڪيجي چائمت وٽ رکي ٻوڙي آڳنڌ ۾ وڃي، ٻنهي ڏيڻون کي آڌر ولي آئي کٽ لسي ويهي گليءَ کي کي ٻنهي گوڏن وچ ۾ ٻيهاري چيائين، ”هاڻي ٻڌاءِ مولکي ڇا ڳان پئي وڙهيون؟“

ڇهن ورهين جي هيران ٽپ ڏئي کٽ تي چڙهي ويئي ۽ ماءُ جي پٺيءَ تي چڙهي سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چيائين، ”ممي مني! مولکي تي ڇوي شيلوءَ سان ته ڳالهاءِ.“

ماءُ چيو، ”ڇو گلي! ڇو تنهن پڻ ڪسي شيلا سان ڳالهائڻ کان جهلين؟“ گلي مٺون سڄائي، ٻانهون ٻڌي ڦوڪي ٻيٺي رهي.

ماءُ چيو ”ٻڌاءِ شيلوءَ توکي ڇا ڪيو؟“

گليءَ ٻڌمجو اٺن ورهين جو سوار لوڏي چيو، ”وڃ مان نٿي ٻڌايان ه.“

”ممي مني! هيران لنڊڻن هٿن سان ماءُ جو منهن

پاڻ ڏانهن ڦيرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”شيلا گليءَ کي چيو ’ڪٽي‘.

”هان توکي ائين چيائين؟“

”ٻڌهن چا؟“ هاڻي گلي ٻوڏ ۾ اچي ڳالهائڻ لڳي.

”ممي! شيلو ۽ هيران ٻئي پنهنجهه لڏيون تي هون چيومان، ”توهي ڏير مولڪي ٻه لڏايو تي انهون لڏڻ ڏين الڪوي هون پنهنجهه ٻيهاري چڏي تي شيلو تي مونکي چوي ’ڪٽي‘ پوءِ مان شيلوءَ سان پنهنجي پيڻ کي چو ڳالهائڻ ڏيان؟“

سيلوتيءَ کي ڪل اچي ويئي گليءَ جي ڳالهه تي هلڪي چماٽ هڻي چيائين، ”تو هڻن جي پنهنجهه ٻيهاري هڻ توکي ڪٽي چيو، آئا مائا، هاڻي هيران کي ڳالهائڻ کان روڪڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”نه مان نه ڳالهائڻ ڏيندئيسانس؛ ڳالهائيندي ته مان ماريندئيسانس.“ گليءَ چپ ڪندي چيو، ”نه وري مان توکي ماريندس.“ ماءُ چيو، ”چري چوڪري ڳالهائڻ جا به ڪٿهن ويو رکيا آهن؟“ هتان پٽاڻن جي ٽالهي ۽ رڌڻي ۾ ڏڻي هڻل.“ گلي هپ چاڙهي پٽاڻن جي ٽالهي رڌڻي ۾ ڪٽي ويئي ته ماءُ هيران کي باهر پنهنجهه ڏي موڪلي رڌڻي ڏي هلي آئي ۽ گليءَ کي اڳيان ويهاريءَ تي وهاري پاڇي ات، چاڙهڻ لڳي ته ڌيءَ سان ڳالهيون به ڪرڻ لڳي.

”ڇو ڳل تنهنجون ساهيڙيون ڪٿي آهن؟“

”ڪولهن آهي، مان اُهن سان نه ڳالهائيندي آهيان.“

ڳليءَ جوش سان چيو.

ايتري ۾ سيلوٽيءَ جي ڏيراڻيءَ اندر اچي تيزيءَ سان چيو، ”اَنسي ڳلي ماڻهين کسان پڇيندس وري مڙسهن گگلوءَ کي ڇا لاءِ آڻو ڏنو آهي؟“

سيلوٽيءَ چيو، ”مون نه ائين چيو اَنسي ڪين ماڻهس ته گگلوءَ کي آڻو نه ڏيو يا ڏيو پر ڀيوءَ مولڪي کهڙي خبر ۽ ٻارن سان ڀلا ڪهڙو ويڙ؟“

”نه ٻاقي ويڙ آهي مونسان.“ چوندي ڀڄولندي ڏيراڻي رڌڻي مان هلي وئي.

ڳليءَ چيو، ”ڀلا ٻاپي توسان ڇو ڪين ٿي ڳالهائي ڇو ٿي مولڪي چوي ته ماڻهين کي چوندس؟“

”ڳل مون نه ڳالهايو مانس پئي. جوش آئس پاڻهين هڪ ٻن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندي.“

ڳليءَ جي ٻاهر ڪنهن اهڙيءَ چيز تي نظر پيئي جو اڇل ماري اٿي ۽ ڊوڙندي ٻاهر وئي. مساهه ٻاهر نظر ڪئي ته ڏٺائين پر وارن گهرن ۾ رهندڙ ڳليءَ جون ساهيڙيون گڏ ناهي وڃي رهيون هيون ڳلي به وڃي تن سان ملي. ڪن گهڙي ته هوءَ ٻاهر پڪڙيل ڳاهه. جي ميدان، پيڙگهه ۽ چڪوي تي ڦرندڙ ٻارن کي ڏسندي رهي. گهر جي چوڌاريءَ جي بلڪل اڳيان ڳلن ٻوٽن

جي وچ ۾ هيءَ اڏيندڙ ٻارن جو وسيل جهان ڪيس ڏاڍو وڻيو. اُڀ تي ڪڪر مڙي آيا هئا. هلڪي ڦڙ ڦڙ ٿيڻ لڳي. ٻار رڙيون ڪندا "مينهن آيو مينهن آيو" چوندا ڀڄڻ لڳا. ڳلر لاهي وڃي ڇڄرن هيٺان لڪا. آسمان ۾ ڪبوترن جا ڳلر اُڏامندا ويا. سيلوانتيءَ جي من ڏي هي درشيه ايڏو ته لياٽي ويو جو الاجي ڪهڙي جهان ۾ کوهجي ويئي. اوچتو ياجيءَ جي سڙڻ جي ٻاس آيس ته ڪٽنديئي اُڪر ديڳڙو لاهي ڪَٽي هيٺ رکيائين.

رڌڻي ۾ ڪافي اونده ٿي چڪي هئي. سيلوانتيءَ اُٿي لالٽين کي تيلي هڻئين.

سوراج رڌڻي وٽ اچي چيو، "ڇا وڃي ڪرين اندر؟" سيلوانتي ياجيءَ ۾ ٻاٽيءَ ۾ پڪ وجهي ديڳڙو چلهه تي رکي، گهوٽ سان گڏ ٻاهر ڪمري ۾ هلي آئي.

سوراج ڪوٽ لاهي ٻڌڙي کٽي ڇڪڻ ويهي رهيو. سندس منهن تي سخت ناراضپو هو. سيلوانتيءَ وٽي سان هٿ اگهندي چيو، "ڇو ڪجهه ٿيو آهي ڇا؟"

سوراج جي منهن جون رڳون ڇاڻجي ويون منهن ڦيري چيائين، "ٿيندو وري ڇا؟ چوندو ته آهيان انهيءَ ڇوڪري جو مٽو نه ڦٽر."

"ڪهڙو ڇورو؟" سيلوانتيءَ من ۾ اُسه سمجهو ٻر

ٻاهران چوائين، ”ٻڌايو ڀلا، ڪهڙي چرٻي جي ٿا ڳالهه ڪريو؟“

”اڙي اهو ٻاڦڻ چريو ٿيو ڪير.“

”پر مڇڻ ته ٻئي پاسي نه ڪريو سڌي ڳالهه ڪريو نه.“

”ڳالهه ٿوڙ جـــي. بس جهڙي تهڙي اڳيان عزت وڃندي ويرم ئي ڪين ڪندو. هاهو ڪار آهي ته ٻاڙ ٿائين، اسان کي ڏيئي پيٽ ڏنـــي اٿس پيو ڪو لڏ پري ٿاٽي جي نه ڪين ڏني اٿس ...

”پيٽ ٻه ڪاري ڏٿائين ...“ سيلوٽيءَ جي مڪي ئي چرچو ڪندي هڪ قتل مرڪ وري ويئي.

”ٿون ئي پيٽ ٻاڙ کي ڪاري اچـــي سمجهه، مولڪي نه اهڙو خيال آهيئي ڪونه.“

سيلوٽيءَ جي اکين اڳيان پيهڙي نڊيءَ ڏيرانيءَ جي شڪل ڦري ويئي جا هميشه ٻه پرواري ڪمري ۾ ڳگلوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهـي هئي. ڪهڙو چنڊ جهڙو چهرو هو ڏيرانيءَ جو! سيلوٽيءَ کي خـود به ته ڪڏهن دل ٿيندي هئي تـه ڏيرانيءَ جـــي چهري ۾ ويٺي نهاري ويٺي نهاري، پوءِ جي سوپراج روز صبح جو وڃي ڪلاڪ کن سندس ڪمري ۾ وهندو هو ته ڇا ٿيو پر سيلوٽي من کي ڪيترو به سمجهائيندي اهترو اسمرت هئي جو هڪ ڏينهن پتيءَ کي چئي ئي ڏنو هئائين.

”مونکي اوهانجو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻيءَ وٽ وڃي ويهڻ اٿو وڻي ۽ پاڻيءَ ضد ڪندي ڇو هو،
”مونکي روڪڻ واري تون ڪير؟ مونکي پاڻي ٿي سمجهين؟“

”نه پاڻي نٿي سمجهان، الاجي ڇو هتي رهه ڇاهه ڏسيڇوان پئي، ويهي ڳالهيون پوليون ڪندا ڪريو.“
”توکي ڳالهيون ڪرڻ جڏهن اچن ته نـه؟ ائين جي مونسان ضد ڪندين ته مان وڏيڪ ويندس.“

سيلونتيءَ ان ڳالهه کي دل جي ڪن اندرين تهن ۾ سانڍي ڇڏيو هو ۽ پاڻ وري پاڻ ۾ وندر ڳولي ورتي هئائين. ان ساڳيءَ مهل تي صبح جي وقت جڏهن سويراج ويندو پاڻ پاڇائيءَ سان اوپاري لهواري ڪندو هو تڏهن سيلونتيءَ جو پاڻ مارڪيٽ مان موٽندو هو پيٽ کي پاڇي ڏيئي رڌڻي جي چائنٽ وٽ ويهي ساڻس ڪيترين اوپارين لهوارين ڪري وندو هو.

اوچتو سويراج چيو، اڄ کان وٺي اهيءَ نيچ سان ڳالهايو ائين ته پاڻ ٿي جاٽين.“

سيلونتيءَ جي ڇهري جون رڳون تاڻجي ويئون ”۽ جڏهن مون تي ڇو پاڻيءَ سان ڳهٽيون رهاڻيون ڪرڻ پدران هتي اچي وهو، تڏهن ڪيڏانهن ويا هئا؟“
”پاڻهين مهنجي بي عزتي ٿو ڪري پاڻهين ڪڏهن تهنجي بي عزتي ڪئي آهي!“

سيلونتيءَ جي ڇاتيءَ تي ڪو بار چڙهي آيو.
پاپيءَ جا ڪٺين اکر ڪيس ھري آيا. "مونکي ڏسي
سڙي وڃي آهين، پاڻين تي تو ڪان ڪنڌ لاءِ ئي مان دادا ڏي
سٺيون پاڇيون تي ڪارايان سو اهڙا خيال ڪندهجا هوندا."
اهڙيون هلڪيون ڳالهيون جن سندس تن
بدن کي ڇيريو هوندو سي ياد ڪري سيلونتي ڏڪي
من سان چيو، "اٿين نه ڇٽي ڪونه سگهندا ته هن
مڙهجيون ٻي عزتيون نه ڪيون آهن پر گئي گذري پاڻي
ولوڙڻ مان ورندو ڪي ڪين پر مون نه توهانکي اٿين
ڪڏهن ڪين چيو آهي ته توهين پاپيءَ سان نه ڳالهايو."

"بيوقوف عورت مان چوان ٿو پاڻهين سان تو کي
نه ڳالهائڻو آهي."

"ٻي جي ڳالهايان نه؟"

"ماري رکندوسانءِ."

"مڙهجي نه مچيو نڏهن مون نه ڪونه اهڙي
ٻي عزتيءَ جي ڳالهه ڇٽي."

"بس جيئن چوان ٿو ايئن ڪر. تون اٿين نه ڪرين
ته نه رهه ھتي، خلاص!"

سيلونتيءَ جون اکيون ڦاٽي ويون. پر درد ڏهي
ھ اچي نه عورت کي چپ ٿي ويهڻ ٿي سو سيلونتي
اٿي وڃي ڪم ڪار کي لڳي پر من سندس وس ڪان
ٻاهر نڪري ڇڪو ھو ھو ھو پيئي سوچي ھي ڪھڙو

حساب آهي. مالڪ ۽ نوڪر ڪان انهي سان ته مٿي ڪولهي. عورت ۽ پرش ۾ هڪجهڙائي ڏٺي هُن ڪائي چيز ڪانهي؟ ڏٺي هُن هيڏا ٻول چا جا ٻيا پڙهين .. اندر ڪا ودروهڻي ناري رڙ ڪري اٿي ۽ اون گهر ڇڏي هلي وڃيس. پر گهر ڪيئن ڇڏيندو. جيڪو ڏولي ۾ چڙهي اچي وسائيو آهي ۽ ڪانئي تي چڙهي ڇڏيو آهي اهو گهر! بابا لاءِ مان گهر ڪيئن ڇڏينديس؟ ليڪن سومان به ته ڪا چيز آهي ... گهر ڇڏڻو ئي پوندو ۽ لڪي ڏيڻائي لاءِ ضد ڪئي ته مباهہ ناهي، ڪيس پاڻي مهمجي سڳي پاڻ لاءِ به ضد ڪئي ته مباهہ آهي!" سيلو نئيءَ محسوس ڪيو ڪوئي ڪو زهر سندس رڳن ۾ دورو ڪري رهيو هو. روٽي وغيره تيار ڪري پتي ۽ ٻارن کي کارائي پڻ ۾ سنال سس کي به ڏيڻي آئي پر ڪانئس ڳراهي نه اُڪلي. سويراج جو من مزي ۾ ڪين هو. هو چپ ڪري سمهي پيو ته ٻارن کي به جلدي ننڊ ڪچي وئي ۽ سيلوانتي کڻي چادر وجهڻ لڳي ته پڻهي ڇوڪرين جون ٻانهون هڪٻئي جي ڳچيءَ ۾ پيل ڏسي چپ ٿي ڪسن گهري ڪين ايتي ڏسندي رهي. اهي ٻئي ڇوڪريون جن سانجهيءَ جو هڪٻئي جي وارن ۾ هٿ وجهي جنگ ڪئي هئي سي سڀ ڪجهه وساري ڪيڏي پيار جي ساگر ۾ ٻُڏي اوجل ٿي پيئون هيون پر هُن جي ويڙهه به اُن

ڳالهه ٽان ٿي لڳي هئي جو ڳليءَ ڇيو هو هيران شيلوءَ
سان نه ڳالهائي ڇاڪاڻ ته شيلوءَ سندس بي عزتي
ڪئي هئي. "ڪيترو چڱو ٿئي جي اسين ٻئي هتان
ٻارن جيان پنهنجو جهان ٻڌايون جيئن هو ڪن ۾ سڀ
ڪجهه وساريو ڇڏين ليڪن اسين ته ويڙهه جهيڙهه وساري
ڇڏيون. ڳليءَ ڇيو شيلوءَ سان نه ڳالهاءِ هيران نه مڃيو
نه ڇا نه مڃيو نه ڇا بس واس ااڏين سڀ ڪجهه ڀلائي
ڇڏيائون. سهلونتي سو چيندي اچي پتيءَ
جي ٻيرن وٽ ويٺي. ٻالهن ڏکهي ڪري ٻنيءَ کي ڳل
ڪري ڇڏيائين ۽ پتيءَ جي ٻڙ ۾ لمڪي پيئي. ڳليءَ ۽
هيران جون ٻالهون اچي اکين اڳيان بيٺيون. ٻاڪ ٻه
ٻالهن ورائي پتيءَ جي ڳلي ۾ ڪٽي رکيائين. ٻس ڪن
جي ڏير هئي سوپراج ٻئي ٻالهون ڪو اي ڪٽي سهلونتيءَ
کي ڇاليءَ سان لڳايو. سهلونتيءَ جي ڇاليءَ ۾ ڪنو
ٽيل غم ٻاڪي ٻطڇي اکين مان وهي ڇڏڪيو. سوپراج
پتنيءَ جو هٿ پنهنجي اکين تي رکي چيو، "ٻيوقوف
ڇوڪري تو مان لنهجي گهر ڪڍڻ پير ٻه نه رکان پر
سهلونتيءَ جيءا قرب ڏسي تو اچان." سهلونتيءَ اڻين
محسوس ڪيو جيڪ پاڪ هيران جيتري نڀيڙي هئي
۽ سوپراج ڳليءَ جو دوپ ڏاوي ڪس ڇڏي رهيو هو
فلاڪي سان نه ڳالهاءِ.

سوپراج هٿ جي لوري، سان پتنيءَ جيءا ڳوڙها

اُٺندي چيو، ”ڇي ٿوکي چيم مار ڏيندس؟ جوش ۾ اَلاجي ڇا ڇا ٿو ڳالهائي وڃان.“ چوندي چوندي پٽيءَ کي ائين زور ڏاڍ لڳو جڻ سچ پچ کيس ماريو هجائين ۽ هڏ هڏ پئي ڏکيس.

سيلونتيءَ پٽيءَ جي ڇاتيءَ ۾ منهن ڇپائي آهستي چيو، ”مان توهانکي پاپيءَ وٽ وڃي وهڻ کان جهليندي آهيان، ان ڳالهه کي هاڻ محسوس ڪري سگهندا هوندا. خير مون ته محسوس ڪئي آهي مان توهانجي ان دکي جي صدقي پاپوءَ سان نه ڳالهائيندس.“

سوراج جي دل کي ستل ويڪ ڪَرَ وڌو، جي پنهنجي دل کي دکندو نٿو سهي سگهين ته سيلونتيءَ کي دکي ڪرڻ جو توکي ڪهڙو حق آهي؟ تنهنجو به ته فرض آهي پاپيءَ سان نه ڳالهائين. پر هوءَ ڇا سمجهندي؟ سيلونتيءَ ڏاڍو اُتس.

”ائين نه ٿيندو سيل“ سوراج پٽيءَ جي ڪن وٽ واتس آڻي چيو.

”ڇا نه ٿيندو؟“

”ڳالهائڻ جا ويو ته پاو رکندا آهن اسين ته، وڏا آهيون.“

”ٻر پيار ته پاڻ وانگر ٿي ڪنداسين.“ چوندي سيلونتي اُچلجي اٿي ويٺي، ”مان هاڻي روٽي کائي ٿي اچان“ چوندي، پٽيءَ جي اڳو موري پڇي ويٺي.

# مرڪ تي منع

لمبي عرصي کانپوءِ ٿي هڪٻئي ڀاڪر. چهري
ڪيترو وقت ٻنهي کان ٻولي ويندڙ پاڻيءَ کي ٽڪي
رهيو هو. اوچتو راڻيءَ طرف منهن ڪري چيائين،
”مونکي لڳي ٿو، ٿورڪي منهنجي ٻساري ۾ ڪاڻي
غلطفهمي ٿي آهي ... “

راڻيءَ جي ڀاڪن جا سورج مکي اڏ گول ڪجهه
دير چهري کي تڪيندا رهيا. پڇيائين، ”ڇو ٿو لڳي
ٿورڪي ائين؟“

”ائين ٿي ... لڳندو آهي ٿون مونکي Avoid
(نظرانداز) ڪرڻ ٿي چاهين.“

”نه نه!...“ فلڪ سان ڪئي ٿورڙيو راڻيءَ ۽
سندس ڀيڻائيءَ ڪان ڪجهه غائب هو.

ٻنهي ممبرا جي ڪاريءَ ۾ هلندي رهي. دوست
۽ سڪهون سڀ هڪ ٻئي کان حال احوال وٺڻ ۾ مشغول
ٿي ويا. ڪنهن وقت ڪنهن اني جي گولي پاڻيءَ
۾ ٿي اچي ۽ ٽب جي آواز ٿي مڇليءَ اچي جهٽي
ٿي ورتي. راڻيءَ جي من سطح تي ورتي اهو سوال

لِکجي ٿي ويو لڳندو آهي، تون مونکي نظرانداز
ڪرڻ ٿي چاهين ...'

اچانڪ راڻيءَ کي ائين لڳو ڪوئي ٻـادن جو
ديوتا ڪيس وارن کان ڇڪي، هيٺ پاڻيءَ ۾، گهڻو
هيٺ پاتال لوڪ ۾ وٺي ويو آهي. پاتال لـوڪ جا
ٻوٽ ۽ اسٿنڀون، فقط جل جي لهرن ۾ وڪـوڙيل آهن
۽ سونهري پهاڙيءَ تي وڏا هڪ ٻئي سـان مرڪي
رهيا آهن. راڻيءَ ڏي ۾ هڪ قرب ڀري مرڪ اڇلايائون
پر سندن مرڪ راڻيءَ جي دل ۾ گهاءُ ڪري وڌو.

راڻيءَ سندن مرڪ کين ورائي نـه. جـل پراڻي
جنهن ڪيس هن پاتال لوڪ ۾ آندو هــو تنهن چيو،
”تون هتان هيءَ مرڪ کٽي وڃ ...“ راڻـيءَ ٽوڪي
چيو، ”ماڻهو مونکي غلط سمجهڻ لڳن نـه ... ؟“
”بزدل! ...“

راڻيءَ محسوس ڪيو هوءَ وري ٻيڙيءَ ۾ ٿي وڃي
آهي. جل پراڻيءَ سندس وار ڇڏي ڏنا آهن ۽ هڪ
ٿي ٿل سان هوءَ ٻيڙيءَ ۾ اچي وڃي آهي ... سپنو
هو يا سـاڀيا!.. ڪپڙا پٽل ڪيڏهن مگر اها مرڪ هڪ
وسريل درد اٿجي ان کي ڏکي رهي هئي. هن سهمڻيل
نگاهه سان چوڌاري طرف ڏٺـو. هاڻي هوءَ هڪ گهمس
گهاٽڻ ۾ مشغول هو.

مٺو آواز جي گهرائي ۾ ٻُڏل ...
سڪين جون نظرون ٻاٽيءَ جي لهرن تي ..

ملاح اُٿيو ٻيڙو لهندڙ سورج کي ٻاٽيءَ ۾ چُٻڪا ڏيندو ڏسي رهيو هو.

”جي نه کلن اکيون کڏهن، ته مڪر ئي گهمڻ ڪيئن لهن ٻڏائي ڪو نه مرڪ ٻن ۽ گهمڻ ڪيئن ڏهي سگهن؟“

راڻيءَ کي لڳو هيءَ گهمڻ ڇتريءَ سندس لاءِ ٺي ڳاڻي رهيو هو ۽ سندس سارو وجود ٻاٽيءَ لاءِ ٻيڻل، واريءَ جي گهر جيان گهوڪڻ لڳو... لهر لهر سان ٻهندو پئي ويو... واري خداري جي واريءَ سان ملي ويئي ۽ لهرون ڪيس نه ٻاهي سگهيون جي اَرمان کي گود ۾ کڻي للڪنديون هلنديون پئي ويئون. سج جي لما شام وارن هلڪن ڪرڻن ۾ واريءَ جو وجود پئي جرڪيو...

گيت پورو ٿيڻ ڪانپوءِ ۽ ٻيڙيءَ ۾ ڪجهه وقت خاموشي هئي.

آڪاس جي سطح تي ڏيوري اڪرجندڙ ستارن جيان، مٺن ۽ سڪين جي وچ ۾ پڻ پڻ وڌڻ لڳي ... راڻي پنهنجي وجود ۾ موٽي آئي.

راڻا ونجهه پڪڙي ڏورو جهڪي، هيٺان ٻاٽيءَ مان ٻڪ ڀري، راڻيءَ طرف ڇنڊا اُڇليا ۽ شرارت سان پئي طرف ڏسڻ لڳي. راڻيءَ اکين سان ٺي چور پڪڙي ورتو.

ونود راڻيءَ جي پيرن وٽ ئي ويٺل هو يڪ ٽڪ راڌا طرف ڏسندي ذرا راڻيءَ طرف جهڪي چيائين، "استري پرش کان وڌيڪ چنچل آهي ... "

راڻيءَ ساڳيائي سورج مکي اَڌ کُــول مُٽي ڪيا. ونود ڏٺو ــ سندس من جي اندر اکرن جو مانــدان لهي پيو. جڏهن ٻه چپ هو ... "استريءَ جو بدن چنچل آهي پرش جو من ... !"

"ائين ناهي" ونود ڪڙو ٿــي ويٺو. سگريٽ جي اڇيل پڇڙيءَ کي ايش‌ٽريءَ جي ڪاٽ تي وسائي پاڻيءَ ۾ اڇلي چيائين، "نه ائين ناهي راڻي! مـــن استريءَ جو ٻه چنچل آهي."

"ءَ پرش جو ٻه؟... راڻيءَ؟ آءٌ مڃي جهگڙا ٿونا."

ونود هٿ سان ڄڻ ڪنهن غبار کـــي هٽائيندي چيو، "راڻي تومان ايتري هلڪڙائيءَ جي اميد نٿي ڪري سگهجي."

"ءَ ماحول مان؟"

"انڪان ٻه گهٽ."

"گذريل سال چوڻ چاهين ٿو ته مان پنڻ لاءِ تيار آهيان."

"راڻي ٺيڪ ٿي چوي استريءَ جـــو من ايڪاگر آهي،" چوڻ چنڊيچ شروع ڪيو، "شايد استري هڪ وقت هڪ ئي پرش کي پيار ڪري سگهي ٿي. ليڪن

پرش ساڳئي وقت گهڻين ئي استرين کي چاهي
سگهي ٿو."

"نبوس!" راڻيءَ پڇيو.

"تون ڏٺو هوندو شاديءَ کانپوءِ هر استريءَ جي
مرد ۾ اڪثر فرق اچي ويندو آهي. جيئن هڪ
سورج جي ڪرڻن جهڙي تازگي پرينديءَ مرد پهرين هن
وٽ رهندي آهي اها پوءِ هوءَ شايد پنهنجي لاءِ ئي
محفوظ رکندي آهي."

"معاف ڪجو راڻي! وچ ۾ ٿو ڳالهايان ... استريءَ
جي مرد سرڪ جون ڳالهيون اوهين سوچيو، مولکي
نه ولائت ۾ رهندي اهو آزمودو ٿيو آهي ته، پرش
هڪ وقت هڪ استري ماڻي سگهي ٿو، ٻي استري!
لاحول ولا .... ...."

چترڀج رام جي واس اي هٿ رکي چيو: "ڏس
رام تون آهين ڦڪڙ ۾ هن ماحول کي اپنائڻ نه ڪر.
پڇي ٻاهران چڪر هڻي آيو آهين ۽ مان داعوي سان
ٿو چوان هڙو پارٽي ۾ محبت سان پوپل گروپ ٿوکي
ڪٿي نه مليو هوندو ..."

رام کان پڪڙي چترڀج اڳيان جهڪي چيو،
"گرو تو ڪئيو .... پارٽي اسان لاءِ ته، هرڪا استري
راڻي ...."

راڻيءَ ترڇي نگاهه سان والد طرف ڏٺو جڏ ڏوراپو

ڏيئي رهي هئي، ڏس هيءُ آهي اهو ماحول، ڪنهن گهيٽو بدصف جو؟ ... ونود رام کي ڪنڌ کان پڪڙي چيو ”جهڪ هڻن چرڻن منجهه. ڪـن پڪڙ ڇڏ- ڪا ڪا اِستري راڻي آهي.“

”معافي.“ رام چيو ”بس راڻي ٿي راڻي ٿيندي آهي.“ سندس چوڻ جو انداز ڪجهه اهڙو هو جو سڀ کلڻ لڳا.

راڻي نه کلندي کلندي ڳاڙهي ٿي وئي. ونود مڪت نگاهه سان سندس طرف ڏسي رهيو هو. سندس اکين ان نظر سان راڻيءَ جي اندر ۾ پــراڏو ڪيو. ”ڪا ڪا اِستري راڻي آهي...“

راڻيءَ ڪجهه پاونا وس ٿــي. ڪجهه پڇي ورت ڌرم جي پالنا ڪندي چيو ”مان بابا راڻي ٻاڻي ڪانه آهيان منهنجو نه فقط نالو راڻي آهي ...“

ليڪن اِنهن چوندي راڻيءَ محسوس ڪيو سندس مک لي هڪ مڪمل ۽ ڪنواري مرڪ ٿهلي هئي جا چترنج طرف نهاريندي سندس چپن تان اڏامي وئي.

راڻيءَ انهي ڪاوڙ کي من ۾ ڳولڻ شروع ڪيو. ڦڪڙڪ - ڪلڄاڻي - گروپ جي ۽ چترنج ۽ راڻيءَ جي گهڻي عرصي کانپوءِ ٿي هئي ... ليڪن وچ کي ڪي ملاقاتن جا واقعا هئا، جي شايد منزل جا ڏاڪا

۽ ٻڌي سگهن ... سوچيندي راڻي چپ چاپ پاڻيءَ جي سطح طرف ڏسڻ لڳي.

ڪاليج جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ هڪ ڪويءَ مون کي شعر چيو هو جنهن جو مطلب هو:

'دک سان ٻڌل مرڪ همدردي جاڳائي ٿي- سنيهه سان ٻڌل مرڪ پريم داڳائي ٿي- چاهه سان اپيل مرڪ جسم کي جاڳائي ٿي- سونهن ۾ ٻڌل مـــرڪ من جي پکيئڙي کي آڪاس ڏي اڏائي ٿي ...'

گڏجاڻي پوري ٿيڻ وقت ان ڪويءَ راڻيءَ کي مرڪندو ڏسي چيو هو "۽ توهانجي مرڪ سڀني جذبن جو مطلب هجڻ سبب پـــرش ۾ راجـــا هجڻ جو ڀاءُ جاڳائي ٿي ..."

راڻيءَ هڪ ڀيري اها ڳالهه پنهنجي پتيءَ سان به ڪئي هئي. هن چيو هو "... ۽ اها مرڪ تون جڏهن مونکان سواءِ ڪنهن ٻئي پرش طرف اُڇليندي آهين، تنهن وقت هڪ درد ڀري اڪيلائي ۽ غصي جي ڀاونا جاڳائي ڇڏيندي آهين منهنجي من ۾ ..."

"ته مان اها سوغات ورهائيندي نـــ، ڦرنديس."

راڻيءَ انجام ته ڪيو هو. مگر انجام پاڙڻ مهل کيس ڪافي گهٽ محسوس ٿي.

وڏي شاهي گهر ۾ بيمار سس جي ليٽي رهڻ سبب مائي، ڌوٻياڻي، کير واري، ڪچرو کڻڻ واري

ٽيڪلي سان ڪيس ٺي ڳالهائڻو پوندو هو. پنهنجيءَ جسـا نوسعت، مٺ ماڻهن، پرش اِستريون، سڀ انهيءَ مرڪ جي ٺي نه ڏاڪي ۾ بدل هئا. راڻيءَ ڏٺو هو اهو انجام پاڻ لاءِ ڪيس ٻيا سگهه ڪلاب ٻڌڻو پوندو.

بيماري جي هڪ سخت ڏڏي رات جو، راڻيءَ جو جسم پنهنجيءَ جي پاڇهن ۾ هو. ڪنگهه جو دورو بند ٿي نه رهي ٿيو

هڪ ايڪس ري فوٽو ڪڍايو ويو. بلڪل هلڪو داغ هو ڦڦڙن ۾. مگر پنهنجيءَ جسي چهڙا اينٽري وڏي وڻڻي جو راڻيءَ کي ڪلاڻ ۽ خوش رکڻ لاءِ شرمان چرچن جي ڪهاڻن جا ڍير وٺي آيو.

ان بيماريءَ وقت چنريچ زال کي وٺي. هڪ پيري راڻيءَ جي نگاهه ڪوڙ آيو هو. و چڻ وقت چيو هئائين، ”راڻي! هڪويءَ جو ومارڪ ياد اٿيئي نه؟“

راڻيءَ پوءِ به ڪڏهن مرڪيو هو. چنريچ ڏورانهين پري نهار سان ڏسي هليو ويو هو. ان ڏورانهين ۾ راڻيءَ ڏٺو ... هوءَ بچي رهيو هو، ’ڇو ٻين کي واڄا محسوس ڪرائڻ ۾ تنهنجو ڪوئي نقصان ٿو ٿئي؟‘

نقصان ڪهڙو ٿو ٿئي، ڪنهنجو ٿو ٿئي، اهو سڀ پڌائڻ لاءِ مريادا جو الڳهن ڪرڻو پوندي ها، جنهن لاءِ راڻي تيار ڪين هئي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ واڌا اچي چيو، "راڻي اسون
پاڻ کي مرڻ هارڪي ٿي سمجهين ڇا؟"

"نه نه!"

"پوءِ اينڌي لمحا ڏيکارڻ جو مطلب؟"

"لمحا نه، ڪالهه پيٽي ڏيکاريان."

"۽ هوءَ مسز چٽرجي ڇا ڇا پيٽيءَ جو الڳ واڻي
ماڻهن کي؟"

"ڇا ٿي چوي؟"

"چوي ٿي، راڻي بيمار نه لڳي ٿي ٿڪيل ٿي؟
پاڻ اڳي کان به جوان پيٽي لڳي، سندس ڇاتيءَ تي
ڪپڙا ٺيڪ پيل آهن يا گهٽ وڌ، اهو نه مٺون سان
گڏ نگاهه ڪرڻ لاءِ آيل سندن استريون ٿي ڏسي
سگهنديون آهن." راڻيءَ چيو، "پاڻ لاءِ اهڙي واهيات
ڳالهه چوندر کي، مان زهري مگر چوڻ کان رهي نه ٿي
سگهان. مونکي نه بس ايترو ٿي معلوم آهي ته پنهنجي
پٽيءَ ۽ گهر کان جدا ٿئي ٿيڻ چاهيان، مسوحت کي
موٽائڻ جي جدوجهد ۾ مونکي پسڻ، ڪپڙن وغيره
جي ڪاٿي چاڻ ڪالهه وهي آهي..."

اوچتو پيرن ۾ ڇهندڙي محسوس ڪري راڻيءَ ڇرڪ
ڀريو. "پاڻيءَ لان اظر قيدي، راڌا جي ٽڙهي نظر؟
۾ رکڻ مان حوڪمت ڪهڙ کي ٽاڻي، راڻو ۽ ڇٽيءَ
مان ٿورا پکڙا ڪيڙي مٿس اڇلائي ڇڏيا.

ليڪن ... ليڪن چوويهه پاسي ۾ ويٺو هو، اجا به سندس سوال راڻيءَ جي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. 'لڳندو آهي تون مونکي نظرانداز ڪرڻ ٿي چاهين...' 'ڪنهن کي ڪنهن کي نه نظرانداز ڪري سگهي ٿو منهنجا مترا!' راڻيءَ دل ۾ چيو ۽ ڊگهو ساهه کڻي اٿي اٿي. ٻيڙي ڪناري لڳي چڪي هئي. سڀئي اٿي پيا ۽ لهڻ لڳا.

ٻيڙيءَ تان ڪناري تي ٽپو ڏيندي، راڻي اچي سڌير ۽ شانتيءَ جي پٺ ۾ پهتي. سندن گفتگو جو هڪ ٻه ٻڌي راڻيءَ چيو، "ڪهڙو سڀني هيروز کي پنهنجو پريتم سمجهندي هئي؟"

"مهاڪماريءَ لاءِ ٿو چوي" جواب شانتيءَ ڏنو.

"شايد انهن به هجي، جو هرڪو هيرو ڪيس پريتما جي اظهار ساڻ ٿي ڏسندو هجي ..." راڻيءَ سڌير طرف ڏسندي شرارت ساڻ چيو.

"سچ ٻڌايانءِ" سڌير گو شانتو ٿي، وڃهو اچي چيو، "خود مان پنهنجي اڌيڙ عمر ۾ رات رات جو سندس فوٽي کي چمندو هوس ..." شانتي ۽ راڻي خوب کلنديون اڳتي هلڻ لڳيون.

جهنگلي ٻهچري تان هلندي، شانتي ۽ سڌير اڳتي هلي ويا.

راڻي اڪيلي هلي رهي هئي. سروپ سندس پٺ

۽ اچي چيو، ”مان توهان سان گڏ هلان ٿي. توهان اڪيلا نہ ٿيندا.“

”مان؟ ... اڪيلي؟“ راڻيءَ ڪليو، ”منهنجي خوابي دنيا ڪڏهن مونکي اڪيلو ڇڏيو ئي ڪانهي.“

”تہ نہ هلان؟“ سروپ اهڃي ورتو.

”اڙي اڙي! توکي گڏ هلڻ کان ڪنهن منع ڪئي؟“ راڻيءَ سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.“

سروپ گڏ هلندي چيو، ”توهانکي خبر ناهي ڪيئن لڳي، مگر مان سچ ٿو چوان تہ هن گروپ ۾ اچڻ سان ئي، مون توهانکي آلائي ڇا ڇا سمجهو آهي!“

”آڇا!“ راڻي کلڻ لڳي.

”منهنجي رچيل هڪ ڪوتا ٻڌندا!“

”اَڙي! تون ڪيڏي مهل ڪوي ٿيڻ جي ڦندي ۾ ڦاٿين؟“

”بس ڦاسجي ويس ... “ هڪ ڏينهن مونکي اُڃ لڳي هئي. ڏٺم تہ آسين هڪ ٻڪڙ لاءِ اڪٺا هئاسين. مون چيو هو اُڃ اٿم، ڪيڏي لڳي آهي. ليڪن منهنجو آواز فقط توهانجي ڪنن ٻڌو ... توهان پنهنجي ٻيٽيءَ کي چيو، ”سروپ کي اُڃ لڳي آهي.“

”پاڻي تہ هتي ملڻ مشڪل آهي.“

”تہ ڪوڪو ڪولا ئي وٺي پيار ڏيوس.“ ۽ اُن وقت

ڏهر وڃي محسوس توهان لاءِ خبر ناهي ڪيتري راس
نه اچين پئي سوچيو."

"اڇا!"

"توهانجو انهن 'اڇا' چوڻ مونکي ڏاڍو وڻندو آهي. لڳندو آهي ڪنهن سدائي واري مندر ۾ گهنڊ پئي وڄيو!"

"ڪنهنجون نه نه؟" راڻيءَ جسي مکه مان هڪڙو مکس کل جو دائرو ڦهلجي ويو.

"ڏسو توهين انهن نه کلو. مونکي لڳي ٿو توهين منهنجو مذاق ٿا اڏايو."

"نه ڙي. مونکي نه پنهنجي ساراهه پڙهي، سا به تو بال گوپال وٽان، ڏاڍي خوشي پيئي ٿئي."

"توهان لاءِ سڀ دوست چوندا آهن ..."

"ڇا چوندا آهن؟ ڇپ ڇو ٿي وئين؟"

"چوندا آهن توهين ڪنهن تمام گهڻو پيار ٿا ڪريو...

... ۽ اهو شايد زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪشمت سهڻ جو نتيجو آهي ... !"

"پاڳل ..."

"ڪير؟"

"سڀني انهن سمجهڻ وارا."

"ها مان نه انهن ني تو سمجهان. سچ نه اهو آهي نه هرڪو توهانسکي پيار تو ڪري."

”نہ. سچ اهو آهي نہ پيار پر-وسچو آهي. مگر اهو منهنجن ڪشڻن جو نتيجو ناهي. اهو منهنجي ننڍي هوندي جي ڏرهي وايو منڊل ۾ پالڻا جو نتيجو آهي.“

”مطلب؟“

”مطلب ... ننڍپڻ عمر ۾ مونکي ڏرو پڪ-مت جيان اوم جي آڪار ۾ پرٿوي جي پوڄهن ڪرڻ سيکاريو ويو. مثال جيان پوڄيو پگهي ۾ لين رهي، پرٿوي جي هر پرش کي، ان انهن پرش جي داسي سمجهڻ سيکاريو ويو، جنهن اڳيان جنس جو ڪوئي پيد نہ رهندو آهي ...“

”ها ... ها ... اهو ئي سچ آهي ... توهانجي منهن جو ليبج نہ نہ ايندو پڙهل نہ هجو ها ... اف ڪيڏي غلطفهمي آهي ماڻهن وٽ توهان لاءِ!“

راڻي چپ چاپ هلندي رهي. سندس من ۾ وري وري پڙاڏو ٿي رهيو هو. ’اف ڪهڙي غلطفهمي آهي ماڻهن وٽ ...!‘

آڪاس جي اُتاهين ۾ پکي پراهون وڃي رهيا هئا. راڻي ۾ ڪي لکو سندس من جو پکي هئي، هن ماحول ۾ اڪيلو ٿي پيو آهي. شرمان، ٻاڪٽرن جي اوچتو سڏايل ميٽنگ ۾ شوڪ ٽيڪ لاءِ، مسوري ۾ ويل هو. راڻي کي سندس غير حاضري هن گهڙي ۾ خاص کٽڪي رهي هئي.

”توهين ڪلو ڇو نه ٿا ... “ سروپ اوچتو اٿندي چيو.

”ڀلا چاهيو ٿا جي؟“

”چاهيو ته راڳ ڪي جي ٻڌندي آهي. مگر توهين ... توهين ته .. “

سروپ جي پاولن ۾ آهڙي ته ڏوڙيءَ جي ٿوڪار هئي جو راڻيءَ کان سچ پچ کل جي ٿهاڙ ڇٽڪي ٿي.

”بس توهين ان طرح کلندا رهو ... “

”پهرين ٻڌاءِ توکي اِنعام ڇا ڏيو ملي ...“

”ملي ٿو ڪجهه.“

”مان ا، ته ٻڌان ... “

”ٻڌندا ... “ ذرا جهجهڪ سان، سروپ هڪ مرداڻي لهار راڻيءَ ڏي وڌي ۽ پلڪون جهڪائي چيو، ”توهين ڪلو ٿا ته موکي لڳي ٿو، هن ممبرا جي سڄيءَ جهنگلي گهاٽيءَ ۾ اُچن گلن جا اَنبار ڪڙي پيا آهن ... “

”ڪيڏن مهمن ڪانپور ايتري سٺي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ملي آهي! ... “ چوندي راڻيءَ جو من پکي ٻري ڪٽي سوچ جي گهاٽيءَ ۾ ڊوماڻو ڪاڙهڻ لڳو - شريمان راڻيءَ کي اَنجام کان مڪت ڀلي ئي ڪيو هجي، مگر چندر کي اُهين محسوس پئي ٿيو ته چانڊني بلڪل ٿڪي

ٿي ويٺي آهي ... ڄڻ ڪو ٻوٽو اُس ۽ هوا کان پري رکڻ سبب، ڪومائجي پيلو ٿي ويو هجي، تيئن ٿي لڳو. راڻيءَ کي پنهنجو من ... مگر هي ٻال گوپال! ”توهين ڪلو ٿا ته مونکي لڳي ٿو ته هن مهبرا جي سڃيءَ گهاٽيءَ ۾ اُهين گلن جا انبار ڪري پيا آهن!...“

راڻي ۽ سروپ چپ چاپ اُٿڻي وڏي رهيا هئا. اوچتو ٻنهي پاسي ٻن ماڻهن کي بيٺل ڏسي رڪجي ويا ...

”ڇو ڇا ٿيو؟“ راڻيءَ جي اکين ۾ سوال هو. سڌير ۽ شانتيءَ ٻنهي گڏجي ڳالهايو. پر ٻن طرفن کان آواز اچڻ سبب ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. سڌن چوڻ جو مطلب اهو هو ته هن راڻيءَ کي اڪيلو ڇڏي شرمان وتان ڏوراپو ٻڌڻ نه ٿي چاهيو ..

”پر مان اڪيلي ڪٿي آهيان، سروپ جو ساٿ آهي!“ راڻي چيو ۽ واود جيڪي پٺيان پٺي آيا، سي به سڀ راڻيءَ وٽ اچي رهيا ... ڇپڇپاٽ لڳي ويئي.

واود چيو، ”مان پڇي سگهان ٿو ته اهڙا هالٽنگ اسٽيشن ڪهڙي آهي؟ ...“

”ڪڏهن گاڏيءَ جي شنٽنگ ٿيڻي هوندي.“ راڻيءَ چيو.

”ولائت مان چڱو سڌرجي آيو آهين!“ چتريج
ٽوڪ هڻندي ۽ سڀ کلڻ لڳا.

اوچتو چتريج ۽ راڻيءَ جون نگاهون مليون ۽ راڻي مرڪي پيئي. سگريٽ کي پري اڇلي، چتريج چيو، ”دئٽ از اٽ (That is it)“.

ولود پڇيو ”مطلب؟“

”راڻيءَ سمجهو.“ چتريج جي نگاهه راڻيءَ جي چهري تي، ۽ خيال پري ڪٿي هو.

راڻيءَ کي لڳو هوءَ گهڻي وقت جي بيماري کائي، سنان ڪري، اُساڪڙي ۾ اچي بيٺي آهي.